جلد ١١، نمبر ٢
اپريل، مئي، جون
سال ١٩٦٢ع

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِه ماهي عِلمي ۽ ادبي رسالو



سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد، سنڌ



سنڌي نماءَ (چيروليءَ جا پُتلا، ويس ڊِڪايل)

ڀَنڀولا ڀنوهارِ کــي، عُمَرَ آڇ مَ توں،
وَرُ لوئيءَ جِي لُونْ، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

ـــ شاهه

# پاڪستان جي پريزيڊنٽ ڏانهن

## قومي اسيمبليءَ جي سنڌي ميمبرن جي يادداشت

"اسين اِنهيءَ ڳالهه تي نهايت ئي تشويش ٿا ظاهر ڪريون ته جيڪو علائقو هن وقت حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن تي مشتمل آهي، تنهن سان قومي انتظام توڙي ترقيءَ جي سيني ميدانن ۾ نهايت ئي بي انصافي ڪئي ويئي آهي، ۽ تمام نامناسب هلت هلي پيئي وڃي. حڪومت پاران اولهه پاڪستان جي مختلف علائقن جي هڪجهڙيءَ ۽ متوازن ترقيءَ ڏانهن جيڪو ڌيان ڏنو ويو آهي، تنهن جو اسين قدر ٿا ڪريون؛ پر هن ڳالهه تي افسوس ٿا ظاهر ڪريون ته اسان جي علائقي جي عوام جي خواهشن ۽ جذبن جي احترام ڪرڻ ۽ سنڌ جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ طرف ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو آهي.

"جن مقصدن کي خيال ۾ رکي اولهه پاڪستان کي يڪو صوبو بنايو ويو هو، سي، جيستائين اسان جي علائقي جو تعلق آهي، پورا نه ڪيا ويا آهن؛ ۽ جيڪي به وعدا ڪيا ويا هئا ۽ خاطريون ڏنيون ويئون هيون، تن جي پڻ پيچڪڙي ڪئي ويئي آهي. ملڪ جون مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون ظاهر ظهور نموني ۾ بي انصافيءَ ۽ بي اڪيائيءَ وارو برتاءُ ڪنديون رهيون آهن..."

"اسان جا عوام قدرتي طرح اِها آس رکيو ويٺا هئا ته ٻين علائقن جيان سنڌ جا جائز اُميدون به پوريون ٿينديون؛ مگر ڪين سخت مايوسي ٿي آهي—" [اقتباس]

صحيحيون:

(۱) مخدوم محمد زمان "طالب المولا"، (۲) غلام محمد وسان، (۳) غلام رسول شاهه جيلاني، (۴) غلام مصطفيٰ جتوئي، (۵) سيد امير حيدر شاهه، (٦) غلام قادر ڀنور، (۷) سردار غلام محمد خان مهر، (۸) دريا خان کوسو، (۹) بيگم مجيب النساءَ، (۱۰) محمد يوسف چانڊيو.

# ذريعهء تعليم، سنڌي زبان!

## اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جي ليڊرن جو مطالبو

"ڪجهه عرصي کان سنڌ جي شاگردن، صحافين ۽ عوام طرفان ملڪ جي تعليمي نظام ۾ سنڌي زبان جي اڳوڻي حيثيت کي بحال ڪرڻ بابت مطالبا ٿيندا رهيا آهن. تعليمي ڪميشن جي غير حقيقت پسندانه ۽ ناقابل عمل سفارشن سنڌيءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجين صلاحيتن سببان جنهن درجي جي هوءَ مستحق آهي، سو ڪانئس ڦري ورتو آهي.

"سنڌي سيني علائقائي زبانن کان وڌيڪ ترقي يافته زبان آهي، جنهن کي پنهنجو شاندار تاريخي ۽ ثقافتي ورثو آهي. هن وٽ پنهنجو رسم الخط، پنهنجي الف-ب، ۽ پنهنجو ادب آهي، ۽ موجوده علمي طور ترقي يافته زماني جي نون لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. سنڌي زبان گذريل اڍائي سؤ سالن کان وڌيڪ عرصي تائين پرائمري ۽ ثانوي سطح تائين تعليمي ذريعو، گذريل نوي سالن کان ثانوي تعليم جي مٿين درجن تائين تعليمي ۽ امتحاني ذريعو، ۽ گذريل ويهن سالن کان بي. اي. تائين امتحاني ذريعو رهندي آئي آهي.

"اسين، ان ڪري، حڪومت کان تقاضا ٿا ڪريون ته تعليمي ڪميشن جي مذڪور سفارشن تي ترت نظرثاني ڪئي وڃي، ۽ سنڌي زبان کي اصل درجو ڏنو وڃي، سنڌ جي شاگردن ۽ عوامي حلقي جو معقول ۽ جائز مطالبو قبول ڪيو وڃي."

صحيحيون:

(١) مسٽر محمود علي (نشنل عوامي پارٽي ليڊر، اوڀر پاڪستان)؛ (٢) مسٽر محمد هاشم گذدر؛ (٣) مير رسول بخش ٽالپر؛ (٤) ميجر افسرالدين، ميمبر نشنل اسيمبلي (اوڀر پاڪستان)؛ (٥) نوابزاده نصرالله خان، ميمبر نشنل اسيمبلي؛ (٦) مسٽر يوسف علي، موهن ميان (اوڀر پاڪستان)؛ (٧) مسٽر مسيح الرحمان، ميمبر نشنل اسيمبلي (اوڀر پاڪستان)؛ (٨) نواب خيربخش مري، ميمبر نشنل اسيمبلي (بلوچستان)؛ (٩) مسٽر شير محمد مري (بلوچستان)؛ (١٠) سيد امير حيدر شاهه، ميمبر نشنل اسيمبلي (سنڌ)؛ (١١) مسٽر محمد ايوب کهڙو، سابق وزير دفاع پاڪستان؛ (١٢) قاضي فضل الله، سابق وزير اعليٰ سنڌ؛ (١٣) مسٽر مولا بخش سومرو، سابق وزير سنڌ؛ (١٤) آغا غلام نبي، سابق وزير سنڌ؛ (١٥) قاضي فيض محمد، وڪيل؛ (١٦) مير غلام علي ٽالپر، ميمبر نشنل اسيمبلي؛ (١٧) مسٽر غلام محمد وساڻ، ميمبر نشنل اسيمبلي؛ (١٨) مسٽر غلام مصطفىٰ پرڳڙي؛ (١٩) شيخ عبدالمجيد سنڌي؛ (٢٠) مسٽر زين الدين خان؛ (٢١) مسٽر محمود الحق عثماني، ميمبر نشنل اسيمبلي. [٢- آڪٽوبر، ١٩٦٢ع]

# سنڌي، سرڪاري زبان!

## سنڌي دانشورن جو مطالبو

”اسان تعليمي ڪميشن جي رپورٽ غور سان پڙهي آهي، خاص طرح آهو حصو، جنهن جو واسطو ملڪ جي نئين تعليمي نظام ۾ سنڌي زبان جي استعمال ۽ حيثيت سان آهي.

”اسين اِن سلسلي ۾ انهيءَ مطالبي جي پُرزور تائيد ٿا ڪريون، جيڪو سنڌي شاگردن، استادن، اديبن ۽ سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ مختلف جماعتن طرفان زوردار نموني ۾ پيش ٿيندو رهيو آهي.

”اسان کي يقين آهي ته

”(١) سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ ڇهين درجي کان وٺي سنڌيءَ جي لازمي تعليم ختم ڪري ڇڏڻ سان، سنڌي زبان جي ادبي مستقبل جا سمورا دروازا بند ٿي ويندا.

”(٢) ٽئين درجي کان اڙدو جي لازمي تعليم شروع ڪرڻ، جڏهن اُن وقت جي ستن سالن واريءَ ڪچيءَ اوستا ۾ اجا ٻار کي خود پنهنجي مادري زبان ۾ به پڙهڻ ۽ لکڻ جو حوصلو ڪونه هوندو آهي، سا ڳالهه نه رڳو سنڌ جي تعليمي صورتحال موجب ناقابل عمل آهي، بلڪ تعليمي لحاظ کان به سراسر خام ۽ بي بنياد آهي. تيرهن هزار سنڌي پرائمري ماسترن کي يڪلخت نوڪريءَ مان ڪڍي، انهن جي جاين تي اڙدو ماسترن کي ڀرتي نٿو ڪري سگهجي، ۽ نه وري انهن کي نئين سر پڙهائي ايترو ماهر ٿو بنائي سگهجي جو هو موثر نموني سان هاڻي اڙدو ماستري ڪرڻ لڳن.

”(٣) ڇهين درجي کان سنڌيءَ ذريعي تعليم ڏيڻ جو سرشتو يڪلخت ختم ڪري ڇڏڻ، ۽ ان بدران اڙدو ذريعي سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن کي تعليم ڏيڻ، جڏهن هو اڙدو ۾ معمولي ابتدائي تعليم، فقط ٽي سال، رڳو ٽئين ۽ چوٿين ۽ پنجين درجي ۾ حاصل ڪري سگهيا هجن، ۽ سا به غير موثر نموني ۾، سو هڪ اهڙو قدم آهي، جيڪو سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن کي تعليمي فائدن کان مڪمل طرح محروم رکندو، ۽ هو اُنهن ٻارن جي مقابلي ۾ پنهنجي ذهن ۽ شعور جي آزادانه تربيت ۽ ترقيءَ توڙي چتاءِ پڻيءَ جي مڙني مرحلن ۾ سخت نقصان هيٺ ايندا، جن جي مادري زبان اڙدو آهي، يا جيڪي انگريزي دور کان وٺي، پنهنجيءَ ٻاراڻيءَ اوستا کان ئي اڙدوءَ ذريعي تعليم وٺندا رهيا آهن.

”(٤) سنڌي زبان کي زبردستيءَ اهڙين حالتن ۾ مبتلا ڪرڻ، جن ۾ ان جي ٻوساٽجي، بيزور ۽ بيدم ٿي، آخرڪار هڪ تهذيبي ترقيءَ جي وسيلي هجڻ واريءَ حيثيت طور فنا ٿي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به نتيجو نڪرڻو ناهي، ۽ پوءِ وري اها دعوا ڪرڻ ته سنڌي زبان کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ سرڪار گهڻو ڪجهه ڪري رهي آهي، ۽ ان سلسلي ۾ سرڪاري امداد حاصل ڪندڙ هڪ-اڌ ادبي ادارن — جهڙوڪ سنڌي بورڊ، خواهه ٻين به ڪيترن ادارن — کي سنڌي

# "سنڌي ادبي بورڊ" جو ٺهراءُ

"اڙدو جي قومي زبان طور اهميت کي محسوس ڪندي، هيءُ 'بورڊ' قومي تعليمي ڪميشن جي عمل هيٺ ايندڙ انهن سفارشن کي خلوص دل سان ساراهي ٿو، جن مطابق سيني شاگردن لاءِ اڙدو کي (١) مڊل، اعليٰ ۽ اعليٰ ثانوي درجن لاءِ هڪ لازمي ايپاسي مضمون، ۽ (٢) بي.اي. لاءِ هڪ اختياري مضمون ٺهرايو ويو آهي.

"بورڊ کي، بهرحال، ڪميشن جي انهن سفارشن ۾ ڪو فائدو نظر نٿو اچي، جن جي بنياد تي،

(الف) تسليم شده تعليمي اصولن جي اُبتڙ، جيڪي ٻارن کي سندن مادري زبان ذريعي سکيا ڏيڻ جي حمايت ڪن ٿا، اڙدو کي پرائمري سطح تي هڪ لازمي مضمون طور متعارف ڪرايو ويو آهي؛ ۽

(ب) تجويز ڪيو ويو آهي ته اڙدو زبان، عبوري مدت بعد، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي سطح تي تعليمي ۽ امتحاني ذريعي طور سنڌيءَ جي جاءِ والاري.

"انهيءَ نازڪ مسئلي تي هن علائقي جي شاگردن، مائٽن ۽ عام خلق جي احساس جي ترجماني ڪندي، بورڊ جي زوردار راءِ آهي ته مٿيون سفارشون، قومي مفادن کي محسوس ڪرائڻ بجاءِ، متاثر ٿيندڙ ماڻهن کي تعليمي اختياريءَ وارن خلاف مسلسل شڪايت جو موقعو ڏينديون.

"...سنڌي زبان کي پنهنجي موجوده درجي ۽ انهيءَ اهم مقام کان محروم ڪرڻ سان، جيڪو مقام ڪيس هن علائقي جي ثقافتي نظام ۾ حاصل آهي، حڪومت سنڌي ڳالهائيندڙ عوام جي احساسن کي مجروح ڪندي، ۽ ڪين ون يونٽ اندر پنهنجي حيثيت ۽ ترقيءَ بابت غير سلامتيءَ جو بيجا احساس ڏياريندي.

"انهن حالتن جي مدنظر، سنڌي ادبي بورڊ گذارش ٿو ڪري ته هن علائقي ۾ زبان جي مسئلي تي نظرثاني ڪئي وڃي، ۽ تجويز ٿو ڪري ته

(١) سنڌيءَ جي موجوده تعليمي ۽ امتحاني حيثيت برقرار رکي وڃي؛ ۽

(٢) اڙدو کي پرائمري سطح تي ٻارن لاءِ لازمي نه سمجهندي، ان کي نئين تعليمي نظام ۾ ڇهين کان ٻارهين درجي تائين، يعني ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي سطح تي، هڪ لازمي مضمون طور متعارف ڪيو وڃي." [اقتباس]

[٦-آڪٽوبر، ١٩٦٢ع]

# عثمان علي انصاري

ولادت: ۲۱- آکتوبر ۱۹۰۱ع          وفات: ۲- سیپټمبر ۱۹٦۲ع




رفتید ولے نه از دل ما

# مهراڻ

٣- ڪئنٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ

ساليانو چندو
پاڪستان لاءِ ١٠ رپيا
ولايت لاءِ ١٢ رپيا

في ڪاپي
پاڪستان لاءِ ٣-٠٠ رپيا
ولايت لاءِ ٣-٥٠ رپيا

اشتهار في صفحو ١٠٠ رپيا

Printed and Published by the Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book-stall. 3-Cantonment Hyderabad, Sind.

•

ويهان ڪٺن ماٺ ڪري، هيڏو سُور سَهِي!
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، ساريان ڪونہ سَهِي!
صبح ڏونگر ڏوريان، ڪٿهن ڀر رات رهي؛
وڃ، پيرن، آءٌ جهنديس تان نہ جَتن ري!

(لطيف رحہ)

واهُڙَ، وَهين مَ شالَ، سُڪي ٻيلاڙيون ڏيين،
پسان ڏنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لُوٽَ، لِيارَ،
جُه ڏسو سڀ جمار، آسائتيون ٻوڙيون!
(لطيف رحہ)

# گذارش

## ادب ۽ اخلاقيات

موجوده علمي ۽ ادبي دور ۾ 'ادب ۽ اخلاقيات' هڪ اهم موضوع بنجي چڪو آهي. هن دور جي نقادن، پنهنجي پنهنجي مخصوص ۽ ذاتي نقطہ نظر سان اِن بابت گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.

اسان جا نقاد ٻن گروهن ۾ تقسيم ٿيل آهن: هڪڙا آهن قدامت پسند ۽ روايت پرست نقاد، ۽ ٻيا آهن مارڪسزم جا ترجمان ۽ داعي. ٻنهي گروهن جي خيالن ۽ نظرين ۾ وڏو فرق آهي. قدامت پسند گروهہ زياده تر پراڻين روايتن ۽ فني قدرن کي ئي ڇهڻيو ٿو اچي، ۽ ادب ۽ سماج جي بدلجندڙ قدرن ۽ فني ارتقا جي جدّت پذير اصول کان ناآشنا آهي. انهن جو ادبي مطمح نظر قديم الايام کان پيدا ٿيل فني ۽ اخلاقي شعور آهي، جو هر هڪ تاريخي پس منظر کان اثر وٺندي، هر سماجي طبقي کان 'توارث' طور هلندو ٿو اچي. ان توارث کي هڪ 'مقدس روايت' جي حيثيت ملي چڪي آهي. ٻيو گروهہ جدت پذير قدرن کان متاثر آهي. اهو سماج جي ارتقائي شعور کي تاريخي جدليات، بلڪ مادّي جدليات جو مظهر ٿو سمجهي، ۽ ادب خواهہ فن ۽ اخلاق جي پراڻن قدرن کي جديد سماجي تقاضائن جي روشنيءَ ۾ پرکڻ ٿو گهري: هو انسان جي جديد قدرن، فڪري ۽ سماجي تقاضائن، تاريخي ۽ مادي جدليات ۽ طبقاتي ڪشمڪش کي مذهبي ۽ اخلاقي، ديني ۽ ذرسي، علمي ۽ فني، قدامت پسندانہ 'مقدس روايتن' تي ترجيح ٿو ڏئي. اهو گروهہ انساني فڪر جي ارتقا لاءِ جديد سائنسي اڪتشافات ۽ ايجادات کي هڪ انقلاب پسند ۽ ارتقاپذير قدم ٿو سمجهي. بهرحال، اسان جي ٻنهي تنقيدي گروهن جا پنهنجا پنهنجا نظريا آهن، ۽ پنهنجا پنهنجا دليل دلائل آهن. انون ٻنهي گروهن جي وچ ۾ محاڪمو ڪرڻ، اسان جي مقصد کان بعيد آهي.

سڀ کان اول 'ادب' جي تعريف، ۽ ان سان گڏ 'اخلاق' جي تعريف متعين ڪرڻ ضروري آهي. افسوس اِهو آهي تہ هن مسئلي ۾ بہ اسان کي ٻنهي طبقن جي خيالات ۽ نظريات سان واسطو پوي ٿو.

'ادب' جي هڪ اها تعريف آهي، جا جاگيردارانہ دور جي پيداوار آهي، جنهن ۾ ادب امير ۽ حاڪم طبقي جي ذهني تعيّش لاءِ آلڪار ٿي ڪم آيو آهي، ۽ زياده تر بادشاهن جي درٻارن ۾ پيدا ٿيو، ۽ ارتقا ڪري، هڪ مقدس روايت، ۽ مخصوص فن، مخصوص اسلوبِ بيان ۽ مخصوص لغوي تعبير تائين پهتو. ان دور جي شاعري ۽ افسانہ طرازي اڄ بہ موجود آهي.

ان متعلق اسان جي مذهبي گروهه جو چوڻ آهي ته ادب کي مذهبي اخلاقيات جي حدن اندر رهڻ گهرجي. پر ٻين جو چوڻ آهي ته ادب پنهنجي جامعيت جي لحاظ سان وسيع الاطراف آهي: ادب جي جامع تعريف ۾ خود مذهبي ۽ اخلاقي اصول، هڪ جزءِ فرع جي حيثيت سان، شامل آهن، ۽ ادب کي جامعيت ۽ ڪُليت جي حيثيت حاصل آهي: ٻيا سڀ اختلافات، علمي ۽ اخلاقي مباحث، فروعات ۾ شامل آهن، ۽ پنهنجي پنهنجي مخصوص ۽ محدود، تاريخي ۽ مذهبي روايات، طبقات ۽ سماجي اثرات جي پيداوار آهن، پر ادب هڪ آفاقي ۽ عالمي، همه گير ۽ عالمگير تنقيدي زاويه نگاهه آهي، جو هر دور جي تقاضائن آهر ارتقاپذير به آهي ۽ تغيّرپذير به: ان جي مقابلي ۾، ٻيا سڀ فروعي قدر جامد محض آهن: ادب نه آهي، جو عالمي ۽ آفاقي حيثيت سان زندگيءَ جي صحتمند ۽ ارتقاپذير قدرن سان همآهنگ به رهي ٿو، ۽ تغيّرپذير به، ۽ ان سان گڏ حرڪت پذير به ثابت ٿئي ٿو.

جڏهن ته انساني فڪر ۽ شعور خود ان سان گڏ جامد نه آهن، علوم و فنون جي اڪتشافات ۽ ايجادات جي ڪري نئين سج نيون نگاهون ۽ ڪسوٽيون پيدا ٿينديون رهن ٿيون، تڏهن انهن جو ادب به هردور ۾ نئون رهي ٿو — نوان تجربا، نوان نظريا، نوان انداز ۽ نوان معيار، بلڪ موضوعات به نوان ٿا پيدا ٿين، ۽ مسائل ۽ مباحث به نوان.

ان ايتري بحث جي روشنيءَ ۾ اهو صاف نظر ايندو ته ادب خود اخلاقيات تي غالب ۽ حاوي آهي: ادب محض اخلاقيات جي مقدس سماجي رسمن ۽ قدرن جو نڪو غلام آهي، نڪو محتاج.

اهوئي سبب آهي جو هڪ هندو اديب: رڳو هندوازم جي تبليغ ڪري، 'هندو اديب' بنجي نٿو سگهي: نڪو هڪ مسيحي اديب، مسيحيت جي تبليغ ڪري، 'مسيحي اديب' ٿو سڏائي سگهي: ۽ نڪو هڪ مسلم اديب، اسلامي تبليغ ڪري، 'مسلم اديب' سڏائي ٿو سگهي. اديب اول به اديب آهي ۽ آخر به اديب — فقط سندس 'اديب' هجڻ جي حيثيت ئي خصوصي ۽ حقيقي حيثيت رهندي، جا عالمي به آهي ۽ آفاقي به.

ممڪن آهي ته منهنجي مذڪورةالصّدر بحث سان ڪا غلط فهمي پيدا ٿئي. لهذا ان تعريف جي تائيد ۾ هن دور جي وڏي عالم ۽ مفڪر، مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي جي تصريحات کي پيش ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان. مودودي صاحب ان مسئلي متعلق گفتگو ڪندي فرمائي ٿو:

"هيءَ ڳالهه ته ادب کي اسلام ۽ غير اسلام جي تفريق کان بلند هئڻ گهرجي، هڪ لحاظ کان درست آهي: ان لاءِ، جو ادب جو ڪوبه مذهب نٿو ٿئي، بلڪ اديب جو مذهب ٿيندو آهي."

ان کي مودودي صاحب اڳتي هلي هن طرح مثال ڏيئي بيان ڪيو آهي:

"ان کي هن طرح به سمجهي سگهجي ٿو. پهلوانيءَ جو فن يا سپهگري وغيره بذات خود نڪو اسلامي آهن، نڪو غيراسلامي. هي آهي فن آهن، جن جو پنهنجو ڪوبه

نيت ۽ برو اراد و حمل وٺي ٿو، ان جي نتيجي ۾ لازمي طور اها ئي چيز پيدا ٿيندي، جا انهن سڀني مضر چيزن تي مشتمل هوندي." ("چراغ راه")

مودودي صاحب جو چوڻ آهي ته اديب پنهنجيءَ فطرت جي تقاضائن موجب ادب جي تخليق ڪري ٿو. اهو به ظاهر آهي ته انسان ۾ صالح فطرت به ٿئي ٿي ۽ غير صالح به. پر اهو ڪونه صاف ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪو اديب "غير صالح فطرت" جو آهي ۽ تخليقي طور فساد ٿو پيدا ڪري ته پوءِ ان جو جوابده ۽ تلاهي ڪير؟ صالح ۽ غير صالح فطرت جي پيدائش ڪيئن ٿي؟ هڪ 'صالح فطرت' سان چاڙو ۽ ٻيو 'غير صالح' فطرت سان، اهو فرق ڇو؟

دراصل اهو مسئلو علم الحيات سان وابسطہ آهي. آبا و اجداد کان ورثي ۾ مليل متوارث اثرات ۽ ماحول جي تربيت سان ئي انسان ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جو روح پيدا ٿئي ٿو، ورنه هرهڪ انسان 'صالح فطرت' تي پيدا ٿئي ٿو: پوءِ اڳتي هلي منجهس آبا و اجداد کان ورثي ۾ مليل 'متوارث اخلاقي جوهر' به ڪُٺلن ٿا، ۽ سندس ماحول جي تربيت ۽ زنده عزيزن ۽ دوستن جي صحبت مان به ڪيس ڪجهه حصو ملي ٿو. گويا، هڪ غيرصالح فرد جي 'غيرصالح فطرت' لاءِ آبا و اجداد جو 'متوارث' ورثو، ۽ سندس زنده عزيزن ۽ دوستن جي صحبت ئي جوابدار آهن. ان طرح، نفسياتي ۽ جنسياتي اثرات به انئين منتقل ٿيندا رهن ٿا.

اهڙن متوارث اثرن کان اديب به بچي نٿو سگهي. اهو هڪ قسم جو 'جبر' آهي، جو انساني فطرت ۾ سرايت ڪري ٿو وڃي، ۽ جبلي طور هڪ انسان غير صالح عناصر ۽ اثرات کٽي ٿو وڃي، ۽ پوءِ غليظ ۽ گمراه معاشري ۾ رهي، اڃا به زياده غير صالح ۽ گمراه ٿو بنجي ـــ البته صالح معاشري ۾ سندس غيرصالح فطرت ۾ اصلاح ٿي سگهي ٿي.

اهو ئي سبب آهي جو هن معاشري کي صالح ڪرڻ لاءِ جا به ڪوشش ڪئي ٿي وڃي، سا دراصل آئنده نسلن جي "اصلاح ۽ صالحيت" لاءِ پيش بيني ئي سمجهڻ گهرجي.

ان کان پوءِ اديب جي فني خوش اسلوبيءَ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. فني اسلوب نه فطرتِ صالح جي پيداوار آهي، ۽ نه مذهبي تعليم مان پيدا ٿئي ٿي. هڪ گمراه يا غلطڪار ماڻهو به فني حيثيت سان بهترين اسلوب پيدا ڪري سگهي ٿو، ۽ پنهنجي خوش رنگ ۽ پرجوش تحريرن سان فساد پيدا ڪري، پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ اديب به ليکجي ٿو.

اسان کي اهو ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙي اديب جي قلم سان پاڪيزه جذبات پيدا ٿين ٿا، ۽ فڪري شعور جي بلنديءَ ۽ ارتقا جو سامان ڪهڙي اديب جي تحريرن سان پيدا ٿئي ٿو. اهو ظاهر آهي ته 'صالح فطرت' جي ترجمانيءَ سان فڪر و نظر ۾ وسعت ۽ صالحيت پيدا ٿيندي، ۽ غير صالح جي قلم مان فساد انگيز تحريرون جنم وٺنديون. پوءِ ڀلي ته غير صالح ماڻهو هندو هجي يا مسلمان، يهودي هجي يا مسيحي؛ ۽ ان جي مقابلي ۾، صالح فطرت وارو ڀلي ته غيرمسلم ئي هجي، ڪافر هجي، يا دهريو ۽ ملحد هجي، پر ان جي فطري ۽ جبلي صلاحيت

سهروردیہ. ڪن عالمن حضرت لعل شهباز جيي نسبت 'سهروردیہ' بيان ڪئي آهي.

"تذڪرة الفقراء" جو صاحب لکي ٿو:

"سهروردیہ طريقي جي مختلف شاخن ۾ 'لعل شهبازیہ' گروهہ بہ شامل آهي. ان شاخ جو آغاز حضرت لعل شهباز رحہ کان ٿيو آهي". فرمائي ٿو: "نیز بچند واسطہ درمیان بذریعہ شیخ عثمان لعل شهباز بخانوادہ سهروردیہ منتهي مي شود."

ان طرح حضرت شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي رحہ تائين هن طرح پڻ نسبت بيان ڪئي ويئي آهي:

"شيخ عثمان مرندي لعل شهباز، مريد شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني رحہ، مريد شيخ شهاب الدين سهروردي."

هن نسبت متعلق مورخن ۽ محققن ڪابہ علمي ۽ تحقيقي سنَد بيان نہ ڪئي آهي تہ آيا حضرت لعل شهباز رحہ، حضرت بهاءالدين زڪريا رحہ جا مريد هئا يا نہ؟ البتہ صحبت ڪئي اٿن، جنهن کي "معاصرانہ صحبت" چئي سگهجي ٿو.

ڪن بزرگن حضرت لعل شهباز رحہ کي حضرت شاهہ جمال مجرد جو مريد لکيو آهي، ۽ اهو بزرگ شاهہ ابراهيم جو مريد پڻ لکيو ويو آهي؛ پر ڪي محقق لکن ٿا تہ حضرت لعل شهباز بابا ابراهيم ڪربلائيءَ جو مريد هو. "تذڪره مشائخ سنده" جي صاحب ان تحقيق کي ترجيح ڏني آهي؛ پر "خزينة الاولياء" جي صاحب، حضرت لعل شهباز کي شيخ جمال مجرد جو مريد بيان ڪيو آهي. والله اعلم باالصواب. ان متعلق عالمن کي صفائي ڪرڻ گهرجي.

منشيات و مسڪرات. "خزينة لاولياء"، "معارج الولاية" جي حوالي سان آندو آهي تہ

"چون جذب و مستي بغايت داشت، پابند احکام شرع نہ بود، وطريقہ ملامتيہ پيش نظر داشت، و در نظر مردان بشرب اکل مسڪرات و مڪيفات مصروف ماندي و آب گياه خمر (ڀنگ) بسيار بنوشيدي."

"يعني پاڻ سپتيءَ جي جذب ۾ فنا هئا ۽ شرع جا پابند نہ هئا، ۽ سندن طريقو ملامتي هو، ۽ پاڻ نشہ آور چيزون، ڀنگ وغيره گهڻي استعمال ڪندا هئا."

ان جي اصل روايت کي ڪنهن بہ محقق ۽ علامہ تسليم نہ ڪيو آهي. ان روايت کي خزينة الاوليا، معارج الولاية، تذڪرة الانساب، رياض الاولياء، تذڪرة الفقراء، برڪات الاولياء، اخبار الاولياء ۽ تاريخ الاولياء ۾ بہ ڪنهن محققانہ سَنَد سان نہ آندو ويو آهي.

ان طرح، سنڌ جي محقق مرزا قليچ بيگ بہ "حالات اولياء" ۾ اها ساڳي روايت آندي آهي، ۽ اردوءَ جي مشهور اديب نوراحمد فريديءَ بہ بهاءالدين زڪريا رحہ جي سوانح عمريءَ ۾ مٿين روايت آندي آهي؛ حالانڪ حضرت لعل شهباز رحہ شرع جو پابند هو، ۽ قادري ۽ سهروردي نسبتن جو جامع، عالم دين ۽ شيخ طريقت هو. تڏهن تہ چيو ويو آهي:

اهـل دل، عارف معارف حق، صاحب وجد، تارڪ مطلق،
صاحب حال، ڪامل ابدال، محرم خلوت، حريص وصال،
بحر عرفان، ڪنوز دانائي، سهر ايقان، چراغ بينائي.

ملامتيه. معلوم ٿئي ٿو ته سندن 'ملامتيه' طريقي کي ڏسي، سيني کي مغالطو ٿيو آهي: حالانڪ حضرت سيد علي هجويري، لاهوري، پنهنجي شهره آفاق تاليف "ڪشف المحجوب" ۾ صوفياي ڪرام جي طبقات کي بيان ڪندي، 'ملامتيه' مشرب متعلق صاف صاف لکيو آهي ته "ان مشرب وارا پابند شرع، پرهيزگار ۽ متقي بزرگان دين ٿين ٿا؛ البته اهي پنهنجي 'باطني مقام ۽ حال' کي ظاهربين نظرن کان اخفاء ۽ حجاب ۾ رکڻ لاءِ، ظاهري طور شهرت ۽ نمائش کان احتراز ڪندا آهن. باقي شرع جي خلاف هلڻ ته 'زندقه ۽ الحاد' آهي، ان کان صحيح الحال صوفياي ڪرام محفوظ آهن."

ان حيثيت سان، حضرت لعل شهباز رحه سرخ لباس پهريندا هئا، جنهن نسبت سان کين سندن مرشد 'لعل شهباز' لقب عطا ڪيو: اهو لباس ئي سندن 'ملامتيه' هو. ان جو ثبوت سيني محققن ۽ سوانح نگارن وٽ موجود آهي:

"و لباس سرخ داشتي، و خطاب 'شهباز' از پيشگاه پير روشن ضمير بوے عطا شده بود، و در خلق بسبب 'طريق ملامتيه' وے به حضرت 'شهباز' قلندر اشتهار يافت."
("تذڪرة الانساب"، ص ١٠١)

اميد ته حضرت لعل شهباز قلندر رحه جي ملامتيه مشرب متعلق غلط فهمي دور ٿي ويندي. نڪو پاڻ شرع جي خلاف هئا، نڪو منشيات ۽ مسڪرات جو استعمال ڪندا هئا. پاڻ "قادريه" ۽ "سهرورديه" نسبتن جا جامع هئا، ۽ هڪ "قلندريه شهبازيه" طريقي جا باني هئا. بقول سعدي رحه:

مپندار سعدي ڪه راه صفا،
توان يافت جز درپئے مصطفیٰ.

تصوف ۽ ان جي حقائق ۽ معارف کان بيخبريءَ ۽ لاعلميءَ جي ڪري، اهڙيون لغو ۽ غلط روايتون بزرگان دين ڏانهن منسوب ڪيون ويون آهن، ورنه ڪو به اهل طريقت خلاف شرع نه رهيو آهي، ۽ نڪو پنگ نوش ۽ شرابخور ماڻهو اهل تقوىٰ عارفن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ان متعلق فتوح الغيب، امام رباني جي مڪتوبات، ڪشف المحجوب، عوارف المعارف، حجة الله البالغه ۽ احياءالعلوم کي مطالع ڪري، تصوف ۽ ان جي مقامات متعلق صحيح معلومات حاصل ڪرڻ گهرجي.

## آه، عثمان علي انصاري!

هيءَ خبر سنڌي ادب لاءِ وحشت اثر ثابت ٿيندي ته سنڌي ادب جو هڪ اديب، عالم، مخلص ۽ محقق، جناب عثمان علي انصاري، ٢-سيپٽمبر ١٩٦٢ع تي، ڪراچيءَ ۾، داعيءَ اجل کي لبيڪ چئي، هن دار فانيءَ کان موڪلائي، عالم جاودانيءَ ڏانهن راهي ٿيو. انا لله و انا اليه راجعون.

پتشاهه جي ثقافتي اجتماع جا باني ميانيءَ به پاڻ اهن. هن وقت لطيف يادگار ڪميٽيءَ جا چيئرمن آهن. پاڻ پاڪستان پاران اسپين ۾ سفير به رهي چڪا آهن. اسپين کان واپس اچڻ کان پوءِ ڪراچي امپروميںٽ ٽرسٽ جا چيئرمن مقرر ٿيا، ۽ ان کان پوءِ ائگريڪلچرل بئنڪ آف پاڪستان جا چيئرمن ٿيا.

شاهه صاحب جي علمي ۽ ثقافتي زندگيءَ لاءِ شاهه لطيف جا ساليانا ميلا، لطيف يادگار ڪائونسل، لطيف ثقافتي مرڪز، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، مدرسة البنات، حيدرآباد، سنڌي مرڪزي بورڊ (جو اڄ سنڌي ادبي بورڊ آهي)، هڪ تاريخي يادگار جي حيثيت رکن ٿا.

پنهنجي ادب ۽ ثقافت جي خدمت جي سلسلي ۾ ادبي بورڊ جي خدمت لاءِ اعزازي سيڪريٽري ٿي اچڻ، سندن مخلصانه ايثار جو ثبوت آهي. دعا آهي ته شال سندن وسيع تجربي مان نه فقط بورڊ مستفيد ٿئي، پر سنڌي ادب ۽ ثقافت کي به زندگي بخش رونق نصيب ٿئي.

## سنڌي زبان جا مسئلا

سنڌي زبان پنهنجي علمي، ادبي ۽ لغوي سرمايي ۽ معيار جي حيثيت سان مغربي پاڪستان جي سيني زبانن کان ممتاز ۽ منفرد آهي. سنڌيءَ جي مقابلي ۾ پنجابي، ملتاني، سرائڪي، پشتو، بلوچي ۽ گجراتي زبانون نڪي علمي آهن، نڪي فني. سنڌي زبان جا ڪيئي ادبي شاهڪار بين الاقوامي حيثيت حاصل ڪري چڪا آهن. ان سان گڏ، سنڌي زبان هڪ سؤ سالن کان سنڌي قوم لاءِ ذريعه تعليم رهندي آئي آهي.

علائقائي زبانن جي اشاعت ۽ ارتقا جي سلسلي ۾ گورنمينٽ جي پاليسي هميشه معتدل ۽ متوسط رهندي آئي آهي. گورنمينٽ ڪڏهن به غيرقانوني طور زبانن جي علائقائي ترقيءَ جي راهه ۾ سد باب نه ٿي آهي. گورنمينٽ، پنهنجي هڙئون وڙئون، مختلف ادارن کي گرانٽ به ڏيندي آئي آهي. ان مان ثابت آهي ته گورنمينٽ جو مطمح نظر تعميري آهي. مگر افسوس اهو آهي ته تعليمي ڪميشن جي رپورٽ، جا هڪ خاص مقصد کي مدنظر رکي بنائي ويئي هئي، ان جي مرتب ڪرڻ وارن، حقائق ۽ حالات، بين الاقوامي لساني مسائل ۽ تعليمي قدرن جي خلاف قدم کڻي، پوري پاڪستان ۾ هڪ ذهني اشتعال ۽ فڪري بغاوت پيدا ڪري ڇڏي آهي. باالخصوص، سنڌي زبان جي مسائل کان بيرخيءَ ۽ تجاهل جي جيتري به مذمت ڪجي، اها ٿوري آهي.

مارشل لا هٽڻ کان پوءِ، ان سلسلي ۾ احتجاج بلند ڪندي، اخبارن ايڊيٽوريل لکيا آهن، عالمن ۽ اديبن اپيلون شايع ڪيون آهن، ملڪ جي محب وطن مهندارن تشويش جو اظهار ڪيو آهي، مختلف هنڌن تي، انفرادي ۽ اجتماعي طور، علمي ۽ ادبي اجتماعن ۾ اهڙا ريزوليشن پاس ڪيا ويا آهن، مگر افسوس اهو آهي ته اهڙين متفق ۽ همه گير گذارشن تي ڪوبه توجهه نه ڏنو ويو آهي.

• ڏُونگر نہ ڏوري، سِڪڻ جون سَڏون ڪري،
ويٺِي گَھرِ گھوري، مٿان پرينءَ جِندڙو!

• سُوريٽيون نہ مِڙن، ٿان ٿان پَنڌ نہ ٿئي،
پيون هُونئَن ڏي هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون!

• پِٽيندي سائِي، جنهن ڪي سُورَ ٻَڌايم سَندرو،
ٻـــي هر ڪائي، هٿندي هَٿَ مَيارَ جـــا!

(لطيف رحہ)

# ا

## بيت

ارجن ’سڪايل‘، قمر شهباز، اسدالله ’بيخود‘، نياز علي شاهه ’محسن‘، سليم ڳاڙهوي.
**دوها:** قمر شهباز.

## ڪافيون

خواجه غلام فريد، ا. ح. جتسنگهاڻي ’سام‘، رشيد لاشاري، ميرمحمد ’ميرل‘ جويو، شاهنواز ’عارف المولا‘، عبدالله ’خواب‘، حافظ محمد احسن، حسين بخش ’خادم‘، عبدالجبار ’شام‘. **وائي:** احمد خان ’آصف‘.

## گيت

نياز همايوني، گوورڌن محبوباڻي، ڪمل ’پياسي‘، بشير موريائي، قيوم ’طراز‘.

## نظم

شيخ اياز، ا. ح. جتسنگهاڻي ’سام‘، عبدالڪريم ’گدائي‘، نياز همايوني، محمدخان ’غني‘، ڪمل ’پياسي‘، نيازعلي شاهه ’محسن‘، عبدالله ’خواب‘، شعبان ’بخت‘.

## آزاد نظم

امداد حسيني، قمر شهباز.

## نيون طرزون

’مجبور‘ واسوائي، نعيم دريشائي.

## غزل

حيدربخش جتوئي، ڪيشلداس ’فاني‘، امداد حسيني، ’محبوب‘ سروري، نيازعلي شاهه ’محسن‘، علي محمد ’مجروح‘، نارائڻ ’شيام‘، سليم ڳاڙهوي، احسن الهاشمي، جان محمد ’فدا‘، رشيد ’ارشد‘، آنچل، ذوالفقار راشدي.

## قطعا

احسن الهاشمي، امداد حسيني، سليم ڳاڙهوي، نيازعلي شاهه ’محسن‘، ’محبوب‘ سروري، ’سوز‘ ٽڪڙائي، ’ماعر‘ نوآبادي.

## رباعيون

امداد حسيني، نيازعلي شاهه ’محسن‘.

”تاريخ جا واقعا اهڙن ڪردارن سان ڀريا پيا آهن، جن پنهنجي لاءِ عظيم الشان ڪارناما پيدا ڪري، انهن تي ڪيڏي، انهن کي ادا ڪيو آهي. ساڳئي وقت، تاريخ ۾ اهڙا ڪجهه ڪيئي ڪارناما نظر اچن ٿا، جن کي ادا ڪرڻ لاءِ ڪوبه ڪردار نه ملي سگهيو آهي. خبر ناهي ڇو، منهنجي تخيل ۾ هميشه اها ڳالهه رهي آهي ته زمين جي جنهن حصي ۾ اسين گذاري رهيا آهيون، اُتي اهڙا ئي ڪارناما بي مقصد ڀٽڪي رهيا آهن، ۽ ڪردار جي تلاش ۾ سرگردان آهن. اهي ڪارناما، زمين جي هن وسيع ٽڪري ۾، جو اسان جي چوگرد پکڙيل آهي، گهٽي ڀٽڪڻ کان پوءِ، هڪ هنڌ اچي ويهي رهيا آهن. اهي صحرانورد ڪارناما، خراب ۽ خسته حالت ۾، اسان جي سرحد تي ويهڻ کان پوءِ، اسان کي اشارو ڪري رهيا آهن ته ’تيار ٿي آهو ڪم سرانجام ڪريو، جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ پيو ڪوبه ڪونه آهي‘ !“

[”فلسفه انقلاب“: جمال عبدالناصر]

# ڪافيون

خواجہ غلام فريد رحہ (مٹن ڪوٹ)

*

لڄ لوئي ڪين اتاريندس۔ تنهنجا بخمل باهہ ۾ ٻاريندس:

تنهنجا زور زلل ۽ مڪر و دغا، تنهنجي ظلم جون ڳالهيون، عمر ادا،
وڃي ويڙهيچن سان ڳهاريندس.

ٿر ڀنهوارن جو ديس وطن، ٿر آهي اسان جو ملڪ وطن،
خوش سانگين ساڻ گذاريندس.

هن قيد ۾ کهڙو ڪم ڪريان، شال مارن واري واهڻ وڃان،
جاڻي وار اوڳار ڀهاريندس.

هجي هردم ڏيهہ اباڻي مينهن، آهي سڪ سائيهہ جي راتو ڏينهن،
ويئي دانهون ڪنديس، هنجون هاريندس.

بت ماڙيون ۽ محلات جا گهر، آهي مرڪ 'فريد' جو ماروئڙ،
ڏڌ سانگيئڙن جا چاريندس.

ا. ح. جئسنگهاڻي، 'سام'

*

يار ڪيتهي مين جهنگ جبل ڦولان۔ وچ ڏکان دي مين دل دا سڪ ڳولان.

شهر ڳولان ڳلي ڳلي ڪر مين، راز دل دا ڪوئي مين در کولان...
سڪ نہ هين، يار دي ڏکان دي ست، تولهي ول ول پئي ڏوهين تولان...
دل دي پڙ وچ مين سڀ سمائيسان، سر پي سودي اهين ڪيتهي ٻولان...
يار دي هي تلاش هر ساعت، فڪر دي ڊولڊي وچ پئي ڏولان...
هجر دا بحر جو هي وچ موجان، نت غمان نال مين پئي چولان...
ملڪ ويکان مين، 'سام'، ساجن دا، خاڪ آهندي تون خُلد پي ڳهولان...

## رشيد لاشاري

*

سُک نهين سنيهران، ڏک نهين هتندا،
ڪران زاري لڪ واري، دارون ڏيو ين ڦت دا.

هت سلدي، جند جلدي، هنڌ ٻيي نسي ڳلڙي،
جلي جيرا، چاوان پيرا، ڏس نهين ميلڙي،
سارا لوڪ ڪري ٽوڪ، سڏ چريا ڪيلڙي:
سُنهن سوڙڻ، سِڪ چوڙڻ، ڪم احمق جٽ دا.

رت رووان، هٿ ڌووان، موت سِر تي جهلدي،
لڳي جنگ، دل هي تنگ، قضا نهين ٽلدي،
ڪران ڪيوين، وڃان ڪيڏي، حُجت نهين هلدي:
نازڪ نينهن، پڻ ڪر شينهن، ساري بازي ڪتدا.

تيکون ڳولان، تيکون ڦولان، تيڏي پولان پولي،
ٿيوان گولي، پاوان چولي، ڪيڏان غم دي هولي،
لاوين ديدان، ٿيون عيدان، ڏيکان تيڏي ٽولي:
تيڏا درد، ٻنکي سرد، دل دي دري پٽندا.

مين 'لاشاري'، ڪران زاري، سڻ تون دانهان، دلبر،
ڏيکان راهان، ڪران ڪاهان، لوڏان پانهان، دلبر،
ٻلديان باهن، جلديان جاهين، ڪيدان آهان، دلبر:
شاهي شوق، زابر ذوق، سِر هي سولي ستدا.

## مير محمد 'ميرل' جويو

*

عشق ڪيو احسان اسان تي، ڪامل آيو قربؤن ڪهي.

آڏيو عشق اندر آکيرو، دوست دمايو دل ۾ ديرو،
راڻل روح ۾ پيڙو رهيي،— عشق ڪيو احسان اسان تي.

جيءَ ۾ جانب جايون جوڙيون، محبت جون ڪي ميخون ڪوڙيون،
مُغان سندي محلات ٺهي،— عشق ڪيو احسان اسان تي.

"كُلُّ شيءٍ هُوَ اللّٰه"، رندن جي آ اِهيا راهہ،
پٽنو اسان سو ڇڏيو پڙهيي، — عشق ڪيو احسان اسان تي.

ديد واريون جيئن دريون ڪُلي ويون، 'ميرل' محبت واريون سلي ويون،
ڪثرت جا پيا ڪوٽ ڊهي، — عشق ڪيو احسان اسان تي.

شاهنواز 'عارف المولا'

*

برهہ تنهنجي جي بهار، عاشقن وٽ يارَ آئي

حسن تنهنجي هُل مچايو، هرطرف ههڪار هار، ڪن غريبن جيان غلامي ڪئين تونگر تاجدار:
سالڪن سڪڙي پرائي.

زلف زنگي، ڪيس ڪارا، ور وجهن سؤ وار وار، دام سان دليون وڪوڙن، بند ڪن ٿا بيشمار:
مون بہ تن ڪان دل ڪسائي.

تير نيڻن جا تکا، ڪن ڪوڏ سان ڪوڙين شڪار، پئي پون پهڳڻ پکين، دولهہ دسي ڪن دل فگار:
مت مٿين جي تن منجهائي.

آسمان بارِ امانت ڪان ڊڄي ٿيو بيقرار، سُور سلکن سُنهن نہ لاتي عشق جي آفت اپار:
سا اسان چشمن سان چائي.

پس اچي هيءُ حال هيٺا، اچ، پرين، پڳدار يار، خستہ دل 'عارف' سندي، سهٺا، اچي لهہ ڪا سنيار:
ڪر نہ جانب تون جدائي.

عبدالله 'خواب'

*

برهہ ڪيون بيحال، پيون پچائن پار پرين جو.

سورن سبق پڙهي ٿيون سٽيون، سريون سڪن جون تن ڪي پٽيون،
لذي سورن جن جي سنيال.

پير اگهاڙا، ريتيون تتيون، لانگن جا ڏنگ ڪائي ڪتيون،
نينهن ڪيون سي نهال.

پسي پنهل ويون جن جون متيون، اڏني اهي رنگ ۾ رتيون،
ڏسي جلوو جوت جمال.

وندر واسا ووڙيندي وتيون، تارا تڪيندي، ڪيچ جون ڪتيون،
سڪندي تيڙن سال.

ليڙون لتا تيا، آڏوڙيون چتيون، ڪٿيون نصيب جون جن جي جهتيون،
پرت ڪيو پامال.

متن جي متي ساري سوهه ۾ متيون، جيئن جون پيون مٿن ۾ گتيون،
'خواب' ڏسي خوشحال.

حافظ محمد 'احسن'

*

نام الله جي، دلبر، واڳ اگهڻ آءُ واري،
سال لنگهي ويا سڪ ۾، ساهه توکي ٿو ساري.

خانَ خطائون منهنجون، معاف سڀنا ڪر مون کي،
رنج رسامو ڇڏ تون، گهوٽ گهڙي وچ گهاري.

راتيان ڏينهان تنهنجي تار اندر ۾ آهي،
ننڊ نيڻن کي ناهي، آڳ الدر وڌن باري.

ڪر ڪا ورڻ جي وائي، سُندڙي ملڻ جي آئي،
قول ڪيئہ جي مون سان، سي تون پرين اچ پاري.

'احسن' سان ڇڏ ماڻا، محب اچي مل جيئري،
بانڊ ڳچيءَ ڳل پائي، پلپل ٿو پوڪاري.

# وائي

احمد خان 'آصف'

*

دل دوست ڦُري ويو ڏڪ ۾، آلا،
ڏڪ ۾ الا، مارڪ ۾ آلا!

نينهن نماز پڙهايم ڀُوري،
عشق امام ٿيو اڪ ۾، الا...

پرور پيدا ڪونه ڪيو آ،
جانب جو مَٽ جڳ ۾، الا...

ساجن سوکهو ساهه ڪيو اٿم،
رمز لڳي رڳ رڳ ۾، الا...

'آصف'، هار سينگار وساريم،
چيڙهه پيو چڳ چڳ ۾، الا...



# گيت

نياز همايوني

## سُونجهه

اوسيئڙا ڏا آس اورانگهين، تالگهه ڏي پويان پيرَ کٽي:
آءٌ ڏي گهاريان چنڊ ڳڻي.

واڳان پنهنجي وس ۾ ناهن، هيٺي کهڙي هار هٽي:
سانول، جيڪا توکي وڻي.

نيرڙ ڏي هٿڙا رکندي، تنهنجي وات تڪيندي ورهيه ٿيا،
هانوَ کي آٿت ڏيندي، ڏڏڙا ساهه پرينديي ورهيه ٿيا،
آڏ ما ڏا کهرار سچائن، آٿڻ پيئي تند تٽي:
آءٌ ڏي گهاريان چنڊ ڳڻي.

ياد آيا جئن ڀُور ڀرايا، ٿيڙم سُور سوايا، هوءِ،
من ڏي آئي سُونجهه اِئين، جڻ سج تي بادل ڇايا، هوءِ،
اکڙيون لُڙڪ ائين ٿيون لاڙن، انبن جو جئن ڀُور ڇٽي:
آءٌ ڏي گهاريان چنڊ ڳڻي.

آڌيءِ رات ڇِتايم چنڊ کي، سون جئن آن جو حال هُيو،
پيلو پيلو، جڻ نه وٽا جو ماريل ڪو ڪنگال هُيو،
هاءِ، حياتي بيراڳين ٻن، شال نه ڪنهن کي ماءُ ڇٽي:
آءٌ ڏي گهاريان چنڊ ڳڻي.

وڻجارا، او وڻجارا، ٻيلي، گهايم تنهنجي گهاوَ گهٽي:
آءٌ ڏي گهاريان چنڊ ڳڻي.

الهه ڏو ڄاڻي، منهنجي ڏو ٻين ڪانه ٿي ڪائي ڳالهه ٻٽي:
سانولَ، جيڪا توکي وڻي!

# او ساٿي!

او ساٿي! او ساٿي!

هيءَ ڪا زندگي؟ هيءَ ڪا حياتي؟
دوزخ جهڙيون گهٽيون، مڪان،
تن ۾ ڪيئن پلجبا انسان؟
او ساٿي، او ساٿي!
ڇا هيءَ جيوَن، جيوَن آهي؟
او ساٿي، او ساٿي!
هيءُ جهڙو پنڌ مڙندڙ جڳ ڏاهي،
اڄ تہ ٺاهيون نئون جهان،
آهہ عذابن ۾ انسان!
او ساٿي! او ساٿي!
دنيا ڄڻ بازار بڻي آ، هر شي جو ٿئي ٿو واپار،
هاءِ، وڪامي ٿو پئسي لءِ شان، مان، جوڀن ۽ پيار!
هن دنيا جو عجب رواج،
هر شي تي پئسي جو راڄ،
او ساٿي، او ساٿي!
پئسي لئہ انسان وڪامي،
او ساٿي، او ساٿي!
ڌرم، دين، ايمان وڪامي!
اڄ تہ ٺاهيون نئون جهان،
آهہ عذابن ۾ انسان،
اوساٿي، او ساٿي!

قسمت؟ قسمت ڇا ٿيندي آ؟ ڇا ٿيندي آهي تقدير؟
اڄ تہ عمل سان ٽوڙيون، ساٿي، ياري پيرن جي زنجير!
وهمن جي غفلت سان جاڳ،
او ساٿي، او ساٿي!
دنيا ۾ ڪجهہ مشڪل ناهي،
او ساٿي، او ساٿي!
ڇڏ محنت سان قسمت ناهي:
اڄ تہ بڻايون نئون جهان،
آهہ عذابن ۾ انسان!
او ساٿي، او ساٿي!

کمل 'پياسي'

## او ڳائڪ!

گيت انوکو ڳاءِ، او ڳائڪ، گيت انوکو ڳاءِ!
ارمانن جي ناءُ بڻائي،
سپنن جي سڙهہ سان سجائي،
تون مانجهي ٿي، وِيچارن جو
ويهي ونجهہ هلاءِ!
— او ڳائڪ، گيت انوکو ڳاءِ.

ديوَ ديوتا ساز وڄائن،
پرِيون اڇي سُرتال ملائن:
سڀ دلين ۾ هلچل آئي،
جذبن کي جاڳاءِ!
— او ڳائڪ، گيت انوکو ڳاءِ.

چنڊ چوٽ جو، چٽڪ هندورو،
ڪِرڻن جو آ روپو ڏورو:
ننڊ پريون اکڙيون تارن جون،
تون ڪا لولي ڳاءِ!
— او ڳائڪ، گيت انوکو ڳاءِ!

ساگر جهڙون هي چنچل ڇوليون،
دولهه لال جهڙن ڳاٽن لوليون:
پنهنجو سُر تن ساڻ ملائي،
جهوم، جهوم، جهوماءِ!
— او گائڪ، گيت انوکو ڳاءِ.

جهولن ٽيون مدمست گهٽائون،
ڳائن ٽيون اڄ پينل هوائون،
ڇم-ڇم ناچ نچي ٿي بجلي،
تون چپ ڇا جي لاءِ!
— او گائڪ، گيت انوکو ڳاءِ.

ڪيڏ نيڻن مان ننڊ آکوڙي،
ڳاءِ ڳاءِ، خاموشي توڙي!
ڪو آتساهي گيت مٺائي،
دنيا کي جاڳائي!
— او گائڪ، گيت انوکو ڳاءِ.

بشير موريائي

## گيت پريت جا ڳايان

من - مندر ۾ ديپ جلايان، گيت پريت جا ڳايان،
نيراشا ۾ نير وهايان، آشا ۾ مُسڪايان.
ٻرکا رُت ۾ دنيا جهومي، ۽ چاتر پي ڳائي،
اهڙي سمي ۾ منهنجو سپرين عرض نه ڪوئي آگهائي:
غمگين غمگين پلڪن تي مان نيرَ ڦڙا ڇهڪايان...
ماڻهو ۾ هرڪوئي پنهنجي دل کي ٿو سمجهائي،
من - مندر ۾ هرڪوئي آشا جا ديپ جلائي:
ليڪن تو بن آءٌ، پرين، ڳوڙهن جو سينهن وسايان...
نيل گگن تي چندرما ٿو مُرڪڙو پنهنجو پسائي،
هنڌ هنڌ تي، روح روح ۾، چانڊوڪي ڦهلائي:
رات رات جو آءٌ پيا بن گيت درد جا ڳايان...
— من مندر ۾...

قيوم 'طراز'

# نيڻ ويچارا

وڇڙي هليا ساٿي سارا،
اين ويچارا،
ڏاڍا وس تا ڪن:

ڇم-ڇم برسن بادل وانگي،
سُرت جي سانگي،
ڏاڍا وس تا ڪن —
نيڻ ويچارا، ڏاڍا وس تا ڪن!

اندر اسان جي غم جون آنڌيون؛
ٻڏي جوالا، سنهنجا جاني،
هاء جواني:
ڏاڍا وس تا ڪن،
نيڻ ويچارا، ڏاڍا وس تا ڪن!

وڪ وڪ تي اڄ گهاءِ پراڻا، زخم اڀوڻا،
آڪلي آڪلي خون تا ڳاڙن،
تن ڪي ساڙن:
ڏاڍا وس تا ڪن،
نيڻ ويچارا، ڏاڍا وس تا ڪن!

ياد اوهان جي سُڌ ٻُڌ ڪوئي، ڪونهي ڪوئي،
پيسُر تي ويا ساز سمورا،
گيت اڌورا:
ڏاڍا وس تا ڪن،
نيڻ ويچارا، ڏاڍا وس تا ڪن!

سات وڃائي جان اڪيلي، من ڪِهيلو،
پرت سندا پڙلاءَ ڪري،
سوداءَ ڪري:
ڏاڍا وس تا ڪن،
نيڻ ويچارا، ڏاڍا وس تا ڪن!

# نظم

شيخ 'اياز'

## جَرَ آ سنهنجي جانِ!

هيءَ ميرانجهي سانجهي آ، يا ڏوڙ-ڏئي جي جهول،
چانڊ ستارا ان مان نڪتا، جرڪي سونَ سمان:
تيسين پنهنجي مشعل ٻ جا آهي لاٽ اڏول،
تنهن تي واٽ سجائي ويندا واٽهڙو انسان.

ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ٻ ناهه ڪئي گجگوڙ،
هي ٻہ غنيمت آهہ ڪئي ڪو اونائي ٿو ڪوڪ:
نيٺ تہ بادل وسندا، پوندا مينهن ٻہ ماڻهوءَ پوڙ،
نيٺ تہ وڄندي، گجندي، اٿندي آنڌيءَ جيئن مخلوق.

اڳتي جان نہ جڪڙي رهندي، پختا ڪر پنجوڙ،
ڪنهن جي ڇاتي آتي آهي، تڪا ڪري رڪ تير:
ڍهنديون د وڪي جون ديوارون، پاتي جي ڪنهن ٻ وڙ،
هيٺا هٿ وڌيا جي، هوندءِ ڌريون زنجير.

ڳوڙها ڳاڙيندا ها جي، سي اٿندا ڪَرتي ڏند،
آيو ڇرَ ڪي ڇوهہ تہ ڏسندين آونهي جو انداز:
وک وک ٻ ڪا وِڄلي هوندي، ڍهندا ويندا بند،
تون پوڙو آن، آءٌ ٻڌان ٿو قدمن جو آواز.

تون انڌو آن، آءٌ ڏسان ٿو ڪنوٽين جا سپ ڪيل،
تون اوندهہ جي آڪيري ٻ وينو آن انجانْ:
نيٺ تہ ٿيندا رڻ ٻ رَتَ تي تنهنجا منهنجا ميل،
منهنجا گهوڙا گهائي وجهندا توکي سُنبن سانْ.

مان ڇاڻان ٿو، مان ڇاڻان ٿو، ڇـَـرَ آ منهنجي ڇاڻ،
ڀڙڪي ڀڙڪي ڀنيٽ ٿيندي، جلندو هـيءُ جهان:
آخـر منهنجي سوپ سنواريـا، آخـر تنهنجي آڻ،
تون رَڪَ هوندين،ڇيپون ڇٽينديون ڪوئي نئون انسان!

شيخ اياز

## مان ئي متي، مان ئي جام

آءٌ پـَـل هان!
آءٌ پـَـل هان!

مان ئي مـَـي هان، مان ئي متي، مان ئي جام،
مـان ئـي تـنـهـنـجي تـشـنـگـيءَ جـو انتقام:
منهنجي هـسـتـيءَ، منهنجي مـسـتـيءَ ڪـي سڃاڻ،
مـان ئـي تنهنجيءَ ميڪشيءَ جـو هـان دوام.
آءٌ پـَـل هان!
آءٌ پـَـل هان!

تنهنجي خـوشبو ڪـي ڪـٿـي شـبـنـم مثال،
مـان آڏامـان ٿـو، ٿـيـان ٿـو لا زوال:
نـيـٿ ويـنـديـن مـثـل گـل ڪومـائـجي،
مان ئـي ٿـو سـانـدي سگهان تنهنجو جـمـال.
آءٌ پـَـل هان!
آءٌ پـَـل هان!

مـان ئـي تنهنجي ذات هـان، مـان ئي صفات،
مـان ئـي تنهنجي بـي ثـبـاتـيءَ جـي ثـبـات:
تـون وسـاريـن ٿـو تـه غـافـل! پـل وسار،
ورنـه مـان ئـي مـوت هـان، مان ئـي حيات.

جي سڃاڻين، موت ناهيان،
آءٌ تنهنجي زنـدگي هان!
آءٌ پـَـل هان!
آءٌ پـَـل هان!

هت گهڻا توڪان اڳي انسان ڪي آيا هئا،
جن کي طاقت، زر ۽ زينت جا به سرمايا هئا،
لشڪرن، باروت سان ڪن ڪوٽ اُهرايا هئا،
نيڪناميءَ لئه چڱا ڪم تن به ڪولايا هئا:
ڪال ويو ڪائي سيئي، ماضيءَ اندر جهاتي ته پاءِ!
جي گهڙيون توکي سلن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

حرص جو ڪوڙو دلاسو مثل رڻ پٽ رُڃ آهه،
جنهن جي پڪ ناهي، انهيءَ منزل ڏي هرگز ڪين ڪاهه،
تنهن ڪان بهتر، 'سام' سان گڏ ويهي سُرندو سڪ جو ساهه:
راڳ دل من جي وندر جا پاڻ ۽ ٻين ڪاڻ ناهه،
موجَ الفت جي هتي جيتر رهين تيتر مچاءِ،
جي گهڙيون توکي سلن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

عبدالڪريم 'گدائي'

## سمي تي سيارو، سمي تي بهاري

وري خير سان آئي فصلِ بهاري،
فضائن ۾ موسم جو آ ڪيف طاري.
سياري جي سرديءَ ستايو هو جن کي،
لتي تن جي اوچڻ سندي انتظاري.

سُڪل ٿوٽ شاخن تي انگور آيا،
ڏسو ست موسم سندي سازگاري!
خزان ديده باغن جي تختن تي قدرت،
گلن جي رنگارنگ چادر پٿاري.

نئين زندگيءَ سان ڳيندو تو جهومي،
لڏي موج مستيءَ ۾ ٽانگر جي ٽاري.
صبح جو سيرِ ٻهڪَنِ تي چپها ٽا ڇهڪن،
لڳي لات تن جي پياري پياري.

اڻون ساهہ ڦوڪيو آ قدرت سڪن ۾.
وري زندگيءَ جو ٽيو فيض جاري.
امنگون، اميدون وڌي چيٽ آيو،
خوشيءَ ۾ نہ ماٿن ٽا هاري ۽ ناري.

چڻن، ڪڻڪ، جانبي جو جوين ٿو ڦاٽي،
وري لاب لائي جي آهي تياري.
سڄو ديس آرس پچي آهہ جاڳيو،
جتي ڏس، اتي آهہ ڪم ڪار جاري.

جتي ڏس تہ محنت، مشقت، ترقي،
جتي ڏس، اتي آهہ اصلاح جاري.
کليون اسپتالون، نهرون روڊ رستا،
ٽيا واهڻن ۾ بہ اسڪول جاري.

مدد پاڻ پنهنجيءَ جو جذبو آ جاڳيو،
سِين آهہ ڪوڏر ڪهاڙي سنياري.
اِهو آهہ دستور روزِ ازل کان،
عناصرُ سان آدم جي آ جنگ جاري.

ثبات آهہ ڪنهن کي نہ ڌرتيءَ تي دائم،
نہ گهبراءِ، همدم، ڏمي رات ڪاري.
هتي آهہ هرچيز اچڻي ۽ وڃڻي،
سمي تي سيارو، سمي تي بهاري.

بهاريءَ جي آخر خزان آهہ، همدم،
خزان بعد ايندي يقيناً بهاري.
انڌيري پٺيان روشني آ يقيني،
نہ آ خوف ڪو جي هجي رات ڪاري.

حوادث جا طوفان وِسائي نہ سگهندا،
اسان جيڪا جيوَن سندي جوت ٻاري!
چڻي چا ٻڌايان، ٻهر طور گذري،
ڪٽن زندگي جا ’گدائيءَ‘ گذاري.

’نياز‘ همايوني

# چڪتاڻ

ابتدا ۽ انتها جي ڳالهه جنهن تي دنگ آهه،
پاڻ سان سر ناحق آهي، پنهنجي حالت تنگ آهه.

آي دکي دل، تنهنجي غم کان گهائجي ويو آهيان،
شام جي گل وانگيان ڪومائجي ويو آهيان،
بس ڪر، اي دل، هاڻ مان گهٻرائجي ويو آهيان.

زندگي منهنجي تو هيجن کان ڇني ڇوري ڪئي،
وهيءَ ۾ ويچارڙيءَ جي ڳالهڙي ڳوري ڪئي،
جا خطا ٿي، تو هتان ٿي، سان خطا ٿوري ڪئي،
پوءِ ٻي مون کي ٿي رولين، ڪهڙي مان چوري ڪئي!

صبح جي ٽڙڪي تي ڪوهيڙي جو انڌوڪار آهه،
شام جي ٻاجهي تي اونداهي جو ڪارونيار آهه،
ظاهر ۽ باطن تي پکڙيل ٻيڪسيءَ جو چار آهه.

ذهن مندر جي آجڙ کنڊر جان ’ويران‘ ٿو رهي،
جسم تابوتن جي آهچائن جان ’بيجان‘ ٿو رهي،
روح پڻ ڪافور جي بوءِ جان ’پريشان‘ ٿو رهي.

سانوڻ آيو، سور ويا، تہ بہ پنهنجي ههڙي حالت آهه،
هيڪلائي هانوَ تي ڪائي، ولر کان وحشت آهه.

...

ڪين ٿو گهرجي اسان کي هيءَ نڌورن جو جيئڻ،
ڇڻ تہ بيوهہ جي حياتي، ڇڻ تہ ڇورن جو جيئڻ،
پاڻ کي گهرجي ٿو سوجن ساڻ مورن جو جيئڻ.

هيءَ نِدا آئي ڪٿان، روڪي ڪوني آواز کي،
جنهن اچي ٽيڙيو انهن ڇني ذهن جي انداز کي:
هيئن پروڙڻ آهہ مشڪل زندگيءَ جي راز کي.

زندگي اهڙي به ڇا، جنهن ۾ نه ڪا هلچل هجي،
موت جو سايو، آلا، جنهن جي مٿان پلپل هجي،
ياس ڪان ٿين نيڻ آلا، غم ڪان دل بيڪل هجي،
آس ٻڌجي لاش، آدمن جي مٿس گهل گهل هجي.

اڄ ته ڪاهيون ڪاڪ تي، اي ميندارا، منزل ڏٿي!
ڏيل ڏاريون، موملون ساٿيون، ٿيون محفل ڏٿي!
ٿوڙ بند ۽ لاهه قندا، هل ته ٿيون دلگل ڏٿي!

هل ته ٿيون دنگل دٿي، دنيا سان پنهنجي جنگ آهه،
جا وسيع آهه ٿورڙن لئه، ۽ گهڻن تي تنگ آهه!

محمد خان 'غني'

# شاعر

همنشين، پوري ڪريان ٿو پنهنجي من جي مدعا،
اڄ ته شاعر جيي، ٻڌايان توکي، هستي آهه ڇا.

ڇا ٿيو جي زندگيءَ ۾ هي رهيو گمنام ٿي،
صفحهءِ دنيا ۾ هن جي نام کي حاصل بقا.

ڪو سچائي يا نه، ہر سڀ کي سچائي هي سکهي،
رند، زاهد، شيخ، يا توڙي هجي ڪو پارسا.

هي آهو، جنهن زندگيءَ ۾ جي نه ڪيو ڪارِ ثواب،
نيڪ جنت جا رهن ٿا در انهيءَ جي لاءِ وا.

نار جهنم جي وسامي، سردتر دوزخ ٿئي،
لفظ توبهه جو زبان سان ٿو ڪري جنهن دم ادا.

هيت پيڻ جي ٻرِ سگڻ لئه روز مئخاني وڃي،
جو سرِ ڪوثر مٿان ٿئي هوش کيي هن جو خطا.

دُور ٿيو هن جي تصوّر کان نہ جلوهٔ ڪائنات،
راز کولي ٿو ڇڏي قدرت سندي اسرار جا.

حسنِ فطرت جو مصوّر، نقشِ قدرت جو امين،
ٿو قلم جي اوڪ سان نقشا چٽي تن جا چٽا.

هن زمين جو ذڪر ڇڏ، جو هيءَ تہ پيرن هيٺ آهہ،
عرش کان پي دور پهچي ٿو سندس فڪرِ عُليٰ.

آهہ قدرت ڪي بہ ٿي منظور هن جي خاطري،
ماه و انجم، شمس ٿيا سڀ بخش جُو نُور و ضيا.

هن جي ڪشتي دائما ٿي بحر ۽ طوفان ۾،
ڪشتيءَ دنيا جو ليڪن هُو برابر ناخدا.

ٺوڪرن سان ٿو اڏائي گنج ڪي قارون جي،
هَتِّ هريڙون، گوڏ ۾ ڪجهہ ناهہ ٺڪرين جي سوا.

خونِ دل، خونِ جگر ٿيا هن جي محفل جو شراب،
پاڻ ساقي، پاڻ ٿي ميخوار، ٿو ماڻي مزا.

ٿو توڪّل تي رکي هو پنهنجو بارِ زندگي،
پر ڇڏي ٿو هٿ منجهان هو ڪينڪي شيوه سخا.

بتڪدن ۾ هي برهمن، شيخ ڪعبي ۾ ٿيو،
صلح ڪُل جا سڀ سبق هن کان سکن ٿا صوفيا.

دين ڇا، ايمان ڇا، ڪهڙي حقيقت ڪفر جي،
رازِ سربستہ ڪي کولي ٿو ڪري بلڪل صفا.

ڪفر ڪي ايمان، يا ايمان ڪي چئي ڪفر هُو،
حقّ آهي، هر طرح هو ٿو ڪري حق کي ادا.

ٿو ڪڏهين منبر تي پهچي، وعظ واعظ جيئن ڪري،
باده‌خواري جي ڪري ٿو، تہ بہ ڪري ٿو برملا.

هي ڪڏهن ناهي ويو ڪنهن جنگ جي ميدان تي،
پر وطن جي لاءِ پيدا هن سپاهي لک ڪيا.

مرده روحن کي تو بخشي ڪير ٿئين سر زندگي،
باليقين پيغام هن جو آهي مژدهٔ جانفزا.

جي ٿئي محمل نشين، ته به آهي هن کي اختيار،
ٿي ڪٿي مجنون، ڪري جي جان ليلا تان فدا.

نازنينانِ جهان آهن هتي منت پذير،
مشتهر تن جو ڪري ها ڪير نه ته ناز و ادا؟

گلستان توڙي گلن کي آهي هن جو اعتراف،
شان ۾ بلبل رهي هن جي سدا مدحت سرا.

هي خزان جو دور بدلي تو سگهي، آڻي بهار،
ذڪر گل جو جي ڪري، معطر ٿئي آن در هوا.

هن زمين جا زيورَ جي ٿو ڏسين نقش و نگار،
هيچ آهن هن اڳيان، هن جو تخيل آهه چا!

دشت دريا، ڪوهه صحرا، يا بيابان، باغ گل،
بيزبانن کي ڪري تو تابِ گويائي عطا.

آسمان ٿيو آهه هن جي آهَ هڪڙيءَ جو غبار،
هن جي لڙڪن سان پريل هي بحر دنيا جا ٿيا.

هن جي پاسي ۾ پيل جو آهه بوسيده ڪتاب،
آهه سو لاريب دنيا لاءِ نسخهءِ ڪيميا.

نام ظاهر ۾ هزارين، درحقيقت آهه هڪ،
جي 'غني' آهي ڪٿي، تان هو ڪٿي آهه گدا.

کمل 'پياسي'

# سخنور جي سچ پچ عجب زندگي آ

ڪڏهن عرش تي سهڻا محلات ڏاهي،
ڪڏهن فرش تي چنڊ تارن کي لاهي؛
ڪڏهن ڪير ساگر کي ڪچڪول اندر،
خبر ناهه ڪيئن ٿو سگهي هو لڪائي:
ندي، جيئن نہ هن جي ڪڏهن پابندي آ.
سخنوَر جي سچ پچ عجب زندگي آ.

خيالن جي ڪشتي ۽ آشا جو ساگر،
ڪري راس لهرن تي البيلو شاعر؛
سرڳ پنهنجي خواهش جو ڏاهي سگهي ٿو،
۽ پٿر کي ناهي سگهي ٿو جواهر:
سندس آرزو ۾ عجب تازگي آ،
سخنوَر جي سچ پچ عجب زندگي آ.

هو ڪيلي هوائن سان هردم ٿو، ساٿي،
مندن مڙيرين ۾ وٺي دم ٿو، ساٿي؛
پرينءَ جي دنيا ۾ رهي پل پہ چاهي،
رهي هن دنيا جو تي آدم ٿو، ساٿي:
سندس ڪلپنا ڇڻ سندس بندگي آ،
سخنور جي سچ پچ عجب زندگي آ.

وڻن جي پتن جي تي حرڪت پڙائي،
گلن ۾ سڳنڌ جي تي عادت پڙائي،
پڙائي ٿو غنچو ۽ مالهي اصل کان،
ڪويتا سندس دل جي چاهت پڙائي:
جهانن پنهي لاءِ سندس سرڪشي آ،
سخنور جي سچ پچ عجب زندگي آ.

نيازعلي شاھ ’محسن‘

# جتي گناھ ٿو پلجي

شباب تيرِ ھَوَس جو نشان بڻجي ٿو،
شباب دستِ گنھ کان ڪڏھن بچي نہ سگھي؛
شباب، ھاءِ، ھيءَ رنگين‘ شباب جو چرچو،
شبابِ عصمتِ آدم جو پوش ٿي نہ سگھي!

جتي گناھ لئہ آھن ھي وقف سڀ راتيون،
جتي گناھ معاشي ضرورتن جو سبب؛
گناھگار جو عمدو ٿئي ٿو استقبال،
گناھ پيءُ ۽ گنھگار پيءُ رکي ٿو رب!

جتي گناھ ٿو پلجي، وڏي درخت ٿئي،
جواني شرط آ، پاپن جي پالنا خاطر؛
جتي گناھ جو چرچو رھي ٿو صبح و شام،
خوش آمديد، اڙي بوالھوس، ھوس پرور!

تڏھن بہ رحمتِ حق جي تمنا دل ۾ آھ،
ھي امتحان آ بخشش جو، ھاءِ ڙي بندہ!
تون پنھنجي ’محسنِ‘ اعظم کان ڇا طلب ٿو ڪرين،
اِنھيءَ طلب تي ڪڏھن ٿين نٿو ڇا شرمندہ؟

عبدالله ’خواب‘ حيدرآبادي

# آزمائش

تو ڏسان بزمِ جھان ۾ ٿي چمن بندي نئين،
باغبان انداز بدلايو، روش پڻ ٿي نئين.
شام پنھنجي زلف کي مصحف کان ڪيو آھي پري،
وقت جو نُوري نظارو پنھنجيون جھوليون پيو ڀري.
قافلن جي گوش ۾ تو ھوشوَر آواز ڏي،
وقت جي سُر ساز جو ماحول ٿو انداز ڏي.

خون پيي جان و جگر جو نظم جا موتي پٽسو،
دل جي دريا جا ٿي توبہ، فڪر جا گوهر لهو.
'خواب' وانگر، درد جي دولت ورهائي پيا وڃون،
زندگيءَ جي پيار کي اڄ آزمائي پيا وڃون.

شعبان 'بخت'

## تنهنجي ياد

دل ۾ ڏڪي ٿي ياد تنهنجي سان،
۽ زبان تي ٿو تنهنجو نام رهي؛
تنهنجي الفت جي آرزو خاموش،
منهنجي دم سان ٿي همڪلام رهي:
تنهنجي هر ياد سان تو پيار ڪريان،
تو جڏهن توکي ياد يارَ ڪريان.

توئي توکي پريان ئي چاهيو مون،
تنهنجي قربت نہ ٿي نصيب مون کي؛
تنهنجي خالي ملڻ جي خواهش سان،
هڪ سڪون ٿي مليو عجيب مون کي:
عشق کي ئي تو اشڪبار ڪريان،
تو جڏهن توکي ياد يارَ ڪريان.

اڄ بہ تنهنجو مون کي خيال آيو،
منهنجي ہرنو اکين پريا سڏکا؛
دل ۾ بي آس حسرتون تڙپيون،
۽ زبان تي اچي ڏکيا وعدا:
بيڪسيءَ کي تو بيقرار ڪريان،
تو جڏهن توکي ياد يارَ ڪريان.

چا، ڪڏهن تو بہ آهہ ياد ڪيو،
منهنجو غربت زده دُکي رومان؟
منهنجي مجبور زندگيءَ وانگر،
منهنجو مجبور اندريون انسان!
زندگيءَ کي تو شرمسار ڪريان،
تو جڏهن توکي ياد يارَ ڪريان.

تون ماءُ پي آن، موت پي،
تنهنجي اونداهي، انڌاري روح ۾
ٽِمٽِمائي ٿي ڪا جهيڻي جوت پي:
هڪ هٿيليءَ تي رکي امرت نچين —
ڇَنَنَ ڇَن ڇَن، ڇَنَنَ ڇَن ڇَن؛
مرڪ سان پر زهر ڦهلايو ڇڏين —
خاموشيون... خاموشيون... خاموشيون!

هر قبول ۾ توکي ڏٺم؛
هر ڪُراڙي، بي-سهاري جي ٻُڪايل گهُور ۾ توکي ڏٺم؛
هر پُڄاريءَ جي پراڻي پاپ ۾،
هر ڀِکاريءَ جي وڇايل جهول ۾ توکي ڏٺم؛

ساز ۽ آواز ۾،
آلاپ ۽ ورلاپ ۾ توکي ڏٺم:
او زندگي،
سچ ٿو چوان، توکي ڏٺم!



## نيون طرزون

مجبور واسواڻي

[سانيٽ]

### پڇتاءُ

ڏينهن ڇا، هت ورهيه ٿا گذري وڃن،
زندگي آهت بنا ڪنهن تي هلي:
ديپ تو خاموش روز و شب جلي،
پر اکين جا پلڪ ٿا ورلي ڪُلن.

اف، حياتيءَ جو نه ڪيتڙو قدر مون،
بس، هٿوراڙيون هنيم نابين جيان،
يا رنس، راڙو ڪيم مسڪين جيان،
عارفن جيان ڪو گذر ڪيتڙو نه مون.

ڇا ٿي ويندس ختم مثل اُن لهر جي،
بحر جي سيني مٿان جا ٿي اٿي،
عرش ڇهڻ جون رٿون ڪيڏيون رٿي،
پر وري آغوش ۾ ٿئي بحر جي:

ڪنهن ٻڌي، نا ڪنهن ڏٺي هستي سندس،
ڪير ڄاڻي، ٿي ڪٿي بستي سندس!

نعيم دريشاڻي

[نظم معري]

### هڪ بنگالي دوشيزه ڏانهن

اءِ، تنهجي ڇپن مان ڇوسيان آءٌ
ڪجهه ڪُنواريون ۽ شوخ خوشبويون:
تنهنجي اکڙين جي ڊنيد ۾ ٻوليان،
ڪي پُراسرار، سيبتيون مُرڪون.

آءُ، تنهنجين رڳن جا چيڙي ساز،
نرم وائن ۾، ٻوٻري نينگر،
مان ٻڌيو يان آهي طلسمي راڳ،
جيڪي سالن کان تنهنجي هردي ۾
پيا تا تڙپن، مگر بنهہ خاموش.

زندگيءَ جي سدا روان نئن ۾،
پاڻ آهيون ٻہ ناتوان ڪَکڙا؛
هيءُ سيلاب آ رڳيون ڪي گهڙيون،
پوءِ ڪنهن کي خبر، ڪٿي هجون تون مان!
آءُ اوري، الا، نہ ايئن ترساءِ.

منهنجي سپنن کي آد کان هڪڙي
اجنبي جسم جي ميٺيءَ خوشبوءِ
پئي سدائين ئي آهہ مهڪايو؛
مون ازل کان وئي ڪا اڻاتل
روشني پئي ڪئي آ، هوءِ، تلاش.

اڄ مليائون جو اتفاق سان پاڻ،
اوچتو مون کي ايئن ڀاسيو آ،
منهنجي رنگين، مد ڀرن سپنن
تنهنجي هستيءَ جو روپ ڌاريو آ:
تنهنجي نيڻن مان ڦات ڪائي ٿي،
سا ئي مون کان سدا گُريزان جوت!

آءُ اوري، الا، نہ ايئن ترساءِ:
هيءُ سيلاب آ رڳيون ڪي گهڙيون،
پوءِ ڪنهن کي خبر، ڪٿي هجون تون مان!

# غزل

حيدر بخش جتوئي، 'حيدر'

●

ٿو مرد مرد ٿئي، ڪجھ تفنگ تير سهي،
سهي ڪي سُور، ڪري راز ٿو سرير سهي.
جتي ڪٿي به آ، آزاد آهه مرد آزاد،
ڪڙين ۾ قابو سهي، قيد ۾ اسير سهي.
اڏي ويا خاڪ ٿي زنجير، زور ۽ زندان،
ڪٿي سگهي ٿو پلا تاب ِ حق شرير سهي!
هزارين حيلا ڪيائون، مگر مري نه سگهيا،
جي دل دماغ جا آزاد هئا، فقير سهي.
ڪري جو پئي ڪي غلام، آهه بس غلام غلام،
حضور صدر سهي، زار سهي، مير سهي.
غلامي ۾ به آ زنده ته آهه مذهب ڇا؟
ڪو مجتهد سهي، علامه سهي، پير سهي.
اچي ويو نيٺ هتي 'انقلاب زنده باد'،
عوام نيچ سهي، ۽ سپاه امير سهي.
هي دور ِ اوج خوشا، زنده باد پاڪستان!
زبانون بند سهي، زخميل ضمير سهي.
سدا بهار رهين، خالق، آسمانِ اندر،
زمين ۾ ظلم سهي، راڙ ڦاڙ چير سهي.
زمين جي حصي ۾ آنده خرابي، خونخواري،
جهان جي ظاهري تصوير دلپذير سهي.
اهي دعائون ٿي لکيون غريب انسان کان،
بشر حقير سهي ۽ خدا قدير سهي.
گذار مات ۾، 'حيدر'، هي شاعري ڇا هي،
خيال ۽ جذبو سنده گرچه بينظير سهي.

منهنجي حالِ زار تي، ڪنهن بيوفا جي پيار تي،
مسڪرائي رو، ۽ روئي مسڪرايو، دوستو!
هُن پريل ساغر رکي منهنجي اڳيان اکڙيون کنيون،
پوءِ ميخاني تي ڇا گذريو، ٻڌايو، دوستو!
دل پريشان، زندگي ويران، تمنائون اداس،
هاءِ گهوڙا، وچڙيل گهڙيون ورايو، دوستو!
هي اتو 'امداد' جي گهايل وفا، بسمل خلوص،
وار ڪريو، دوستيءَ جو حق نڀايو، دوستو!

'محبوب' سروري

●

باغبان کان نـه گل پـني وڃي،
گلِ مقصود خود چـني وڃي.

ٻهرين ٻهرين کـا شي گهـُري وڃي،
پو اڙائي لڙي، لڙي وڃي.

موت کي ماري زندگي وڃي،
درد و غم کان کسي خوشي وڃي.

صلح سازيءَ مان جي ٻلو نـه ٿئي،
چنڊ کـان زوري چانـدني وڃي.

سچ جـي ٻـُل تـي هڪ ڇـمات هٺي،
پنهنجـي حصـي جـي روشني وڃي!

نياز علي شاهه 'محسن'

●

هيءَ خزان، هي بهار، ڇا معني؟
دوستو، گل ۽ خار، ڇا معني؟
بزدليءَ جو نـتـا ڏيون طعنو،
زندگـيءَ کـان فـرار، ڇا معني؟

ياد ان کي ڪجي، جو وسري وڃي،
ذڪر و اذڪار يار، ڇا معني؟
خودغرض تون نہ، ماڻ بہ سيکوئي،
هي محبت، هي پيار، ڇا معني؟
ڪنهن پـي امـز و ثبوت لـاهـ ڏنو،
’توتان صدقي، نثار‘، ڇا معني؟
جيڪو ايندو، سو خودبخود ايندو،
انتظار، انتظار، ڇا معني؟
ڇا خوشي تہ طلب ڪرين، ’محسن‘،
تنهنجو غم سان پيار، ڇا معني؟

علي محمد ’مجروح‘

●

تنهنجي لب و رخسار کي عنوان بنائي،
ويٺو غمِ دنيا جو ڪو افسانو ٻڌائي.

ساقي، تنهنجي مخمور نگاهن جو تبسم،
مون کي تہ زماني کان تہ بيگانو بنائي.

اڪين تي اهي عشق ۾ ناڪاميون، ليڪن
هو منهنجي نگاهن سان نگاهون تہ ملائي!

هي دور تہ دنيا جا اچن ٿا ۽ وڃن ٿا،
ساقيءَ کي چئو، دور تہ ساغر جو هلائي.

آخر بہ ڪندا لوڪ وهي راز هي پڌرو،
ڪو تنهنجي تمنا کي پلا ڪيڏو لڪائي...

روڪي ٿو صبا کي، نہ اچي ڪنجِ قفس ڏي،
ڪيڏو نہ اسيرن کي ٿو صياد ستائي!

جو بزمِ سخن ۾ هي آداسي پئي ڏسجي،
’مجروح‘ کي آڻيو تہ ڪو محفل کي مچائي.

## احسن الهاشمي

●

مون کي حاصل ٿي خزان مان دولتِ صبر و قرار،
ڇيڙ، اي بلبل، نہ منهنجي زيست جي خاموش تار.

مون وري وحشت ۾ ويهي ذرا ذرا کيا رفو،
جو ڪمالِ هوش ۾ ٿي ويو گريبان تارتار.

هُت ٿيو خوابِ گران ۽ ختم هيت خوابِ حيات،
مرحبا هُو وعدهٔ شب، مرحبا هي انتظار.

منزلون سڀ نزع جون آسان يڪسر ٿي وڃن،
تون خدا جي واسطي مون ڏي رکو مشڪي نهار.

ڇو نہ ٿئي منهنجي خزان ۾ موسمِ گل جو مزو،
منهنجي آهُن جون هوائون، منهنجي اشڪن جي بهار.

مدعا محشر جي شايد هيئن اچي ٻرروي ڪار،
هُو ڪري جي اعترافِ لغزشِ پاي وقار.

ڏينهن ڏون آهي حياتي، پوء ملڻ ٿئي يانصيب،
اڄ تہ ڪو دم ڀاڻ ۾ گڏجي ڪريون ڪي چار چار.

ڪير پيو هن 'احسنِ' آشفتہ ري، مهروا ڪندو،
تنهنجي ابرو جي اشاري تان تصدق وار وار.

## جان محمد عباسي، 'فدا' (مرحوم)

●

چَٽِنا تيرِ اجل، تيرِ نظر گڏ،
نڪهہ هڪ مان ويا دل ۽ جگر گڏ.

پري مون ڪان نہ ٿي، اي ماهہ پارا،
تون مون مان ويهہ ٿي، اي سيمبر، گڏ.

ٻچا جو تو ڪرين وحشيءَ سنده جي،
پيو آهہ خاڪ و خون سان بيخبر گڏ.

نہ ڪر آھون، ڪري در دوست ڏي مُنھن،
انھيءَ ۾ ٿا رھن شعلا شرر ڳڏ.

تماشو ھي اچي، اي خوبرو، ڏس،
اکين مان ٿا وھن لعل و گُھر ڳڏ.

سِڪن ديدار تنھنجي کي ٿا دائم،
دلِ آزرده ۽ سي چشم تر ڳڏ.

ٿيا بيشڪ ڏسڻ سان دلربا جي،
شڪي ڏاڍا، 'فدا'، شمس و قمر ڳڏ.

رشيد 'ارشد'

●

اِھا پي بُرائي، اَھا پي بُرائي،
فقط ذڪرِ دنيا، فقط پارسائي.

نہ ڏر گُمرھيءَ جو، نہ رھزن جو خطرو،
مبارڪ، اٿم عشق جي رھنمائي!

آي صيّاد، وسري ويم آشيانو،
نہ رک مون کان انديشہء بيوفائي.

تون گم خانقاھي معارف ۾ زاھد،
مبارڪ ھجيئي سندءِ پارسائي.

اُنھيءَ باغ کي ڪيئن چوان باغ پنھنجو،
ٿي جنھن باغ جي آھي ھر شي پرائي!

سندءِ شعر اِلھام آھن، اي 'ارشد'،
سدائين ڪندو رھہ ڏٺيءَ جي وڏائي.

تاج بلوچ

●

ھو ڪيليو، مان پي ڪيلي روئي پيس،
طرز دلبر جي ڏسي روئي پيس.

ھاءِ، ھيءَ چاندوڪي ۽ دورِ فراق، دل ۾ تاريڪي پَسي روئي پيس.

بي ثباتي باغِ عالم جي ڏسي، ڪا جڏھن مکڙي ٽڙي، روئي پيس.

خونِ بلبل جو سبب ٿينديون ڪَليون، عالمِ شبنم ڏسي روئي پيس.

فرش تي بار گران منهنجو وجود، دوست، تنهنجي بيرخي، روئي پيو.
صبر جو دامن گھٹو سوگھو جھليو، شمع، گريان ڪسي ڏسي روئي پيو.
ياد ڪوئي تو پوي جان، بهار، ڪوڪ ڪوئل جي ٻڌي روئي پيو.
ابر باران ۾ هيو هُو چشم تر،
'تاج' ڪي رئندو ڏسي روئي پيو.

آنچل

●

ڏکوئيل دل ڪسي ڏي ڏيئي اِئين ئريائبو آهي،
ڏيئي لب لول جو جيئن پار ڪي پرچائبو آهي.

جُڙي جڳ ۾ رهي، راٺا، سدائين ڪاڪ موسل جي،
نظر جو هڪ فريب آهي، جو دل سان ڪائبو آهي.

ڪرين پچتاءُ چو تي جستجوي يار ۾، اي دل،
وڃائي عيش تن جو، سيت من جو پائبو آهي.

شب غم واقعا ڪڏهن ۽ وڇڙڻ جا سنياريندي،
ڪڏهن پيو روئبو آهي، ڪڏهن پيو ڳائبو آهي.

ادا شوخيءَ پري ۽ چال پنهنجي هائي مستاني،
اسان جي هر خطا تي پاڻ پيو شرمائبو آهي!

محبت جي حقيقت درحقيقت ايتري آهي،
نظر جو هڪ فريب آهي، جو دل سان ڪائبو آهي.

'ذوالفقار' راشدي

●

مون اوجاڳن جي آوهه ۾ خيالن جي خدائي ماڻي آ،
تون ڏينهن به ڏيٺو تہ خوابن جا، جي سورن-رات وهائي آ.

ڏس، پرهه تائين مان يادن جي دونهين ۾ جهاتيون پايان پيو،
مون پيار جا ماڻڪ چوندڻ لئہ ماضيءَ جي خاڪ بہ ڇائي آ.

# قطعا

احسن الهاشمي

جذبهءِ دل مثال ٿي نه پوي،        آهُ ڪٿ لازوال ٿي نه پوي،
عشق ورتو جي شعر جو دامن،        حسن توتي وبال ٿي نه پوي!

امداد حسيني

( ۱ )

سڪي سڪي سٽيون اکيون، ڏسي ڏسي راهون،
ڀري ڀري نه ڏيا چڻ ويا وسامي، دوست:
هلي هلي نه مسافر مري پيا راهن تي،
ڪلي ڪلي نه نگاهن جا گل ويا ڪامي، دوست!

( ۲ )

خدا جي واسطي ڏاها ٿيو، سياڻا ٿيو،
نه دير، ڪعبي، ڪليسا جي راه ڪان گذرو:
جي پهچڻو ٿي اتو جلد پنهنجي منزل تي،
ته ڪنهن حسين جي قاتل نگاه ڪان گذرو.

( ۳ )

ايتري بيرخي ڪئي ڇڏ، ساقي،
ڪجه ته مستن جي منهن ڪي سرڪائي:
جام ڏي، پوءِ زهر جو ئي سهي،
پنهنجي در تان آجيو نه موٽائي!

( ۴ )

وڃي وڃي وري موٽي ٿو فڪرِ تنهائي،
اچي اچي ٿي سندءِ ياد غم کي جاڳائي:
دکي دکي ٿا ڀرن هجر ۽ فراق جا زخم،
وري وري ٿي نظر زندگي کان شرمائي!

## 'سوز' تکڙائي

(١)

اڄ رقيبن جا منهن لٿل آهن،
مون رٺل يار آهي پرچايو؛
هر خطا درگذر ڪري منهنجي،
يار مون ساڻ مرڪي ڳالهايو.

(٢)

دلربا، توسان رسم و راهہ ڪندس،
زندگي پنهنجي خود تباهہ ڪندس؛
تنهنجي نازڪ ڳلن، چپن جو قسم،
توسان هر حال ۾ نباهہ ڪندس.

(٣)

تنهنجي در تي اٿين پيل آهيان،
نڪي جيئرو، نڪي مُئل آهيان؛
يا تہ خيراتِ حسن ڏي، جاني،
يا ڪٺي چئو تہ مان ڪُٺل آهيان!

## 'ماعر' نوآبادي

# پنهنجو ساغر ۽ پنهنجو پيمانو

(١)

دل گهري ٿي تہ بادہ خوار ٿيان،
دخترِ رز سان همڪنار ٿيان؛
زاهد ۽ محتسب جي اکين لئہ،
دائما خار نوڪدار ٿيان.

(٢)

ساقيا، ميڪشن کي جام ڏيو،
جام هر صبح عام جام ڏيو؛
خويش و بيگانہ کي پياريو خوب،
ميڪشيءَ جو صلاي عام ڏيو.

(٣)

ساقيا، جلد کول ميخانو،
پرت جو کو پيار پيمانو؛
شمعِ الفت کي آڻ محفل ۾،
تہ ڪري ان تي رقص پروانو.

(٤)

اسين سڀ ميڪش و ميخوار آهيون،
اسين 'بنت العنب' جا يار آهيون؛
چڱا آهيون خدا وٽ، پر آلا چوءِ،
نگاهِ محتسب ۾ خار آهيون!

(٥)

ساقيا، تنهنجي مَي خراب آهي،
اهڙي مَي آفت و عذاب آهي؛
ميڪشن کي ائين نہ کريو راڄ،
انڪساريءَ سان هي خطاب آهي.

(٦)

ساقيا، مَي جو رنگ روپ سڌار،
بادہ خوارن کي پوءِ جام پيار؛
جيڪڏهن مَي ۾ نَي ۽ لَي ناهي،
چئہ تہ پوءِ رند ٿيندا ڪيئن سرشار.

(٧)

ساقيا، آڻ بادهٔ گلرنگ،
تشنہ ڪاميءَ ڪان آهي آهيان تنگ؛
مئي پيئو ۽ پياريو، ۽ ڪيو
قلب مان خوفِ قاضي و سرهنگ؛
جلد ڏي جام، جو تہ اڄ مون کي،
محتسب ساڻ آهي ڪرڻي جنگ؛
گوش منهنجي کي آهي شوقِ سماع،
آڻ ميدان ۾ رباب ۽ چنگ؛
مدحِ مئي ڪانہ ٿيندي 'ساغر' ڪان،
پير منهنجي قلم جو آهي لنگ.

(٨)

ساقيا، شل وسيئي ميخانو،
محتسب جو خراب ٿئي خانو!
حڪم تنهنجو مڃي ٿو عالم ۾،
هر قدح خوار، رند، مستانو؛
آهي تنهنجي قدح نوازيءَ جو،
عالمِ ميڪشان ۾ افسانو؛
جو اوهان جو نہ ٿو مڃي فرمان،
سو حقيقت ۾ ناهي ديوانو؛
آهي موجود هر گهڙي مون وٽ،
پنهنجو ساغر ۽ پنهنجو پيمانو.

(٩)

ساقيا، آڻ بادهٔ گلفام،
ڪير ٿو چئي تہ آهي باده حرام!
جو چوي ٿو قدح کي بد، سوئي
آهي عالم ۾ بدتر ۽ بدنام.
ميڪشن جو چڱو آهي آغاز،
نيز ٿيندو سٺو سندن انجام.
زاهد و محتسب کي ناهي بقا،
ساقي و جام لاءِ آهي دوام.
مفت جي مئي اسان کي ڪانہ کپي،
مفت جي مئي آ موت جو پيغام.
آهي 'ساغر' ۽ رهندو تا آخر،
ساغر و ساقي و سبو جو غلام.

(١٠)

ميڪشن لاءِ حور و غلمان آهي،
مون سان ساقيءَ جو اهڙو پيمان آهي.
روز اول ڪان باده خوارن تي،
ساقيءَ مهربان جو احسان آهي.
خوب کائو، پيو، پياريو پڻ،
اهڙو صادر ازل ڪان فرمان آهي.
خود پيئڻ ۽ ٻين کي اڄ مارڻ،
هي وڏو جرم آهي، عصيان آهي.
جو نٿو خم ڪري سرِ تسليم،
سو تہ نمرود، نامسلمان آهي.
'ساغرا'، خوب معرڪوئي ڪر،
تنهنجي اڳيان وسيع ميدان آهي.



# رباعيون

امداد حسيني

(۱)

هر رات ستارن جي لهڻ تائين رنھ،
شبنم جي روئڻ، گل جي کلڻ تائين رنھ؛
اکين ۾ رهي ساوڻي دريا جي اٿل،
هن سڄ جي اجهامڻ ۽ ٻرڻ تائين رنھ.

(۲)

لڙڪن کي لڪايوسين، ڪٿي ڇا ٿيو،
ڪيڏياسين کيلايوسين، ڪٿي ڇا ٿيو؛
هر آهَ کي نغمي جو ڍڪايوسين لباس،
تو ساڻ نڀايوسين، ڪٿي ڇا ٿيو!

(۳)

مرڪي پيو گل گل ۾ بهارن جو سحر،
ميڪش وٺي ويٺا اچي ميخاني جو در:
هٿ هٿ تي رکي هاڻ ويهڻ ٺيڪ نه آهه،
اي ساقيء نوخيز، اٿي، ساغر ڀر!

(۴)

[شاعر]

هي ڪير ٿيو حسن جا نغما ڳائي؟
بلبل کان ٿي نکريو وڃي هائي هائي!
هرسُو ٿا ٻرن رنگ ۽ خوشبو جا ڏيا،
جڻ ڪنوار هٿن تي ٿي ميندي لائي!

## نياز علي شاهہ 'محسن'

(۱)

ناڪار، گنهگار، خدا يا، آهيان،
بدڪار، سيہ ڪار، خدا يا، آهيان،
حقدار يقيناً مان نہ آهيان، ليڪن
بخشش جو طلبگار، خدا يا، آهيان.

(۲)

ڪاٿي تہ ڏين، مون کي مسرت ڏيندا؟
حقدار کي حق حسبِ ضرورت ڏيندا؟
ڪجھ وقت خوشيءَ ساڻ گذاريان مان پڻ،
احباب ڀلا مون کي اجازت ڏيندا؟

(۳)

اي دوست، اوهان کي تہ خبر ئي ناهي،
ڪنهن جي بہ حقيقت سان اوهان جو چاهي:
'محسن' کي ڏسي خوب چيو ڪنهن عاشق،
مرحوم تمنا جو جنازو آهي!

(۴)

تنهنجي بہ عنايات جو لائق ناهيان،
افسوس، ٻئي کي بہ نٿو مان چاهيان:
هن ساري زماني ۾، خدا ٿو ڄاڻي،
محسوس ڪريان ٿو تہ اڪيلو آهيان.

(۵)

انسان کي انسان جي عزت ڪاٿي،
اک آهہ، مگر آن ۾ بصيرت ڪاٿي:
بيسود محبت جي ڪرين ٿو ڳولا،
هن دور ۾ بيلوث محبت ڪاٿي!



سڪَ تنهنجي سُپرين، جئن تران تئن تارِ،
تون ئي رهين روح ۾، تون ئي اکيان ٻارِ،
پرين، تنهنجي پارِ، مون واجهائيندي ورهيه ٿيا.

سِڪَ تنهنجي، سُپرين، ڪَپي ۽ ڪوري،
سَگهان نه چوري، ڏاڍو نيَرُ نينهن جو.

سِڪَ تنهنجي، سُپرين، اندر ئي آجهَلَ،
پَڙ ڪيو ٻاهر نڪري، ڪوري ڪانئي ڪَلَ،
ري سيراهيءَ سَلَ، مون کي ڏنا سڄئين.

ڏٺي ٿيڙم ڏينهَن، ڪُهُه چاڻان کهڙا ٻرين،
نيڻ پَرجي نينهَن، پَلٽيا پاريون ڪري.

ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪُهُه چاڻان کهڙا ٻرين،
سهسين سِجَ آلهي، واجهائيندي وِيام،
تنهين سالَ ٿيام، جنهين ساعتَ نه سَهان.

نڪو سَنڌو سُور جو، نڪو سنڌو سِڪَ،
عددُ ناهي عشقَ، پُڇائي پاڻَ لهي.

جي قيام ميڙن، ته ڪَرَ اوڏا سُپرين،
تِهان پَري سُڄن، واڌايون وصال جُون.
ـ شاهه لطيف رحه.

# ٢

## افسانا


۰١ مهربان خوني — م۰ع۰ ڏيپلائي

۰٢ "ڪنهن کي دلڙي ڏيئي، ڪنهن کان ڏار ٿيئي." — قمر شهباز

۰٣ ٿرڊ ڪلاس — ذوالفقار راشدي

۰۴ عورت — آمَر جليل

۰۵ ڪارو سچ — ڪرشن چندر
سنڌيڪار: اقبال احمد آگرو

۰٦ زندگيءَ جي آغوش ۾ — وڪٽر هيوگو
سنڌيڪار: غلام نبي ميمڻ

۰٧ هيءَ ڪهاڻي ڪهڙي! — ايوان ڪينڪر
سنڌيڪار: شمشيرالحيدري


## ناٽڪ


"هندستان ڇڏي وڃو!" — موهن ڪلپنا

م ۰ ع ۰ ڏيپلائي

# مهربان خوني

هن کي آيل ڏسي، آءٌ بسترو ڇنڊڻ لڳس ته متس ويهي ڪا رهاڻ ڪريون. پيو پلا جيل ۾ ڪا ڪرسي، ڪوڪتولو يا سنجي ڪٿان آئي.

”هون هون، ويچارڙيءَ کي مار ته نه!“ هن رڙ ڪئي. منهنجو هٿ رڪجي ويو، ۽ حيرت مان ڏانهنس نهارڻ لڳس. منهنجي اکين اڳيان اهو شخص بيٺو هو، جنهن نهايت بيدرديءَ سان ڪيترا ئي خون ڪيا هئا. اج ڪيس ماڪوڙيءَ تي ڪهل اچي رهي هئي، ۽ آهستگيءَ سان ڪيس بستري تان ڪٽي، پريان اڇلائي ڇڏيائين.

هو بستري تي اچي ويٺو ته مون مرڪي چيو، ”هي جي هيترا سارا خون ڪيئه هيترن انسانن جو رت وهايئه، تڏهن ته ڪا ڪهل ڪانه آيئه، ۽ هينئر ماڪوڙيءَ تي به ٿو مهر ڪرين؟“

سنجيدو ٿي، هن منهنجي منهن ۾ نهاري چيو، ”مون جيڪي خون ڪيا آهن، تن مان ڪو هڪڙو به اهڙو ٻڌائيندين جو ’ناحق‘ ڪيو هجيم؟“

مون هن جي گفتي تان چرڪ پريو ۽ سوچ ۾ پئجي ويس. هن وري چيو،”پلي ويچار ڪري ڏس. منهنجي گهڻن ئي خونن جي توکي پوري پوري خبر آهي. چڱيءَ طرح ويچار ڪري، مون کي هڪڙو به اهڙو خون ٻڌاءِ، جنهن ۾ مون ڪنهن کي بيگناهه ماريو هجي.“

هو ويهي رهيو، ۽ آءٌ ويچار ڪرڻ لڳس.

*　*　*

”ادا خانو، اهو تنهنجو وڏ ناهي جو غريبن جي ٻارن ۾ اکيون وجهين.“ هن نمائو ٿي، نوجوان وڏيري کي چيو.

”وڏو آيو آهي ٻارن ٻچن وارو! بس، اسين هارياڻين ڏانهن نهاريون به نه، ته جيئن وٽين تيئن پيون ڪن؟“

”رئيس! اوهان کي پنهنجي ملڪيت سنڀالڻ جو پورو اختيار آهي، پر هيئن راهون جهلي بيهڻ ۽ ڪنگهڪارون ڪرڻ، اهو اشرافن لاءِ مناسب ناهي ــــ“

”هل ڙي، هل اشراف جا پٽ! وڏو معتبر بڻجي آيو آهي نصيحتون ڪرڻ.“

”ڏس، سائين، اسين اوهان جا ٻچا آهيون، پورهيو ڪريون ٿا، جنهن مان اوهين به کائو ٿا ــــ“

ماڻهو اڪيئي هن ھوڏائي زميندار ۽ سندس نيڳر واري ڪمدار کان بيزار هئا، تن مان ڪنهن به جانوءَ خلاف شاهدي ڪانه ڏني، ۽ ڪمدار ٽيپ ڪائي ويو.

— ڇا، اهو خون به ناحق هو؟

* * *

”ڪيئن، اڃيئي ٽي ڪا ڳالهه ڪيال ٻ؟ اڙي، جانوءَ جو هڪڙو ڏک به ناحق جو لهي نه سگهندين! جانوءَ جا توکي ته اجا ٽورا خون معلوم آهن، گهڻيئي ڪيا اٿم، ۽ انشاءالله ڪندو رهندس؛ پر رب جي درٻار ۾ انهن تي به سَرڪندو ويندس. اهي سڀ هيٺا منهنجا همراهه هوندا، جن تي سدائين پٺي ڪهل ڪئي اٿم!“ هن منهنجي ڪلهي تي هٿ هڻي، سرڪندي چيو. ۽ اَءٌ هن وڏي خونيءَ، منڊڪائيندڙ ماڪوڙيءَ ۽ پرسان پيل ناول ”چٽرليڪا“ ڏانهن نهاري رهيو هوس.



رات جو جڏهن هٽ هٽ ۾ ڏيئي، ٻيئي گڏجي جهومندا نڪرندا هئا، تڏهن آڪاش سندن راهه ۾ هر طرف چانڊوڪيءَ جي چادر ڦهلائي ڇڏيندو هو، ۽ زمين جا ننڍڙا ننڍڙا، نازڪ نازڪ، خوشبودار ڦُلَ سندن آجيان لاءِ آسري ايندا هئا.

اهڙين ئي ليائيندڙ راتين ۾ هنن هميشه هميشه لاءِ هڪٻئي جو ٿي رهڻ جو قسم کنيو هو — ۽ چنڊ ۽ تارن کي پنهنجي پاڪ وعدي جو شاهد بنايو هو.

سائي سائي گاهه ۽ ڏکڻ ڏکڻ وڻن جي وچ ۾ وکوڙيل ڍنڍ ۾ ٻوٽنگ ڪندي، هڪ ڏينهن هن چيو هو:

”مان دور دراز جو رهاڪو آهيان، مارلن! منهنجو ديس آهي هندستان، جتي تاج محل آهي، ۽ جتي موهن جو دڙو آهي. منهنجا مارو سادا، سپاجها ۽ اهوجهه اٿئي. منهنجي ديس ۾ توکي هتان جهڙيون رنگينيون نظر نه اينديون. دل بهلائڻ جا هيترا سانباڻ به اتي ڪونهن. اتي ته رڳو ڏٻرا ۽ ڏتڙيل جسم آهن — ۽ منجهن آهن تمڪندڙ، آسائتيون اکيون. ويچارا پورهيت، ڏينهن رات ڪِيي جي ڳولا ۾ مگن ڏسندينءَ. ’آئيون ۽ چاڙهيون، ڏت ڏهاڙي سومرا‘ وارو لقاءُ اٿئي. پر ترس، سڻي، اتي هڪ ڳالهه ٻي به آهي، جا هتي الئي پيئي پائنجي: ها، اتي آسر، پريم لهندينءَ! ڏکيا آهيون، بکيا آهيون، جيوت جنجال اٿئون، پر الفت جا سو آکٽ پنڊار اٿئون. هاٿي چئه، چئه، مارلن، ته ايترو ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ به مون سان هلندينءَ؟“

جواب ۾ صرف مارلن جي خوبصورت چپڙن تي هڪ هلڪي مرڪ ڪڏي آئي — مرڪ، جنهن ۾ سوين افسانا هئا، وفا هئي، آتت هو، قرب هو.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن ان مرڪ جي ئي سهاري، کيس ساڻ ڪري، راج هندستان هليو آيو. ۽ مارلن، جيون-سائيءَ سان توڙ نباهڻ لاءِ پنهنجو سڀڪجهه تياڳي، نئين زندگيءَ جي خوبصورت خوابن ۾ گم، هڪ بلڪل ئي نئينءَ دنيا ۾ هلي آئي.

پر راج سندس ساٿ ڏيئي نه سگهيو. موت جي مضبوط چنبي کيس وفا جي وعدي پوري ڪرڻ جي مهلت نه ڏني. هو هليو ويو —

دور، گهڻو ئي دور، پنهنجي ابدي ديس.

مارلن سندس چيتا کي جلندو ڏٺو. پر اها چيتا ته سندس جيءَ ۾ به جلي چڪي هئي. شام جي هلڪيءَ اونداهيءَ ۾ جڏهن چيتا جي آگ اُجهامي ويئي ۽ هلڪي رک هوا ۾ اڏامڻ لڳي، تڏهن کيس محسوس ٿيو ته هيڏيءَ ساريءَ دنيا ۾ هاڻ سندس ڪير به ڪونه هو. هوءَ اڪيلي هئي، بلڪل اڪيلي،

تنها. ۽ پوءِ، تڏهن، هن جي اکڙين ۾ ڳوڙها تري آيا. هوءَ سڏڪي سڏڪي روئڻ لڳي.

— ۽ هوءَ اڃا به سڏڪي رهي هئي. مون ڳوڙهن لڪائڻ کان منهن ڦيري ڇڏيو. تڏهن، اوچتو ڪنان پري کان پنهنجو ئي لرزندڙ آواز ٻڌم، جو چئي رهيو هو، ”تون ديوي آهين! مارلن، تون ديوي آهين، ديوي آهين، ديوي!“

۽ ان رات مان گھڻيءَ دير تائين پاسا ورائيندو رهيس. پوءِ جڏهن نااميد ٿي ڊيڪ تي هليو آيس، تڏهن سمنڊ ۾ طوفان اچي چڪو هو.

وڏيون وڏيون خوفائتيون لهرون زور زور سان جهاز سان ٽڪرائجي رهيون هيون، ۽ جهاز ڪاغذ جي ٻيڙيءَ جيان ٽڦيڙا کائيندو، لڏندو لمندو، اڳتي وڌي رهيو هو.

تڏهن، اوچتو، ڊيڪ جي ٻئي ڇيڙي تي مون ڪنهن عورت جو ڪارو پاڇو ڏٺو. هوءَ اونداهيءَ رات ۾، سمنڊ اندر آيل طوفان کي گهوري رهي هئي. سندس وار ڇُڙيل هئا، ۽ مون کي ائين لڳو، ڄڻ ڪو وڇڙيل روح اونده جي اوڙاهه ۾ روشنيءَ جي ڪنهن هلڪي ڪرڻي لاءِ تڪيندو هجي.

مان ڪنڌ جهڪائي، پيرَ پيرَ ۾ پائي، پنهنجيءَ ڪئبن ۾ موٽي آيس. نه ڄاڻان ڇو، مون ڪان مارلن جو ڏک ڏٺو نٿي ويو. شايد ان ڪري جو هوءَ عورت هئي، ۽ سندس اکين ۾ آنسو هئا؛ يا وري شايد ان ڪري، جو هوءَ هر گهڙيءَ مون کي شيلا جي ياد ڏياري رهي هئي.

پر هاڻ ته شيلا به پرائي ٿي چڪي هوندي! سندس هٿن ۾ ميندي رچي هوندي، سينڌ ۾ سهاڳ جو سندور پريو ويو هوندو، ۽ هوءَ سجايل سيج تي ويڙهي سيڙهي، ڪنهن جو انتظار ڪري رهي هوندي.

’هونهه —‘ مون منهن ڦيري ڇڏيو. ’هوءَ مون کي وساري ڇڏيندي، وساري ڇڏيندي — هميشه هميشه جي لاءِ وساري ڇڏيندي.‘ مون پاسو بدلائي ڇڏيو. ’مان به ڪيس وساري ڇڏيندس، وساري ڇڏيندس!‘

۽ شايد اهو ئي سوچيندي، مارلن جاڳندي رات گذاري هئي. صبح جو وراندي مان لنگهندي، اوچتو هوءَ اچي سامهون بيٺي. سندس اکين جي لالاڻ ٻڌائي رهي هئي ته سندس آرام ڦُرجي چڪو هو.

”مارلن —“ مون آهستي چيو.

هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. اکڙين جون پرنڊڙ به ڏيائيون ڪن پل لاءِ ڄڻ اجهامي ويون.

”مارلن!“

هوءَ خاموش رهي.

”ڪيسين ائين خاموشيءَ سان سهندي رهندينءَ، ڇري! ڪيسين ماضيءَ جي اڻپورن خوابن سان توڙ نباهيندي رهندينءَ؟ ڪيسين پنهنجي خوبصورت جسم ۽ پاڪ روح تي جبر ڪندي رهندينءَ؟ ڪيسين، ٻڌاءِ، ڪيسين؟“

”جيسين يادون زنده رهنديون.“ ڦڙڪندڙ چپن ورائيو.

”يادون —؟ يادون ته ڀلائڻ لاءِ هونديون آهن، گهيلي!“

”پر جي وس ڪئي به نه وسرن؟“

”اهو تنهنجو سوداءُ آهي.“

”ڪاش، اهو صرف سوداءُ ئي هجي!“

"اسان ٻنهي جي چپن تان مرڪ ڦري ويئي آهي! زندگيءَ زهر کان سواءِ ڏنو ئي ڇا هي اسان کي؟"

هوءَ اڃا تائين مون کي تڪي رهي هئي.

موسيقي گونجندي رهي، پاچا ٺڙڪندا رهيا ـــ ٺڙڪندا رهيا، ... ۽ پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو. ماڻهو اسان کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. اسان ٻنهي جي ڳلي ۾ گلن جا هار وڌا ويا هڪ ڄڻي اٿي اسان جي صحت جو جام پيش ڪيو، ۽ ٻين سڀني گلاس ٽڪرائي زور سان پڪاريو:

"چيئرز!"

"چيئرز!"

۽ پوءِ، عورتن ۽ مردن جو انبوهه اسان جي چوگرد اٿي نچڻ لڳو.

مون مارلن کي هٿ کان جهلي ورتو ـــ جڻ هيڏي ساري انبوهه ۾ سندس گم ٿي وڃڻ جو ڊپ هجيم.

هن زور سان منهنجين ٻانهن ۾ منهن لڪائي ڇڏيو، ۽ سڏڪي سڏڪي روئڻ لڳي ـــ شايد راڄ جي ياد دل جي ڪنهن گهرائيءَ مان اڀامي آئي هيس.

تڏهن مون کي شيلا ياد اچي ويئي.

پر نه ـــ شيلا نه منهنجين ٻانهن ۾ هئي!

۽ اها رات اسين ٻئي ڪيتري تائين ريلنگ جي سهاري بيٺا رهياسين. ٻنهي جي اکين ۾ آنسو هئا، ۽ دل ۾ جلن. عدن پهچڻ شرط ئي اسين زندگيءَ جي سڀ کان مضبوط رشتي ۾ ٻڌجي، هڪ ٿي ويندا سين.

ـــ ۽ اسان جو جهاز عدن کي ويجهو پوندو ٿو وڃي. بس، اڄوڪي رات جو سفر باقي آهي. صبح ٿيندي ئي وڏن وڏن منارن، خوبصورت عبادتگاهن ۽ چهل پهل سان چاڪندڙ بازارين وارو عدن، اسان جي سامهون هوندو.

فقط هڪ رات جي ئي ته ڳالهه آهي ـــ ۽ اها رات هميشه جيان لهرن ۾ لڙهندي ئي گذري ويندي، موسيقيءَ جي درياءَ ۾ وهندي ئي گذري ويندي!



آسَر جليل

# عورت

ٿڪل قدمن سان هو ڪاليج جي ڪمپائونڊ مان ٿيندو، ڪلاسن جي سامهون واري ورانڊي ۾ پهتو. سندس دل بيحد آداس هئي. خواهہ مخواهہ نگاهن تي آنسن جي جهالر لڏي رهي هيس، ڄڻ تہ سندس سيني ۾ ڪجهہ پڄي پيو هو.

هن در جي وٽ مان اندر ڪلاس ۾ نهاريو. شاگرد غور سان پروفيسر ولسن جو ليڪچر ٻڌي رهيا هئا. هن شاگردن جي هڪ هڪ قطار ۽ هڪ هڪ بينچ کي غور سان ڏٺو، پر ڪيس ڪملا نظر نہ آئي. هن جو درد وڌي ويو. کيس پنهنجن سنڌن ۾ سور جو احساس ٿيو. ۽ وري سندس نگاهن تي لڙڪن جي جهالر پئجي ويئي.

هو ٻڏل دل ۽ رونئدڙ روح سان ڪاليج جي گارڊن ۾ آيو. سڀ شاگرد ڪلاسن ۾ هئا. هو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو، ڄڻ هن وسيع دنيا ۾ سندس ڪوبہ نہ هو. تنهائيءَ هن جون مايوسيون سمنڊ جي گهراين ڪان بہ وڌيڪ اونهيون ڪري ڇڏيون. هو پپر جي ڇانوَ ۾، ٻانهون ڪنڌ هيٺان ڏيئي، سائيءَ ڇپر تي ليٽي پيو. دل ڪانئس پڇيو تہ آخر ڪملا کيس ڇو ستائي رهي آهي — هوءَ هڪ هفتي کان غيرحاضر آهي! ۽ پوءِ هن پاڻ سان ڳالهايو: 'ها، ڪملا هڪ هفتي کان غيرحاضر آهي. آخر هوءَ سمجهي ڇو نٿي تہ مان کيس دل جي گهراين سان چاهيان ٿو. منهنجي محبت پوڄا آهي. مان کيس پوڄيان ٿو. ها، پوڄيان ٿو. هوءَ منهنجي من-مندر جي ديوي آهي. پر ديويون ستائينديون تہ ناهن...تہ پوءِ ڪملا هڪ هفتو منهنجي نظر کان اوجهل رهي، مون کي ڇو ستائي رهي آهي!'

هن ڪنڌ ورائي، سامهون واريءَ بينچ کي مسرت سان ڏٺو. هڪ دفعو اڳ، ڪملا ان بينچ تي ويٺي هئي ۽ هو سندس قدمن ۾ ويٺو هو.

"تون ديوانو آهين، ستيش!" ڪملا چيو هو.

۽ جواب ۾ هن ڪنڌ جهڪائي، ڪملا جا پير چمي ورتا هئا. ڪملا حيرت مان اٿي بيهي رهي، ۽ پوءِ ستيش جي اکين ۾ ڏٺائين. ستيش جون نگاهون ڄڻ تہ ڳالهائي رهيون هيون، 'ڪملا، منهنجي دنيا تون آهين. منهنجي بهار تون آهين. منهنجي شفق تون آهين. منهنجو پيار تون آهين. منهنجي پوڄا تون آهين، ڪملا!'

۽ پوري ٿي ويئي ۽ سنڌپ جي ٻانهن ۾ سرد ٿي ويئي، تڏهن هن جون اکيون وسي پيون. هو معصوم ٻارن وانگر، ڪيوڙي جي ساڻي ٿڙ سان لڳي، سڏڪا ڀرڻ لڳو ۽ چڻ ته ڪيوڙو به سندس آهن ۾ سڏڪڻ لڳو. پوءِ آها عورت سندس آلو چهرو پنهنجي سيني ۾ لڪائي، هن جي وارن تي پنهنجا چپ ۽ گُل ڦيرڻ لڳي. هن عورت جي سيني تان منهن هٽائي، ڪيس پرنم نگاهن سان ڏٺو، ۽ عورت سندس آلين اکين تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيا.

”هن گهر ۾ توکان سواءِ منهنجي دل نه لڳندي، چندرا.“ هن سڏڪن ۾ چيو.

”مان هميشه تنهنجي رهندس، ستيش.“ عورت جو سندور ستيش جي چپن کي لڳي پيو. ”منهنجو نئون گهر به تنهنجو ئي آهي.“

۽ هينئر هو انهيءَ عورت ڏانهن وڃي رهيو هو. بلڊنگ جي ڏاڪڻ ۾ ٿاٻڙندو، هو فليٽ جي در وٽ بيهي رهيو. هن بيل تي آڱر رکي، ۽ اندر گهنٽي وڳي. هو انتظار ڪندو رهيو، ۽ پوءِ هن وري بيل تي زور ڏيئي گهنٽي وڄائي. ڪجهه دير کان پوءِ ان عورت در کوليو. ستيش جي وات ۽ ڪپڙن سان نڪرندڙ شراب جي بوءِ، عورت کي سخت ناگوار لڳي. هوءَ هڪ قدم پوئتي هٽي ويئي. ستيش اندر داخل ٿيڻ لاءِ قدم وڌايو، پر عورت هن جي سامهون اچي ويئي.

”نه، ستيش،“ هن چيو، ”منهنجو گهر تو جهڙن اوباشن لاءِ ناهي!“

”چندرا!“

”پنهنجي زندگي ته تباهه ڪري چڪو آهين، هينئر مون کي برباد نه ڪر، نڪري وڃ. هليو وڃ، ستيش، ۽ وري منهنجي چائنٺ تي قدم نه رکجانءِ!“ عورت ڪيس حقارت سان ڏسندي چيو، ۽ پوءِ در بند ڪري اندر هلي ويئي.

ستيش جو درد جاڳي اٿيو، هن جا زخم گهرا ٿي ويا، ۽ هو ڪنڌ جهڪائي ڏاڪڻ لهي آيو. چندرا عورت هئي — هن جي پيڻ!

* * *

جڏهن هڪ انسان جون حسرتون خاڪ ۾ ملي وينديون آهن، جڏهن قدم قدم تي انسان کي ٺوڪرون ملنديون آهن؛ جڏهن منزل نظرن کان اوجهل ٿي ويندي آهي، ۽ جڏهن انسان رات جي تاريڪين ۾ ۽ ڏينهن جي روشنين ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو آهي، تڏهن هو سهارا تلاش ڪندو آهي.

ستيش کي به سهاري جي ضرورت هئي. ڪيس هڪ بهاني جي ضرورت هئي، جنهن جي سهاري هو جيئي سگهي. ورنه هن جون ته سڀ آسون ۽ اميدون ختم ٿي چڪيون هيون — هن کي قدم قدم تي دوکا مليا، ڪيس موڙ موڙ تي فريب مليو، ۽ پوءِ تمنائن جا ديپ وسامي ويا. هينئر زندگيءَ جي تاريڪ راتين لاءِ ڪيس فقط جگنوءَ جي ضرورت هئي، جيئن هو جيئي سگهي. هو قدرت جي قانون موجب زنده هو، پر سندس دل مري چڪي هئي.

گاڏي سرڻ لڳي هئي. ستيش عورت جي اکين ۾ سمنڊ جون لهرون ڏسي ورتيون؛ پيار جو ساگر ڏسي ورتو؛ ۽ پوءِ هن هلندڙ گاڏيءَ مان پليٽفارم تي ٽپو ڏنو. سندس رهيل کهيل رت منهن ۾ تري آيو، ۽ ساهه جي وچ ۾ پردا پئجي ويس. وري ساڳيءَ ڪنگهه ڪيس بيحال ڪري ڇڏيو. عورت سندس پاسي ۾ فرش تي ويهي رهي، ۽ ڪيس معصوم ٻار وانگر پنهنجيءَ هنج ۾ ليٽائي ڇڏيائين. هو ڪنگهي رهيو هو. سندس سيني ۾ ٻڙڇيون ڇپي رهيون هيون. پوءِ ڪيس خون جي آلٽي آئي. عورت سڄي آلٽي پنهنجن ڪمزور ۽ ڪنبندڙ هٿن ۾ ڪٺي ورتي. پيار جو ساگر اٿلي پيو: "تو ڇا ڪيو، منهنجا لال، منهنجا لال، منهنجي جوت!"

عورت هن جو رت ۾ ٿڦيل چهرو چمي ورتو. ۽ هن آهستي چيو:

"ڪجهه به ناهي... مان هينئر جلد ٺيڪ ٿي ويندس، جلد ٺيڪ ٿي ويندس!"

پوءِ ٻنهي جي چپن تي مرڪ ڦهلجي ويئي؛ ٻنهي جي اکين ۾ محبت جون ڪوٺيون چمڪڻ لڳيون، ۽ ٻنهي ڳڙاٽڙي پائي، هڪٻئي جي سيني ۾ چاهت جا نغما ٻڌي ورتا.

— اها عورت هن جي ماءُ هئي.



نچندا هئا، شاديون سُراديون ڪندا هئا، ٻارن سان دل وندرائيندا هئا، سياري ۾ ڇپيل جي ڪائين سان ٻاهه ٻاري، ۽ اونهاري ۾ وڻن جي ٿڌڪار هيٺ ويهي ڪچهريون ڪندا هئا — ۽ ڏاڍا خوش گذاريندا هئا. ماڙيءَ جا سمورا ماڻهو ڪم ڪندا هئا، ۽ تمام خوش هئا. ڳوٺ جي سردار وٽ سڀڪجهه هو، پر هو خوش ڪونه هو. هن وٽ سڀني کان گهڻي زمين هئي. سندس جاءِ سڀني کان مٿانهين هئي. سندس زال سڀني کان سهڻي هئي. سندس ٻارن وٽ بهترين ڏول هئا. وٽس سڀني کان گهڻي مايا هئي. پر پوءِ به هو خوش نه هو! هن ڪڏهن به ڪو پورهيو ڪونه ڪيو هو — سندس پيءُ به ڪڏهن پورهيو ڪونه ڪيو هو — پوءِ به هو خوش ڪونه هو. سڀڪجهه هوندي به، ڪيس معلوم نه هو ته پاڻ ڇو خوش نه هو.

سردار کي پنهنجي ماڙيءَ سان ڏاڍي محبت هئي. هو انهيءَ ماڙيءَ کي اڃا وڌيڪ خوبصورت بنائڻ لاءِ نوان نوان طريقا پيو سوچيندو هو. هڪڙي ڏينهن هن سوچيو ته هيءَ ماڙي ڏينهن جو ته ڏاڍي خوبصورت ٿي ڏسجي، پر رات جو جڏهن اونده ٿيو وڃي، تڏهن هي ٻنيون، هي باغيچا، هي سمورو ڇهڇٽو ائين گم ٿيو وڃي، ڄڻ ته هتي اونده بنا ڪجهه هوئي ڪونه! رات جو هيءَ ماڙي ڪيڏي نه ڀوائتي ٿيو پوي! ٻيلن منجهان وحشي جانورن جا آواز ڊيڄاريو ڇڏين؛ ۽ تيز برفيليون هوائون، راڪاس جيان خوفناڪ رڙاٽ ڪنديون، ماڙيءَ جي هڪڙي سري کان ٻئي سري تائين ائين ڏوڪينديون وينديون آهن، ڄڻ ته هتي راڄ ئي سندن آهي، سردار جو راڄ آهي ئي ڪونه!

سردار پڙهيل-لکيل ۽ عقلمند به هو، ۽ ماڙيءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ امير به هو. سو، گهڻي سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ، ماڙيءَ کان ٻاهران هڪڙي بجلي پيدا ڪرڻ جي مشين گهرايائين، ۽ گهڻيءَ تڪليف سان آها پنهنجي ڀيتاريءَ جي هڪڙي پاسي آئي هٿايائين. ٿورن ئي ڏينهن اندر ماڙيءَ جي گهر گهر ۾ بجليءَ جي روشني پهچي ويئي. ننڍن ننڍن پيچرن تي به بجليءَ جا باب لڳي ويا. نديءَ جي ڪناري سان لڳولڳ هڪڙي عمدي سڙڪ ٺاهي ويئي، ۽ ان کي به بجليءَ سان سينگاريو ويو. سردار جو پنهنجو گهر ته بجليءَ جي روشنيءَ سان ٻنهه چنڊ جيان چمڪڻ لڳو. گهر جي ٻاهران لڳل رنگارنگي بلب، پري کان گلن جي تارين جيان چمڪندا ٿي ڏنا؛ ۽ ماڙيءَ جا ماڻهو خوشيءَ وچان هڪٻئي کي اوڏانهن اشارا ڪري چوڻ لڳا: ”هو ڏسو، هُن ٽڪري تي اسان جي سردار جو گهر آهي!“

ماڙيءَ جا ماڻهو سردار جي عقلمنديءَ تي ڏاڍا خوش ٿيا. ۽ جڏهن سردار اها وٿا ڪئي ته هرڪو شخص پنهنجي گهر ۾ بجلي هڻائڻ ۽ رستن ۽ گهٽين تي روشني ڪرائڻ لاءِ ٽئڪس ادا ڪري، ته هرڪنهن اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي. انهيءَ ٽئڪس سان سردار کي ايتري آپت ٿيڻ لڳي جو ڳوٺ وارن تي ٿيندڙ بجليءَ جو خرچ ڪڍي، ۽ سندس ٽڪري تي ٿيندڙ روشنائيءَ جو سمورو خرچ ڪاٽي، پوءِ به هر مهيني ڪيس چڱي خاصي رقم بچندي هئي. ايتري آپت ڪيس گذريل ڏهن سالن ۾ به ڪانه ٿي هئي، جيتري هاڻي رڳو هڪڙي مهيني ۾ ٿيڻ لڳي هيس.

ڇوڪر چيو: ”مون تہ سدائين ڪارو ڏٺو آهي. ڇا، سج ڪنهن ٻئي رنگ جو بہ ٿيندو آهي؟“

ٻڍي چيو: ”اڳي آن جو رنگ ڪارو ڪونہ هو. مون هڪڙي ڏينهن صبح جو —“

”صبح‘ ڇا کي چئبو آهي؟“ ننڍڙي نينگر پڇيو.

ٻڍو ڪنگهندي ڪنگهندي رڪجي ويو. سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن سوچيو، ’آءٌ ڪيڏو نہ ظالم ،آهيان! منهنجي ٻچي صبح نہ ڏٺو آهي! هن رنگبرنگي پرَن وارا پوپٽ نہ ڏٺا آهن، سورجمکيءَ جو گل بہ نہ ڏٺو آهي! آءٌ ڪيڏو نہ ظالم آهيان!‘

”هيءُ جو ڪارو سج تون روز ڏسين ٿو، تنهن جي چهري تي مون هڪڙي ڏينهن ڪاراڻ هڻي ڇڏي هئي. مون، سردار جي چوڻ ۾ اچي، هڪڙي صبح جو، الهندن جبلن جي چوٽين پٺيان، انهيءَ سج کي ٻنهي هٿن سان پڪڙي ورتو — ۽ ان جي منهن تي ڪاراڻ هڻي ڇڏيم. منهنجن هٿن تي هيءُ جو ڪوڙهہ تو ڏسين، سو انهيءَ غلطيءَ جو نتيجو آهي. مون چند سونين اشرفين خاطر سڄيءَ ماتريءَ جي امن امان، خوشيءَ ۽ آسودگيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. سج جي منهن کي ڪاراڻ مليندي مليندي، منهنجا ٻئي هٿ سڙي ويا، ۽ منهنجيون ٻئي اکيون بہ انڌيون ٿي ويون. ماتريءَ ۾ جيڪا تباهي آئي آهي، تنهن کي ڏسي مون ڪئين ڀيرا خيال ڪيو آهي تہ وري بہ وڃي سج کي صاف ڪري اچان، ۽ ان جي منهن تان ڪاراڻ لاهي، ان کي وري اڳي جهڙو روشن ۽ چمڪندڙ بڻايان. پر آءٌ انڌو آهيان! هاڻي اهو ڪم توکي ئي ڪرڻو پوندو.“

”مون اڪيلي کي؟“ نينگر پڇيو.

”ها، تو اڪيلي کي. ڏس — منهنجي هنڌ هيٺان تارهين جي تيل جو ڏٻو پيو آهي. اهو مون سنڀالي رکي ڇڏيو آهي. سج جي چهري تي جيڪا ڪاراڻ ستيل آهي، سا هن ئي تيل سان لهندي. تون سڀاڻي صبح جو ئي اڀرندن جبلن جي چوٽيءَ تي هليو وڃج —“

”صبح ڪهڙي وقت ٿيندو آهي؟“ نينگر پڇيو.

”هاڻي تہ مون کي بہ معلوم ناهي!“ ٻڍي اداسائيءَ سان چيو. ”بهتر تہ ائين آهي تہ هينئر ئي هيءُ تيل جو ڏٻو کڻي نڪري پئہ. رات سڄي هلندو رهج. پوءِ جڏهن تون اڀرندن جبلن جي چوٽيءَ تي پهچي وڃين، تڏهن ان جي پويان وڃي، سڀ کان ٿورو هيٺان هنڌ تي بيهي سج جو انتظار ڪج: ۽ جيئن ئي سج نڪري، ان کي ٻنهي هٿن سان پڪڙي، تارهين جي تيل سان وهنجاري ڇڏجانءِ. پوءِ آن جو چهرو صاف ٿي ويندو — پوءِ سڀڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. اچي، هيءُ ٽوال بہ پاڻ وٽ رک — انهيءَ سان سج جي منهن کي چڱيءَ طرح اگهي صاف ڪجانءِ — متان ڪٿي ڪو داغ نہ رهجي وڃي! سمجهيئہ؟“

”جي ها — آءٌ ائين ئي ڪندس.“

پر اها ڪن ورهين جي پُراڻي ڪارڻ هئي، سا تمام مشڪل سان ٽي لٿي. ٻالڪ جا هٿ ٻڌا تمام ننڍڙا، ۽ وري سج کي هو گهڻي وقت تائين روڪي به نٿي سگهيا، سو ٻالڪ طوطي کي چيو ته هو ماٿريءَ ۾ وڃي سندس ساٿين کي خبر ڏئي ته هو سندس مدد لاءِ هڪدم هليا اچن ـــ ”فوراً، هن ڪم ۾ دير اصل نه ٿين کپي!“

طوطو هوا سان ڳالهيون ڪندو، آڏامندو، هيٺ ماٿريءَ ۾ آيو، ۽ وڏي سڏ رڙيون ڪري چوڻ لڳو: ”ٻڌو، ٻڌو! مٿي، ايرندن جبلن جي چوٽيءَ تي، هڪڙو ٻالڪ سج کي وهنجاري رهيو آهي: جنهن کي اچڻو هجي، هڪدم مدد لاءِ اچي! جنهن کي روشني کپي، سو هڪدم مدد لاءِ نڪري اچي!“

”ڊم! ڊم! ڊم!“ طوطي هڪڙو دهل ڪٿي گچيءَ ۾ لڙڪايو، ۽ آهو زور زور سان وڄائيندو، خوشيءَ منجهان رڙيون ڪندو، سيني طرفن آڏامندو رهيو. واقعي، ماڻهن ڏٺو ته ايرندن جبلن وٽان روشني ڦٽي نڪتي آهي! سج اڃا ڪونه نڪتو هو، پر صبح ٿيو هو.

ماٿريءَ جا ماڻهو خوشيءَ وچان رڙيون ڪرڻ لڳا. ننڍڙا ننڍڙا ٻارڙا، سيني کان اڳيان، آيرلدن جبلن ڏانهن ڊوڙڻ لڳا. انهن جي پويان جوان هئا، جوانن جي پويان وڏڙا، ۽ انهن جي پويان عورتون. سيئي ماڻهو ٻالٽيون، ٿوال ۽ صابڻ هٿن ۾ کڻي، نڪري پيا. سيني جي پٺ ۾ هو سردار، جيڪو ٻيوس ٿي دانهون ڪري رهيو هو ـــ ”نه وڃو! آءٌ چوان ٿو، ايڏانهن نه وڃو!“

پر هو بلڪل ٻيوس هو. اڄ ڪنهن به سندس ڳالهه ڪي نٿي ٻڌو ـــ ڪنهن به سندس حڪم جو خيال نٿي ڪيو ـــ ڪنهن کي به سندس ڌمڪين جي پرواهه ڪانه هئي.

ماڻهو ائين ته تيز ۽ تڪڙا پئي ويا، جڻ ڪين پَرين وارا پَرَ لڳي ويا هئا. هو آنهيءَ گهڙيءَ جهنگ لتاڙي، ايرندن جبلن جي چوٽيءَ تي اچي سهڙيا. هڪدم، سيني گڏجي، سج کي وهنجاريو. ان جي ٻت کي چڱيءَ طرح مهٽي صاف ڪيو. ان جي منهن تي ٻانوڊر هنيو. ٻارڙا خوشيءَ منجهان تاڙيون وڄائي، نچڻ ۽ ٽپا ڏيڻ لڳا. عورتون جهومر هٽي، گيت ڳائڻ لڳيون.

جڏهن سج جو چهرو آرسيءَ جيان چمڪڻ لڳو، تڏهن باندر پنهنجي پڇ جو وٽ ڪوليو ۽ ٻالڪ سج کي مٿي هوا ۾ ائين اُڇل ڏني، جيئن ڦوڪڻي کي آڏائبو آهي.

هاڻي جيڪو سج ايرندن جبلن کان نڪتو، سو ڪارو نه هو، بلڪ اڳين کان به خوبصورت ۽ چمڪندڙ ٿي پيو هو.

ـــ هيٺ، ماٿريءَ ۾ نُور ڦهلجي ويو هو.

هڪڙي عجيب، نامعلوم تڪليف ۽ خاموشي، قاتل معصوم اڪين سان، انڌيري کي گهُوريندي رهي ـــ هڪ اهڙيءَ ڪيفيت کي ڳوليندي رهي، جيڪا دل ۽ دماغ جي سمجهه کان ٻاهر هئي.

آن وقت، گهر اڳيان هڪڙي بينچ تي، ٻارڙن جي ڏاڏي ۽ ڏاڏو ويٺا هئا. ٻُڏندڙ سج جا آخري ڪِرڻا باغيچي جي ڪُنڊ ۾ چمڪي رهيا هئا. شام جي گهري ماٺ چوڌاري ڇانيل هئي. رڳو ڪنهن ڪنهن وقت سڏڪن جو گهٽيل ۽ ڏک ڀريو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿي سگهيو. سڏڪن جو اِهو آواز يقيناً آن جوان ماءُ جو هو، جيڪا مال کي چاري ڏيڻ لاءِ وٿاڻ ڏانهن ويئي هئي. ٻيئي ڄڻا، ٻُڍو ۽ ٻُڍي، هڪٻئي کي ويجها ويٺا رهيا. هو ڪجهه وڌيڪ جهڪي ويا هئا. هٿ هٿ ۾ جهلي، هو ائين ويٺا هئا، ڄڻ ته اِها ساعت مدتن کان پوءِ آئي هئي. هو چپ چاپ ٻڏندڙ شفق جي ملڪوتي حسن کي گهوريندا رهيا، ۽ سندن اکيون خشڪ هيون.



"رُوي زمين کي آباد ڪرڻ اهڙو نه آهي،
جهڙو هڪ دل کي شاد ڪرڻ."
—— عمر خيام

# ٣


١. سنڌ جو سماجي جائزو، انگريزن جي دور حڪومت ۾ — ڪريم بخش چنا
٢. جرمن عالم ۽ جٽ قوم — عبدالڪريم لغاري
٣. سيوهڻ شريف — محبوب علي چنا
٤. نالو معجروح (آڳاٽو ادب) — شيخ محمد اسماعيل
٥. ٽالپرن جي عهد حڪومت ۾ سنڌ ۾ آداب نويسي — شائق قيصري
٦. شعر جو شرف ۽ شان — مرزا قليچ بيگ (مرحوم)
٧. ادب جو ڪم — ٽئگور
سنڌيڪار: جهامنداس ڀاٽيا
٨. ”مهراڻ“ جا موتي — ادارو
٩. ”آديسي آئي ويا—“ — غ. م. گ، ش. م. شاهه
١٠. تبصرا
١١. سنڌي زبان جا مسئلا

١١

”دنيا ۾ ٻي ڪا به دولت ڪانهي، زندگي ئي دولت آهي: محبت، مسرت ۽ ذوق جي سمورين قوتن سان ڀرپور زندگي! اهو ئي ملڪ حقيقت ۾ سڀ کان زياده شاهوڪار آهي، جنهن ۾ شريف ۽ باسيرت انسانن جو وڏي ۾ وڏو تعداد پرورش پائي ٿو. اهو ئي ماڻهو شاهوڪارن ۾ شاهوڪار آهي، جيڪو پنهنجي زندگيءَ جي ڪارج کي هر ممڪن حد تائين پايہ تڪميل تي پهچائيندي، ذاتي طور توڙي پنهنجن مالي وسيلن ذريعي، ٻين جي زندگين لاءِ همت‌افزائيءَ ۽ حمايت جو باعث ٿئي ٿو.“ [”اقتصادي انصاف“: جان رسڪن]

كريم بخش چنا

# سنڌ جو سماجي جائزو انگريزن جي دور حڪومت ۾

تهذيب، قوم جي مجموعي حالت جو نالو آهي. قومي افراد جي هلت چلت، رسم ۽ رواج، سياسي ۽ معاشي طريقن، فني ۽ علمي ڪارنامن کي گڏي "تهذيب" نالو ڏنو ويو آهي. تهذيب ڏينهن ۽ رات، صبح ۽ شام وانگر هڪ تدريجي سلسلو آهي. ڪابه تهذيب، ڪيتري به زر خرچڻ سان اچانڪ وجود ۾ اچي ڪانه ٿي سگهي ۽ نه وري اچانڪ ختم ئي ٿي سگهي ٿي.

انگريزي حڪومت جي اوائل ۾ سنڌ ۾ شهر ٿورا ۽ ڳوٺ گهڻا هئا. هرڪو شهر ۽ ڳوٺ سياسي، معاشي ۽ اقتصادي لحاظ کان هڪ خود ڪفيل دائرو هو، جنهن جون گهڻو ڪري سڀ ضرورتون سندس ئي ذريعن ۽ وسيلن سان پوريون ٿينديون هيون. هر ڪنهن ڳوٺ جو هڪڙو وڏيرو يا رئيس هوندو هو، جو پرڳڻن جي ڪاردار جي معرفت پنهنجي حد اندر امن ۽ امان رکڻ لاءِ ذميوار هو. ڳوٺن جي آبادي هيٺين چئن طبقن ۾ ورهايل هوندي هئي:- (١) وڏيرا يا پٽيل ۽ سندن رشتيدار؛ (٢) مخدوم، سادات ۽ علماءِ؛ (٣) وڻجاري يا واڻيا؛ (٤) ڪاسبي جهڙوڪ: واڍا، لهار، ڪوري، موچي، ڪنڀر، سلاوٽ، مگنهار، چارڻ، چاڪي، ڪڙمي ۽ ننڍا آبادگار وغيره. بلوچي قومن جا ماڻهو جهڙوڪ: چانگ ۽ چانڊيا، لغاري ۽ لشاري، مري ۽ مستوئي، بگٽي ۽ برهماڻي، جمالي ۽ جسڪاڻي، جکراڻي ۽ جلباڻي، جتوئي ۽ مغيري، دشتي ۽ ڏومڪي وغيره. قديم عرب قبيلن وانگر هميشه ڳوٺن ۽ شهرن کان ٻاهر علحده علحده پنهنجون بستيون ٺاهي انهن ۾ رهندا هئا؛ سندن بستين ۾ ڳوٺن وارا پويان ٿيئي طبقا ڪين هوندا هئا. هو پنهنجن معاشي ۽ تعليمي ضرورتن جي پورائي لاءِ پروارن ڳوٺن سان لهه وچڙ رکندا هئا. بلوچن جي هنن قبائلي بستين ۾ عرب جي بدوي قبيلن وانگر مهمانداري، مساوات، عصبيت ۽ عسڪريت ممتاز خصوصيتون هيون. شهرن ۾ ڪاردار ۽ ڳوٺن ۾ وڏيرا گهڻيءَ حد تائين سفيد ۽ سياه جا مالڪ هئا. چورن ۽ ٻين معاشي رهزنن کي ڪاٺ ۾ وڌو ويندو هو يا پيون ڳريون سزائون ڏنيون وينديون هيون. جن شهرن ۾ ساداتن، پيرن يا علماء جو زور هو اتي شرعي حڪمن موافق تعزير ملندا هئا. نماز، روزي ۽ ٻين شرعي امرن کان انحرافيءَ سبب واسطيدار ذرين کي جوڳي سزا ڏني ويندي هئي يا انهن سان قطع تعلقات ڪيو ويندو هو. ٺٽو، نصرپور، چوٽياري، مٽياري، هالا، حيدرآباد، سن، سيوهڻ، پاٽ،

۽ پختو ڇمندو ويو تيئن هو ملڪي معاشرت ۾ پنهنجين سياسي مصلحتن جي بناء تي ڦير ڦار ڪرڻ لڳا. ميرن جي زماني ۾ هندن تي جيڪي زمين جي خريدڻ، وياج جي وڏن نرخن وٺڻ ۽ مسلمانن جون زمينون گروي رکڻ تي بندشون پيل هيون سي هنن لاهي ڇڏيون جنهنڪري ڪيترا آبادگار پنهنجي جهالت ۽ فضول خرچيء سبب هندو شاهوڪارن جي وياج تي وياج ۽ ڪٽن جي ڪري پنهنجون زمينون وڃائي ڪنگال ٿي ويا. اڳ جيڪي ملن موراڻن، مُدَرِّسن ۽ معلمن کي ميرن جي دربار مان مددون ملنديون هيون سي هاڻي قطعي بند ٿي ويون ويتر جو انگريزن فارسي ٻوليء کي دفتري زبان جي منصب تان لاهي ڇڏيو تنهن ته هيڪاري مسلمانن جي علم نواز طبقي جا طاق ڪيڏي ڇڏيا. ملڪي اهلڪار جهڙوڪ: قاضي ۽ ڪاردار وغيره، جي فارسي دانيء جي شرطن ڪري عموماً مسلمان طبقي مان هوندا هئا سي هاڻي فارسي زبان جي منزلت ختم ٿيڻ جي ڪري هندن واڱر سُست ٿيڻ لڳا. ايتريقدر جو ملڪ جي سمورين ملازمتن تي هندن جو قبضو ٿي ويو. هندو پنهنجي انگريز آقائن جي مدد سان مسلمانن مان خُوب ڪسرون ڪيڻ لڳا. انگريزن جي ملڪي مصلحتن جي ڪري سنڌ جي صنعتڪارن کي به ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو.

انگريز سنڌ ۾ واپاري قوم ٿي آيا هئا ۽ واپاريء جي ئي حيثيت سان هو ملڪ جا مالڪ بنجي پيا هئا. هنن جون ملڪي صنعتون مشينن جي مدد سان نهايت اعلى معيار تي پهچي چڪيون هيون؛ انهن صنعتن کي فروغ ڏيئي پنهنجي ملڪي معيشت کي ترقي ڏيارڻ، سندن ملڪ گيريء واريء پاليسيء جو سنگِ بنياد هو. هنن ديسي صنعتن جي مٿان باري پابنديون عائد ڪري پنهنجي ملڪ جون ٺهيل شيون وڏي انداز ۾ بازار ۾ آڻي ڪيون. نتيجو اهو ٿيو جو ٺٽو، هالا، نصرپور، هالاڻي ۽ درٻيلو وغيره جي اوائلي زماني کان سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت کان مشهور هئا سي ڦيٽي تباهه ٿي ويا ۽ سڄيء سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت جو خاتمو ٿي ويو.

اسين مٿي ٻڌائي آيا آهيون ته انگريزن جي اوائلي دور ۾ سنڌ ملڪ جي آمدورفت سنڌو نديء ۽ سندس ڦاٽن ۽ شاخن جي وسيلي ٿيندي هئي. سنه ١٨٨١ع کان سنڌ ۾ ريلوايون پوڻ شروع ٿيون ۽ جلد ئي سڄيء سنڌ ۾ ريلواين جو چار پکوڙجي ويو. هنن ريلن جو نتيجو اهو نڪتو جو لکها ماڻهو، جن جي گذران جو ذريعو ملڪ جي واپار ۽ آمدورفت سان وابسته هو جهڙوڪ: جت، ميربحر وغيره سي روزگار کان محروم ٿي سڃا ٿي پيا. اهو نٿو چوان ته انگريزن هي تبديليون ڪنهن بُري مقصد سان ڪيون هيون. دنيا سڌرندڙ آهي ۽ علمي فني ۽ صنعتي ترقيء جي ڪري مٿين سيني ڳالهين جو وجود ۾ اچڻ ناگريز هو. اڳي يا پوء بهرصورت اهي ڳالهيون ضرور وجود ۾ اچن ها، پر نيڪرٌ جو انگريزن تي پهتو هو، سو مٿن ئي پيو.

مٿين سيني تبديلين جي ڪري — جي دنيا جي وڌندڙ علم ۽ صنعتي سڌارن جي عين

منظوم تاريخ اسلام ۾، انگريزن جي دور ۾ مسلمانن جي مٿي ذڪار ڪيل بدحاليءَ جو ذڪر ڪيو آهي. مرحوم اڪبر الھآبادي هندستان ۾، ۽ مرحوم شمس الدين ”بلبل“ ۽ مرحوم محمد هاشم ”مخلص“ سنڌ ۾، پنهنجي طنزيہ اشعار ۾ مسلمانن جي بدحاليءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

مٿين دلگداز حالتن جي باوجود انگريزي دورِ حڪومت، سنڌ جي معيشت لاءِ ڪيترين ڳالهين ۾ بار آور ثابت ٿيو. اسان جي سنڌي ٻولي، جا فارسيءَ جي تغلب ۽ تسلّط جي ڪري پنهنجي ئي ملڪ ۾ دٻيل پيئي هئي سا نئين عربي صورتَ خطيءَ جي ڪري وڌي آب ۽ تاب سان چمڪڻ لڳي ۽ ٻاڪ سنڌس ڇاپخانا سنڌ ۽ هند جون سرحدون ٽپي انگلستان ۽ جرمنيءَ ۾ نمودار ٿيڻ لڳا ـــ. چنانچه پٽائي گهوٽ شاھ عبداللطيف رحہ جو پهريون ڇاپي رسالو ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب جرمنيءَ جي ”ليپسيا“ شهر مان شايع ڪيو. سنڌي لغت ۽ گرامر تي پڻ ڪيترا اوائلي ڪتاب لکيا ويا جن کي بعد ۾ ڇاڻي ڇنڊي صاف ڪيو ويو. سنڌي درسي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي نثر ۽ نظم جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکجڻ لڳا: رڳو مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي قلم مان ئي ٻن سون ڪتابن جي لڳ ڀڳ سنڌي ڪتاب مختلف علمن ۽ فنن تي نڪري ظاهر ٿيا، جن مان ڪي دنيا جي برک ٻولين ۾ لکيل ڪتابن جا ترجما هئا. رسالہ سچل سرمست، ديوانِ گل، ديوان قاسم، ديوان فاضل، ديوان بلبل، ديوان سانگي، ديوان حافظ ۽ ٻيا ڪيترا ديوان ۽ سوين ناول ۽ ناٽڪ سنڌي زبان ۾ لکجي ويا؛ ڪَوڙومل ”ساهتيہ منڊل“ جي طرفان ساميءَ جا سلوڪ ۽ هندن جا ڌرمي پستڪ شايع ٿيڻ لڳا؛ مسلمانن جي سنڌي ادبي سوسائٽيءَ پڻ ڪيترا ديني، اصلاحي، تاريخي ۽ ادبي ڪتاب ڇپائي شايع ڪيا.

اڳي جو فارسي زبان جي اثر ڪري، ملڪ جي تعليم مسلمانن جي هڪ خاص طبقي تائين محدود هئي سا هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي اشاعت ۽ پرائمري اسڪولن جي جاءِ بجاءِ کلڻ جي ڪري سڄي ملڪ ۾ عام ٿي ويئي ۽ پرائمري استاد ملڪي معيشت جو اهم جزو ليکجڻ ۾ آيا. هن طرف وري حڪومت ۽ هندن جي ڪوشش سان ڀريائين ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ پوءِ سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ۾ هاءِ اسڪول برپا ٿيا جن ۾ بي انداز هندو شاگردن سان گڏ ڪي (ٿورڙا) مسلمان شاگرد بہ انگريزي تعليم پرائڻ لڳا.

مسلمانن جي انگريزي تعليم کان بيزاري ۽ ان جي نتيجي ۾ سنڌن سنڌ جي حڪومتي ڪاروبار مان علحدگيءَ کي ڏسي، مرحوم خانبهادر حسنعلي آفندي ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسة الاسلام هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو، جنهن ۾ انگريزي تعليم سان گڏ ديني تعليم جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. هن مدرسي کي ڏسي، ٿرپارڪر ضلعي جي مسلمانن ٽنڊي ۾، مرحوم شمس الدين ’بلبل‘ ميهڙ ۾، لاڙڪاڻي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي ۾، مرحوم خانبهادر سيّد الهندي شاھ (الله آندي شاھ) نوشهره فيروز ۾، مرحوم سردار محمد يعقوب خيرپور ۾ ۽ مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽنڊي باگي ۾ مسلمان ٻارڙن جي تعليم واسطي انگريزي مدرسا جاري ڪيا. سنڌ جي ميونسپالٽين ۽ هندن جي پنچائتن طرفان ڪيترا هاءِ اسڪول ۽ مڊل اسڪول وڏن وڏن شهرن ۾ کلي

سکيو ٿي. ان کان اڳ سنڌ جي گهٽ ڪري هر ڪنهن سگهڙ ماڻهوءَ جي گهر ۾ گراموفون هوندو هو ۽ ڀراڙيءَ جي هوٽلن مان انهن جا فحش ۽ بي تڪا گانا ٻڌي دل کي گهڻي ڪراهت ايندي هئي. مسلمانن جي محفلن ۾ يڪتارو ۽ طنبورو، سرندو، دلو، نڙ ۽ بين وڄندڙ ساز هئا؛ هندن جي پڪتين ۽ سکن جي درٻارين ۾ هارمونيم ۽ طبلي جو رواج گهڻو هو. عيدن جي موقعن تي— ۽ جيڪي ميڙا ملاکڙا انگريزي دور جي اوائل ۾ هئا سي اڄا تائين قائم آهن. پيرن جي قبرن تي پڙ وجهڻ ۽ سکائن باسڻ جو شغل اڄا تائين زور آهي. مرڻي ۽ پرڻي جي موقعن تي جهونين رسمن ۽ رواجن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ فضول خرچي ڪرڻ، ناچو نچائڻ، مڱڻهار ٻيهارڻ ۽ اوسارڻ واريون زالون وڏين رقمن تي گهرائڻ جو اڄا تائين اسان جو دستور هلندڙ آهي. انتهائي معاشي بدحالي ۽ تعليم جي اشاعت جي باوجود اسان مٿين خرافاتن کان اڃا ٿي ڪونہ سکيا آهيون. (ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد جي شڪرئي سان.)



بهرحال، هنن جرمن عالمن، عراق جي ان قوم جي رهڻي ڪهڻي، رسمن، رواجن ۽ روايتن جي پوري جاچ ڪئي ـ ۽ ان ڪان پوء، هو پنهنجي ملڪ موٽيا، جتي هنن ان قوم تي هڪ ڪتاب لکي پيش ڪيو.

ــ جيئن ته، مذڪور جرمن عالمن کي، عراق جي "معدان" قوم جي حالتن ۽ ڳالهين ۽ پڻ تاريخن جي مطالعي مان اهو پتو پيو، ته ان قوم جو هر حالت ۾ "سنڌ" سان تعلق هو ـ ۽ اڄ به هن قوم جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، ۽ رسمون ۽ رواج اهڙا آهن، جيڪي ٿورو گهڻو سنڌ جي قوم "جـَت" سان تعلق رکن ٿا؛ ان ڪري، هنن پنهنجي جاڻ کي وڌائڻ ۽ "علم" جي خدمت ڪرڻ لاءِ ضروري ڄاتو، ته ساڳي جاچ ۽ کوجنا جي سلسلي کي جاري رکي، سنڌ پهچي "جـَت قوم" کي ڏسجي.

ــ فيبروري ١٩٦١ع ۾ هو ترڪيءَ مان ايران پهتا. ترڪيءَ ۾ هنن ٿوري جاچ ڪئي، مگر اتي ڪين ڪا ڪاميابي نصيب نه ٿي. ايران ۾، هنن آتر علائقي ۾ سفر ڪيو ـ ۽ ان ڪان پوءِ ڏکڻ ايران ۽ پڻ اوڀر واري پاسي جاچ جاري رکي. سيستان جي علائقي ۾، هنن هڪ قوم اهڙي ضرور ڏٺي، جنهن جي ماڻهن جا گهرڙا، گهڻي ڀاڱي، عراق جي "معدان" ماڻهن جي جهوپڙين جهڙا آهن. ايران جي هـِن قوم ۽ عراق جي هـُن قوم ۾، ٻي ڪا خاص هڪجهڙائي نه ڏسي ڪري، هي عالم، مئي ١٩٦١ع جي آخر ڌاري پاڪستان پهتا.

پاڪستان ملڪ ۾، هنن پنجاب ۽ سنڌ ۾، اهڙي جاچ جاري رکي، جنهن ۾ هنن کي زبردست ڪاميابي نصيب ٿي.

هنن عالمن، پنجاب ۾ هڪ قوم ڏٺي، جا 'لکن' جي تعداد ۾ آهي. اهي پاڻ کي "جاٽ" چوائين ٿا. اڳين زماني ۾، هن قوم جا ماڻهو خانه بدوش هئا ۽ ڍنارن واري زندگي گذاريندا هئا. ان زماني ۾ هنن وٽ مينهن جا وڏا ڌڻ هئا. ملڪ ۾ هن وقت "پوک" جي واڌاري جي ڪري، غيرآباد ۽ جهنگ جهر واري زمين گهڻي ڪانه رهي آهي، ان ڪري اها "جاٽ ذات"، هاڻي پوک کي لڳي وئي آهي. سندن زندگيءَ جو پراڻو نمونو نه رهيو آهي ۽ سندن ڪيتريون حالتون سـَنجي ويون آهن. هن وقت اتي، انهن مان ڪو به خانه بدوش نه آهي.

البت، ملتان ۽ ديري غازيخان جي طرف ڪي اهڙا ماڻهو ضرور رهن ٿا، جي خانه بدوش آهن. اهي ماڻهو اٺن جا وڳ ڌارين ۽ چارين ٿا.

عربيءَ جو لفظ "زط" ۽ سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "جـَت" بلڪل ساڳي ڳالهه آهي. حرفن جي 'اُچار' ۾ فرق صرف "ز" ۽ "ج" جو آهي. سنڌي هندو، عربيءَ جي "ظ"، "ز" ۽ "ذ" حرفن واري اُچارن کي تمام گهڻو "ج" حرف جي آواز ۾ اُچاريندا رهيا آهن. مثلا: "ظلم" مان "جلم"؛ "سزا" مان "سجا" ۽ "ذرو" مان "جرو". عربيءَ جي حرفن "ت" ۽ "ط" جي 'اُچارن' ۾، اسين ڪو به 'فرق' نه ڪندا آهيون. ان ڪري "زط" لفظ ڦري "جـَت" ٿيو، يا

۽ هو ڏاڍين جو ڪير ٻه ٻين. پر اهي ڪڏهن به ’ڪرمتي-جت‘ يا ’بلوچ-جت‘ نه سڏيا ويا آهن، يا ڇو نه ٿا سڏيا وڃن؟ ڪرمتين جو اهو گروهه ٻين سڀني بلوچ پاڙن کان ڪرمتي-پاڙي کي اعلي ميڄرائڻ لاءِ پورو زور ڏيندو؛ پر هيءُ به مڃڻ لاءِ تيار ٿيندو، ته سندن گروهه جي ماڻهن کي، ڪي ٻه ٻيا ”ڇوڪي ذات وارا“ (جي پاڻ کي سمجهن ٿا) ڪڏهن به سڱ ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيندا؛ جنهنڪري اهي ميربحرن سان به شادي ڪندي ويرم نٿي نه ڪن!

— وري هوڏانهن مذڪور ڏٻائي گروهه جا ماڻهو، جيڪي آئن ذارڻ سان گڏ، سيئي مڇيءَ مارڻ جو ڪم به ڪن، ”ميربحرن“ سان اهڙي تعلق رکڻ لاءِ تيار نه آهن. پر هتي هيءُ به سوال آهي، ته انهن ڏٻائين کي ”جت-ميربحر“ يا وري ”بلوچ ميربحر“ ڇو نه ٿو چيو وڃي؟ ڇا ڏٻائين جو اهو گروهه، اها ڳالهه برداشت به ڪري سگهي ٿو؟ اهي سڀ سوال مزيدار ۽ دلچسپ ٿي چڪا آهن، جن جي جوابن ڳولي لهڻ ۾ ”قومن ۽ ذاتين“ جو طالب العلم بي انت خوشي محسوس ڪري ٿو...!

جيڪڏهين اسين ائين چئون، ته سنڌ ۾ جتن جا ٽي ڪِ چار يا پنج-ڇهه وڏا گروهه آهن ۽ اهي، لاڙ، وچولي اتر سنڌ ۾ رهن ٿا، ته اها ڳالهه قطعي غلط ٿيندي. حقيقت ۾، جتن جي قوم ساري سنڌ ۾ ٽڪريل آهي ۽ ان ”ٽڪيڙ“ جي ڪري، جت قوم کي اها آساني ٿي آهي، جو ان جا ڪيترا ئي ماڻهو-بلڪ پاڙن جا پاڙا، ڪيترين ئي حالتن هيٺ ۽ ڪيترن ئي ڇاڙل سببن جي ڪري آهستي آهستي بلوچن جي نندن يا وڏن پاڙن سان ملي وڃڻ جي جدوجهد ڪري سگهيا آهن. جيتوڻيڪ، هينئن، هنن لاءِ پنهنجي ”جت ذات“ مان چڙهي، ”بلوچ ذات وارا“ ٿيڻ ۾ ڪافي رنڊڪون به پيش رهيون آهن-پر، جيڪڏهن هو اهڙي هند تي پهتا آهن، جتي هو بنهه نوان آهن-۽ ساڳئي وقت هنن پنهنجن ٻين گروهن سان به تعلق ڇڏي ڏنو آهي، اتي هو بلاشبهه فائدو وٺي سگهيا آهن-۽ ”بلوچ“ بڻجي ويا آهن.

هجرت سان گڏ، ٻيون به ڪي اهم ڳالهيون آهن، جي ”گهٽ ذات“ مان چڙهي، ”اوچي ذات“ ۾ اچڻ لاءِ مددگار ثابت ٿين ٿيون. اول ته، جيڪڏهن ڪو گروهه پري وڃي، ذات مٽائي سگهيو آهي، ته پوءِ سندس اها ڪوشش جاري رهي ٿي، ته جنهن ”نئين ذات“ ۾، ان گروهه جا ماڻهو آيا آهن، سي ڪنهن به طرح، ان ذات وارن اصلوڪن ماڻهن سان هر لحاظ سان ڳنڍجي وڃن. سڀني ڳالهين مان ضروري ڳالهه مٽي سائٽي آهي-جا نه رڳو سڱن ڏيڻ، پر سڱن وٺڻ تي به ٻڌل رهي ٿي. ائين ڪرڻ سان، ذات مٽائيندڙ گروهه جي نئين-پر؛ ”پاڻ واري ذات“ کي، اصل ذات وارا نه رڳو تسليم ڪندا؛ بلڪ پنهنجي مائٽيءَ واري خيال کان، ان ٻئي گروهه جي لاءِ، پاڻ واري ذات کي، ٻين کان قبول ڪرائڻ جي لاءِ به زور لائيندا. هتي هڪ گروهه جي ذات مٽائڻ جي فائدي ۾ ٻه طاقتون ڪم ڪن ٿيون.

پر، سوال فقط هيءُ آهي ته، ڇا جت ذات وارا ائين ڪري سگهيا آهن؟ ان هڪ سوال

پيو وڃي. ڪو بہ وقت مقرر ڪري نٿو سگهجي، ليڪن حالتن هيٺ، سندن زندگيءَ ۾ ضرور فرق ايندو.

هنن سيني ڳالهين مان اهو مطلب نٿو ڪڍي سگهجي، تہ ڪو آٽ، ڏاريندڙ ۽ چاريندڙ جت، پنهنجي ان زندگيءَ مان ڪڪ آهن. هو پنهنجي ان ڏنڌي کي نهايت ئي عزيز ۽ عزت وارو سمجهن ٿا. شايد، ان جي خلاف ڪجهہ ٻڌڻ بہ برداشت نہ ڪن. سندن نظر ۾، اهي جتن قطعي بي سمجهہ آهن، جن آٺ وڪڻي پوک جو ڌنڌو اختيار ڪيو آهي. ساڳئي وقت، هو پوک جي ڌنڌي کي خراب بہ نٿا چون، بلڪ پسند ڪن ٿا. هو پوک ڪندا، پر آٺ ڪڏهن بہ نہ وڪڻندا. ليڪن حقيقت هيءَ آهي، تہ پوک ڪانئن ”آٺ“ کسي رهي آهي. ملڪ ۾ گهڻن واهن نڪرڻ ۽ عام آبپاشيءَ جي ڪري غيرآباد زمين — پٽ ۽ جهنگ جهر ختم ٿيندا پيا وڃن. اڄ کان ٻارهن سال اڳ، آٺ ڏاريندڙ ۽ چاريندڙ جتن، اڄ آبادگار آهي. سندس رهڻي ڪرڻي، هلت چلت، توڙي لباس بہ اهو نہ رهيو آهي، جو ٻارهن سال اڳ هو. انهن ئي ڳالهين جي ڪري، سندن ريتن ۽ رسمن ۾ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ، فرق ايندو پيو وڃي. ان ڪري ئي، ڊاڪٽر زيگرڊ ويسٽ فال چيو تہ، ”سنڌ جي جتن بابت پوري جاچ ڪرڻ جو وقت هيءُ آهي — تہ بہ، مان ٻارهن سال دير سان پهتي آهيان.“

— ڪيئن بہ هجي، ہر هنن عالمن، هن وقت سان پورو فائدو وٺي، سنڌ جي جتن بابت تحقيق ۽ کوجنا مڪمل ڪئي آهي، ۽ هر پهلوءَ کان، جتن جي زندگيءَ جي چاڻ، سندن ئي طرفان پيش ٿيندڙ ڪتاب مان حاصل ٿي سگهندي.

اهي عالم، ٧-١٢-١٩٦١ع تي، هتان حيدرآباد کان لاهور روانا ٿي ويا: جتان هو، ساڳيءَ جاچ جي سلسلي ۾ هندوستان پهچندا ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ موٽي پنهنجي ملڪ جرمنيءَ ويندا.

---

محبوب علي چنه

# سيوهڻ شريف

(نوٽ - هيءَ تقرير "قلندر لعل شهباز ميموريل ڪميٽي" سيوهڻ پاران حضرت مخدوم سيد عثمان مروندي عرف لعل شهباز جي ٧٠٨ سالہ ورسيءَ تي مسٽر محبوب علي چنه پيش ڪئي جا تاريخ ۽ سير جي شائقين لاءِ شايع ڪجي ٿي. گرامي)

حضرت لعل شهباز بلند پرواز جي ذڪر خير ڪرڻ کان اڳ هي واجب آهي تہ اسان ان ملڪوتي مقام جو احوال ڏيون جتي سندس روح پُر فتوح ظاهري طرح هن ناسوتي دنيا کي ڇڏي راهہ جاوداني اختيار ڪئي.

جيڪڏهن تاريخ جي روشنيءَ ۾ سيوهڻ جو گذشتہ ماضي ڏسبو تہ پڌري پٽ ظاهر ٿيندو تہ سنڌو تهذيب جي پراچين ڪندراتي طبقي بعد سيوهڻ جو درجو اچي ٿو- يعني سنڌ جي موجوده آباد شهرن ۾ سڀ کان قديم سيوهڻ آهي. هن شهر جو ذڪر فارسي قديم تاريخن خواه تذڪرن جي ڪتابن ۾ آيل آهي. جيئن تاريخ سنڌ جي قديم سرچشمي چچ نامہ ۾ چاڻايل آهي تہ راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ جي ڏينهن ۾ سنڌ ملڪ تي چار حڪمران مقرر ٿيل هئا. انهن مان هڪ سيوستان جي "قصبه" تي بہ حاڪم هو جنهن جي هٿ ۾ بُڌيه، جنگان، رونجهاڻ، ڪوه پايہ ويندي مڪران جي حد تائين ملڪ هو (ص ٢٢). تاريخ معصومي بہ ان حقيقت کي دهرايو آهي. تحفة الڪرام جي صاحب سيوستان جو ذڪر ان طرح ڪيو آهي: "هن کي سيوهڻ ۽ سهوڻ بہ سڏيندا آهن. پنجين ولايت ۾ آهي. هڪ قديمي شهر سنڌ جي اولاد سهوارن جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. سندس قلعو (سنڌ جي مشهور) چهن قلعن مان آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪيئي دفعا مرمت ٿيو آهي. قديم الايام کان خلاصو تختگاهہ هو. پوءِ وري اروڙ جي راجائن ۽ تنهن کان پوءِ ٺٽي جي بادشاهن جي حڪم هيٺ رهيو. شاهہ بيگ اهو ڄام فيروز کان کسيو هو. مرزا شاهہ حسن وري ٺٽي ۾ داخل ڪيو. جڏهن سنڌ جلال الدين محمد اڪبر بادشاهہ جي دربار جي گورنرن جي حڪم هيٺ آئي، تڏهن وري ٺٽين سر علحده تختگاهہ ٿيو. نواب خدا يارخان جي حڪومت جي ڏينهن کان وري اصلوڪي دستور موجب باقي سنڌ ۾ داخل آهي.

سندس جبل تي واهي جو چشمو عجائبات مان آهي. ڪيترائي مريض انهي مان غسل

مٿان به هو، ان ڪري سيوستان ۽ ان جي پسگردائي ان لاءِ مخصوص هئي. ان حساب سان مخدوم جهانيان لعل شهباز سان مماتي بعد روحاني ڪچهريون ڪيون هونديون. باقي خواجه فريد گنج شڪر جو سيوستان ۾ اچڻ خود سندس تصنيف راحت القلوب (ص ١٧) ۽ بزم صوفيه (ص ١٢٩) مان ظاهر آهي. جنهن مطابق چالايو ويو آهي ته جڏهن پاڻ سيوستان جي سير و سياحت ۾ مصروف هئا، تڏهن شيخ اوحدالدين ڪرمانيءَ سان سندن ملاقات ٿي. سيوستان جي هڪ بزرگ جو ذڪر ڪري فرمايائون ته پاڻ ان بزرگ کي ڏٺائون ته ويٺو آهي ۽ الله سائين جو ذڪر ڪري رهيو آهي. مان ان وٽ ويهي رهيس. هڪ ڏينهن ان کي هوش آيو ته فرمايائين ته الله تعاليٰ جنهن کي سعادت ابدي عطا ڪندو آهي ته ان جي لاءِ ذڪر جو دروازو کولي ڇڏيندو آهي ۽ هو شخص سمهندي، جاڳندي اٿندي ويهندي ذڪر ۾ رهي ٿو ۽ سواءِ قضاءِ حاجت جي تمام وقت ذڪر ڪرڻ گهرجي.

**سيوهڻ ۾ ورود:** هندستان اچڻ کان پوءِ سندن مرشد جو اهو حڪم هو ته پاڻ اچي سيوستان ۾ منزل انداز ٿين ۽ خلق خدا جي رهبري ڪن. مگر تحفة الڪرام جي صاحب وري ائين به لکيو آهي ته شاهه شمس بوعلي قلندر (ولادت ٦٠٥هه) وٽن آيو — ان چيس ته هندستان ۾ اڳ ئي ٿي سؤ قلندر آهن، بهتر آهي ته توهان وري سنڌ ڏانهن تشريف فرما ٿي وڃو — انهيءَ اشاري تي سيوستان ۾ اچي رهڻ گهريائين — جيڪڏهن ٻنهي قلندرن جي ولادتن جي تاريخن کي ڏسبو ته اها حقيقت پڌري پٽ ظاهر ٿيندي ته حضرت بوعلي قلندر پانيپتي قلندر لعل شهباز سيوهاڻي کان گهٽو ننڍو آهي — سيوستان طرف اچڻ بابت لب تاريخ سنڌ جي صاحب ائين لکيو آهي ته "آخرڪار گهڻي سياحت بعد سيوستان (سيوان) شهر ۾ اچي رونق بخش ٿيا" — هڪ شاعر سندن ورود "نمود آفتاب دين" مان ڪڍيو آهي، جو ابجد جي حساب مطابق سال ٦٤٤هه مطابق ١٢٤٦ع ٿئي ٿو"؛ (ص ٨) مگر تاريخ جي روشنيءَ ۾ هي سال قبول ڪرڻ درست نه آهي ڇو ته بلبن جو دور حڪومت ٦٦٥ — ١٢٨٧ع آهي — ان ڪري تحفة الڪرام جو ملتان ۾ اچڻ جو سال ٦٦٢ = ١٢٦٤ع صحيح پيو لڳي. اها حقيقت آهي ته بلبن ناصرالدين محمود جي ڏينهن ۾ به ذري گهٽ بادشاهه هو — ناصرالدين جو دور حڪومت ١٢٤٦ = ١٢٦٥ع آهي. مگر لعل شهباز جو سيوهڻ ۾ ورود ناصرالدين جي دور حڪومت جي شروعات ليکجي ۽ ملتان ۾ توقف ان کان به اڳ، سو ناممڪن آهي — ڇو ته خان شهيد ملتان ۽ سنڌ جي گورنريءَ جون واڳون پنهنجي والد بلبن جي ڏينهن ۾ ورتيون هونديون يا ڪٿي ناصرالدين جي ڏينهن ۾ ۽ نه هن کان اڳ. ان حساب سندن سالِ وفات به اهو ليکبو جو تحفة الڪرام ڏنو آهي ۽ نه لب تاريخ وارو.

**ٻهرين برڪت:** سڀئي تاريخون ان حقيقت تي متفق آهن ته جنهن زمين تي پاڻ هاڻي آرامي آهن، انهيءَ تي فاحشه عورتون رهنديون هيون. هن الله واري جي برڪت جو سيوستان جي سر زمين تي هي ٻهريون اثر هو ته اتي فحاشي ۽ بدڪاري جي بازار سرد ٿي

”هن سال فرخ فال شهر شعبان ۾ شهر ميمنت بهر سيوستان رشڪ بستان ۾ عالم آشڪار شهرهٔ آفاق ميلو حضرت مخدوم قلندر بادشاهه لعل شهباز بلند پرواز عليه الرحمة جو مقرر ميعاد فرحت سواد ۱۸ تاريخ ڪان مثلث (ٽن) نوبتن جي بدولت نهايت هجوم عنايت ڏوم سان وقوع ۾ آيو جتي پير، فقير، امير، نواب؛ چڱا مڙس بي حساب؛ زڙا زميندار، چور چڪار؛ ڪڙم ڪامورا، رئيس سردار. بازيگر رانديگر نامي ملهه؛ جوڳي نوڳي، دلبائي دل. لنگها ڏرم، پٽ دلال؛ ڪدڙا پانڊي، ڪچريون قوال. ٽانڊ ٽوٽر، آڪڙباز؛ ڳنيڊڙي چوڙ، جواباز. غرض هر ملڪ جا هر انسان، هر سوداگر، هر سامان، هر جنس، هر حيوان، هر ساز هر باز، هر حسين هر ناز اچي گڏ ٿيا هئا.

نانوائي ته خرچ کپاءَ جي وائي، لڪي ۾ دڪي جو ڦلڪو، ويهه ڪاڻ ته به نه لهي الڪو- جي پوڙ ته مرچن جو موڙ، چربي جو چوڙ، آنوڏي ته لپ شوروي جي، هڏي اگهاڙي ۾؛ سا به چڪ ته ڏو ڏاڙهيءَ ۾! اٽل جو پائي ديگڙيءَ جي ٿهڪي، نه لهي، اڄ نه رهي.“

شيخ محمد اسمعيل

# آڳاٽو ادب

## ( نالۂ مجروح )

نالۂ مجروح مولوي عبدالڪريم ”مجروح“ جي ١٩٠٠ع ڇپيل ۾ آهي، اڄ ڪيس ٦١ سال گذري چڪا آهن.

— عشقيہ ۽ حزنيہ شاهڪار جي حيثيت سان، قابل داد چيز آهي. هجر ۽ فراق، جو درد انگيز نقشو، جنهن پختگيءَ ۽ فني برجستگيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي؛ اهو شاعريءَ جي دنيا ۾ زنده جاودان رهندو. ڪلام نهايت لذيذ، پختہ، استادانہ ۽ رقت انگيز آهي. ان جي بوسيده نسخي کي سڌاري ۽ سنواري اصلاح ڪري پيش ڪجي ٿو. اميد تہ سنڌي ادب ۾ مفيد اضافو سمجهيو ويندو.

غلام محمد گرامي

### سوانح مرحوم مولوي عبدالڪريم ”مجروح“

[مرحوم مولوي عبدالڪريم ولد مولوي محمد رحيم ولد قبول محمد ميمڻ، ڳوٺ مبارڪ جروار، لڳ ڪامارو شريف، تعلقي ٽنڊه الهيار جو ويٺل هو. ڄائو نپنو بہ انهيءَ ڳوٺ ۾ ۽ وفات بہ اتي ڪيائين. سندس وڏا تعلقي ڪونڙيءَ جي ”رائلي“ ڳوٺ ۾ رهندا هئا. درس تدريس سندن شغل ۽ روزگار جو ذريعو هو. علمي گهرائي هئڻ سبب، ڪين عزت ۽ قدر جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو. مرحوم مولوي محمد رحيم جا سرهندي بزرگن سان عقيدتمندانہ تعلقات هئا. ڪاماري شريف جي ڏکڻ ۾ ميل ڪن پنڌ تي جروار، بلوچن جي قوم جو ڳوٺڙو هو. جي سرهندي بزرگن جا مريد هئا، انهن ڪنهن لائق استاد جي ڏيارڻ لاءِ سرهندي بزرگن کي عرض ڪيو. سرهندي پيرن، مرحوم مولوي محمد رحيم کي مبارڪ جروار ڳوٺ ۾ علمي توڙي ديني تعليم ڏيڻ لاءِ مدرسي کولڻ تي آماده ڪيو. آخرڪار مولوي محمد رحيم بافيلي لڏي پلاڻي اچي جروارن ۾ ويٺو. مولوي محمد رحيم علم فقه ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس سموري تعليم ٺٽي ۾ مڪمل ٿي، مخدوم علي ڪٺي سندس استاد هو ۽ اتيئي دستاربندي ڪئي هئائين. ٺٽي جي ٻين عالمن جي صحبت ۾ بہ رهي گهڻو ئي پرايائين. طالب علميءَ کان پوءِ سندس صحبتي عالمن سان مولانا يوسف ڳوٺ بوزدارن وارو، مولانا احمد عثمان قرآني ولهيٽ وارو ۽ پير جان محمد ڪامارائي آهن، جي پنهنجي دور جا برگزيدا مڃيل عالم آهن. پاڻ سنہ ١٨٩٢ع ۾ وفات ڪيائين.

وفا تي رک قدم منهنجو تون قائم، رهي دائم اندر دل ۾ سچائي،
ڪيل مي قول پنهنجا آءٌ پڄايان، ڪٿي ظاهر نہ ٿئي منهنجي ڪُڌائي،
ستر ستّار ڪر منهنجي بدن جو، ڍڪج ڍولا اگهي جيئن ڍَڪ ڍڪائي،
نڪي ڪولج سندم ڪي عيب آڳا، عفو آڳا ڪجنئين باري بُرائي،
هٿان منهنجي خطائون لک ٿيون خام، وڃان ٿو تو ڪنان معافي مڱائي،
ڇٽي شيطان جي ڪوڄها ڪيم ڪم، سڄي ڀون عمر واءُ ڏيئي وڃائي،
نهوڙي نفس سرڪش ڪيس نادان، مٿي مرڪب هَوسَ جي ٿي هوائي،
اگهائيج "نالہء مجروح" يا رب، تون مشڪل ۾ اچي رس، ڪر سٽائي.

شمس‌العلماء مرزا قليچ بيگ (مرحوم)

# شعر جو شرف ۽ شان

[لاڙڪاڻي مشاعري واريءَ ڪانفرنس جي اڳيان، ١٩٢٢ع]

شعر جو شرف ۽ شان، ان جي عجيب غريب حالت ۽ شاعرن جي حيرت جهڙيءَ خاصيت ۽ فضيلت مان ثابت ٿي سگهي ٿو: شعر جو شرف ساڳيو علم جو شرف آهي. علم جي شريف هئڻ ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هوندو، جو اها عام قبول ڪيل ڳالهه آهي. عالم ۽ شاعر لفظي يا لغوي معنيٰ موجب ٻئي برابر آهن: ٻنهي جي اصلي معنيٰ 'ڄاڻندڙ' آهي. جيڪا تعريف قرآن ڪريم ۽ حديث شريف ۾ عالمن جي نسبت ۾ آهي، سا شاعرن جي نسبت ۾ به سمجهڻ گهرجي. قرآن ۾ ڪٿي 'يعلمون' آيو آهي ۽ ڪٿي 'يشعرون'— ٻئي ڄاڻڻ جي معنيٰ ٿا ڏين. حديث موجب عالم نبين جا وارث آهن. تڏهن جي نبين جي علم مان به ڪجهه هنن کي ورثي ۾ مليو ته معجزي يا ڪرامت جي به ڪا نشاني هنن کي به ورثي ۾ ملندي هوندي. جئن حضرت موسيٰ کي فرعون ۽ ٻين ڪافرن جي مقابلي لاءِ عصا ۽ يد بيضا يعني لٺ ۽ هٿ، ٻه هٿيار مليل هئا، تئن عالم يا شاعر کي ٻه هٿيار آهن: هڪڙو قلم ۽ ٻي زبان. انهن ٻنهي جي نسبت ۾ حديثون موجود آهن: هڪڙي آهي ته. 'مداد‌العلماء خير من دماء‌الشهداءِ'، اها حديث عالمن واري شاعرن سان به لڳي ٿي؛ ۽ ٻي 'ان الله تعاليٰ کنز تحت‌العرش مفاتيحه السنة الشعراءِ'، اها حديث شاعرن واري عالمن سان به لڳي ٿي. اگرچ انهيءَ طرح علم ۽ شعر برابر آهن، تڏهن به شعر ۾ علم کان خاصيت زياده آهي. اها موزونيّت آهي، جي ٻنهي کي اَن نُور يا مانيءَ سان مشابهت ڏجي، جنهن جي ڪاڌي، جسم توڙي روح کي قوّت حاصل ٿئي ٿي ته علم سلوڻي ماني آهي، يعني جنهن ۾ لوڻ پيل هجي، جنهن کان سواءِ جيڪر ڦڪي ۽ بي‌سواد هجي. شعر مٺي ماني آهي، يعني جنهن ۾ لوڻ جي بدران مناڻ يا کنڊ پيل آهي. اڳئين زماني ۾ ماڻهو شاعرن کي وڏو عالم ڄاڻندا هئا، بلڪ ڄاڻندا هئا ته عالم کي علم ظاهري تعليم مان حاصل ٿو ٿئي ۽ شاعر کي خدائي. اها به حقيقت آهي ته شاعرن کي ماڻهو اهڙي عزت ڏيندا هئا جهڙي عالمن کي، بلڪ زياده؛ ڇا لاءِ ته هو ٻنهي کي نبي يا اولياء يا ڪو فوق‌البشر بزرگ ڪري ڄاڻندا هئا، ۽ شعر کي الهام يا خدائي ڪلام شمار ڪندا هئا جو پاڻيهي هنن جي دلين ۾ ٿو اچي. بيت آهي ته

شاعري پيغمبري جي آهي ديباچي مثال،
وَحيءُ هن ۾ ٿو اچي، هن ۾ اچي الهام ٿو.

ڪئي ۽ چيائين تہ اهڙي مثنوي آءٌ بہ لکندس. پوءِ انهيءَ وزن ۽ تتبع تي مثنوي لکيائين، جنهن ۾ نهايت قابليت ۽ فصاحت بلاغت ڏيکاريائين. پر انهي گستاخي ڪري سگهوئي هو ڪوڙهہ جي مرض ۾ گرفتار ٿيو. ساڳيءَ طرح فيضي شاعر جو ذڪر آهي تہ شيخ سعديءَ جي هڪڙي بيت قبول پيل تي ('برگ درختان سبز') بيت ٺاهڻ گهريائين. ڏوليءَ ۾ بازار مان ڪنيو تي ويس، خيال ڪري هي بيت ٺاهيائين:

از هـر بُن مـو سيـزنـد جوش، فـواره فيض اوسـت در ڪـوش.

[هر وار جي پـاڙ مان وهندڙ ڦوهارو انهيءَ جـي فيض جو آهي.]

۽ دل ۾ چيائين تہ مضمون جي نظر تي سعديءَ جي بيت کان گهٽ ناهي. اوچتو مٿان ماڙي تان ڪنهن زال پُهر اڇلايو، جو اچي سندس ڏوليءَ تي ڪريو، ۽ ان تان ڇٽي اندر سندس منهن تي اچي پيو. شرمندو ۽ رنج ٿي، منهن آسمان ڏانهن ڪري، نهاري چوڻ لڳو تہ "قدردانيءَ عالمِ بالا معلوم شد."

ڪن شاعرن شعر چوڻ ۾ قابليت ۽ استادي ڏيکاري آهي، جا جادوءَ کان گهٽ ناهي. اهڙن شعرن کي 'سحر حلال' سڏيو اٿن.

مثلاً بدرالدين اصفهاني هڪڙو وڏو قصيدو لکيو آهي، جنهن ۾ سڀ لفظ نقطن کان سواءِ ڪم آيل آهن! جيئن فيضي شاعر، مصحف جو سارو تفسير عربيءَ ۾ بي نقطن لکيو آهي. اهو جادو نہ ٿيو تہ پيو ڇا ٿيو؟ نظاميءَ جو "گنج" هڪڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ نظم ۽ نثر ۾ يڪو قصو لکيل آهي؛ وري هرهڪ صفحي ۾ چار خانا آهن ۽ هرهڪ خاني جون سِٽون گڏي پڙهبيون، تہ هرهڪ هڪڙو مزي جهڙو ڌار قصو آهي، جو پڻ نظم ۽ نثر ۾ آهي! منشي سهائي رام 'فارغ' هڪڙو غزل چيو آهي، جو ڇهن بحرن ۾ پڙهي ٿو سگهجي! ٽن بحرن ۾ پڙهڻ وارا شعر تہ گهڻئي ڇپيا آهن. آملي شيرازي مشهور شاعر، جو حافظ شيرازي جي قبرستان ۾ ساڻس گڏ مدفون ٿيل آهي، جنهن جي ديوان ۾ ٻارهن هزار بيت آهن ۽ هڪڙي ساري مثنوي آهي، جا صنعت تحقيق ۾ لکيل آهي، ٻن بحرن ۾ پڙهي ٿي سگهجي ۽ دوقافيتين آهي- يعني پيو قافيو ساري مثنويءَ ۾ 'عمر' آندو اٿس. اها صنعت نهايت مشڪل سمجهيل آهي. مولانا عميق بخاري، 'يوسف زليخا' جي ساري مثنوي چئي آهي، جا ٻن بحرن ۾ پڙهي ٿي سگهجي. فارغ سبزواريءَ هڪڙو غزل چيو آهي، ۽ ٻئي هڪڙي شاعر وڏو قصيدو چيو آهي، جنهن جي هرهڪ مصرع مان تاريخ جو سال ۱۲۹۱ھ نڪري ٿو. اهڙا بہ غزل ۽ شعر آهن، جن جي هرهڪ مصرع ابتي سبتي ساڳي، يعني صنعت مقلوب ۾ آهي. ڪن شعرن ۾ اهڙا لفظ آهن، جن جي فقط مٿان نقطا آهن ۽ ڪن ۾ فقط هيٺ آيل آهن؛ ڪن ۾ هڪ حرف ڇڏي ٻئي تي نقطو آهي؛ ڪن ۾ هڪڙو لفظ نقطيدار ۽ ٻيو لفظ بي نقطي، واري سان ٿو اچي؛ ڪن ۾ اهڙا حرف آهن، جي گڏي لکي ٿا سگهجن، ۽ ڪن ۾ ڌار ڌار. انهن قسمن جون صنعتون ڏاڍي چالاڪيءَ سان ڪم آنديون اٿن، جن جي مثالن ڏيڻ ۾ وقت لڳندو.

عـلـم اج جلدن ۾، ۽ قبـرن ۾ ٿيـا عـالـم سچا،
ٿيا گهڻا رهزن ۽ رهبر ٿورا، اي دل، ڪر ڏيان.
هـي زمـانـو زور ۽ زر جـو، نہ زاريءَ جو اٿئي،
جاءِ حق جـي آهي زر ورتي، الاهـي، الامـان!
پير مرشد زر جـي خاطر زور سان ڪن ٿا مريد،
ٿا سڏائن صوفي ۽ درويش، پـر ٿـيـا حڪمران.
ٿا ٿِيَن مورن جان، ميرن جان، وتن ڪندا شڪار،
حاڪمن جان، گشت ڪن، ڪائن سدا حلوا ۽ نان.
رنـگ گيڙوءَ جـو هٿي ڪپڙن ڪي صوفي ٿا ٿين،
مشتري صورت، مـگـر مـرّيـخ سـيـرت بيگمان.
صبغة الله سان نہ سي دل پنهنجي ڪي يڪرنـگ ڪن،
سانـڊي وانـگـي رنـگ بدلائن اهي ٿـا هر زمان.
ويس ڪن پِيلـو ۽ نـيـلـو، ابـلـق ۽ ارزق ٿين،
چرخ ارزق وانـگي مردمڪُش ٿين ۽ جانُستان.
دم 'اناالحق' جو هڻن، حقي جان 'حق حق' ڪن سدا،
حق سڄاڻن ڪين، پنهنجو پڻ نہ ڄاڻن سي نشان.
ٿيا سـي بازيگر، وجهن پُتلين جـي بازي خلق ۾،
اسب چُوبين وارو ڪيئن بهرام چوبين ٿئي جوان!
ٿـيـو جڏهن اهڙو زمـانـو، ملڪ نااهـلـن جو ٿيو،
گوشو تڏهن بهتر، تون عنقا جان وڃي رهہ قيروان.
فڪر ناجنسيءَ جي ڪان آدم هو نڪتو مان بهشت،
ظـلـم نااهلن جـي ڪان عيسيٰ پـڳـو ڏانهن آسمان.
ماڻڪي اک جي نہ ڏي، شيشي جي ماڻڪ تي، اي دل!
زاري بهتر، ڏي نہ هرگز زور زر تي پنهنجي جان.
آيـا اج يـاجُـوج مـاجـوج ۽ آئـيـو دجّال پڻ،
ڏس ڪو عيسيٰ جو ڏيو، ڪٿ آهي مهديءَ جو مڪان.
مرزا ڪر، صوفي، مسند تي ويهي پيو ڪر مريد،
خـُلق مون لئہ، خـَلق تو لئہ، خورد آهين تون ڪلان.
تون ٿي مرشد، مرتد آهين، تون شرع ۾ آهين شعر ۾،
ٿي سيٺي ماٺ، اي "قليچ"، اڳتي نہ ٿي تون قصہ خوان.

رابيندرناٿ ٽئگور
سنڌيڪار: جهامنداس ڊي. ڀاٽيا

# ادب جو ڪم

ٻاهرين دنيا جڏهين اسان جي احساسن اندر داخل ٿي ٿي، ته آها بلڪل ٻئي نموني جي ٿيو ٿي پوي. سندس ڊول اگرچ ساڳيو ئي ٿو رهي، ته به ڦيرگهير سندس سڀاءَ ۾ ضرور پيدا ٿيو پوي. سندس رنگ، آواز، وغيره ساڳيا رهندي به اسان جي پسنديءَ ناپسنديءَ، اسان جي حيرت ۽ خوف، اسان جي غم ۽ خوشيءَ سان رڱجيو ٿا پون. انهيءَ طرح آهي اسانجن امنگن، لاڙن، لاڳاپن، فڪرن ۽ ذڪرن، خيالن ۽ افعالن سان مليو، بدلجو ٿا پون. سندن بدل سدل اسان جي دنيا ۾ ڦيرو ٿي آڻي وجهي. آن جو گهيرو ۽ گهوم، آن جو ويڙهو ۽ جهوم، اهڙا ته بدلجيو ٿا پون جو وسهڻ ۾ ائين پيو اچي ته دنيا ئي نئين سر اسان کي نئون نظارو ڏيکارڻ، نئون پسارو پسائڻ لاءِ پيدا ٿي پيئي آهي. انهيءَ نئينءَ دنيا جو اسان سان گهاٽو ۽ گهرو ڳنڍ ڳنڍجي ٿو پئي. جن انسانن کي هاضمي جي رسن جو پورو ورثو ڪونهي، سي کاڌي کي پنهنجي بدن کي هلائڻ لاءِ سگهه ۽ سٺا ۾ بدلائي نٿا سگهن، ۽ نه پنهنجي جسم کي جوانن وانگيان ورائي ٿا سگهن. ساڳيءَ ريت، جي ٻاهرينءَ دنيا کي امنگن جي اڪسير سان بدلائڻ ۾ ڪامياب نٿا ٿي سگهن، سي پنهنجي دنيا بنائڻ ۾ ڪاهل ۽ ڪمزور ٿا ثابت ٿين.

پوئين نموني جا انسان زندگيءَ جو مڪمل مزو نٿا وٺي سگهن، ۽ نه آهي ڪو مزو ڏيئي ٿا سگهن. آهي سدائين پنهنجيءَ پيدايش واريءَ دنيا کان گهٽيءَ قدر محروم آهن، ۽ تنهنڪري پنهنجن همرفيقن کي پاڻ کان اڳرو خوش‌مزاج ڏسي مجروح ٿيندا ٿا رهن. سندن دلين کي ٿوريون کي گهٽيون ڏريون آهن، مگر نه ڪين ڪو ڪولڻ جو آر آهي ۽ نه منجهن ڪو دنيا جي موسيقي ماڻڻ جو ڪو سُر آهي. هٿوا هئندي به، آهي ڳتن مان ڳچيون ڪيڏي نٿا سگهن. ليئي ۽ جهاتيءَ وجهڻ لاءِ واجهائيندي به سندن اکين ۾ ڪو عڪس نٿو اڪري اچي. دنيا جي وچ ۾ رهندي به هو جلاوطن ٿي جلندا ٿا رهن. ٻئي طرف کان آهي انسان آهن، جن جا عبرت - عشق ۽ آذاري جا احساس خوش‌قسمتيءَ سان سدا سجاڳ آهن. اهڙن انسانن لاءِ قدرت جي ڪُنڊ ڪُنڊ ۽ ڪوئي ڪوئي ڪانڊ جهليو بيٺي ٿي رهي. انسانيت، دلين جي چُرپُر، سندن زندگيءَ جي لڙهين ۾ همدرديءَ جي لرزش پئدا ڪندي ٿي رهي. انهيءَ ڪري، ٻاهرين دنيا سندن ليڪ ۾ نئينءَ ريت ۽ نئين روپ ۾ پيدا ٿيندي ٿي رهي. اهڙي رنگ ۽ روپ

ترڪنديون ٿيون اچن ۽ اسان جي اڳيان پيشيون نچن، ساهت آنهن ڪي جهٽي ۽ جهبي، ٻوليءَ ۾ هميشه لاءِ قابو رکندو ٿو رهي.

ادب ڪنهن خاص جي ملڪيت نہ آهي. خود مصنف آن جو خاوند نہ آهي. اِهو اِلاهي آپـرَ جو اظهار آهي. اِلاهي آن کي انهيءَ ڪري ٿو ڪوٺجي جو شاعر خود پنهنجيءَ لکت تي تعجب ۽ تپرس ۾ ٿو پئجي وڃي. جيئن ٻاهرين دنيا پنهنجي چڱائي سٺائي جو اظهار لڳاتار ڪندي ٿي رهي ۽ پنهنجين حاصلاتن ۽ اٿپورائين کي روپ دواران پڌرو ڪندي ٿي رهي، ساڳيءَ طرح هيءَ اِلاهي آپـرَ بهرڪنهن ديس ۾، هرڪنهن قوم ۾، هرڪنهن ٻوليءَ دواران، پنهنجو رستو اسانجين دلين مان لهي، ٻاهرين شڪلين ۾ ظاهر ڪري، هميشه لاءِ خوشيءَ جو ذريعو ٿيندي ٿي رهي.



منطقي پختگيءَ سان ڀرپور نظر اچي ٿي. سندس تحرير پڙهندڙ ۾ شگفتگي ۽ ڪشش پيدا ڪري ٿي. سندس انداز بيان ٽڪائيندڙ ۽ منجهائيندڙ نه آهي، پر وندرائيندڙ ۽ روح افزا آهي. لطافت ۽ جامعيت، رنگيني ۽ اثرانگيزي سندس تحرير جا اهم عناصر آهن. ٻوليءَ جي سلاست، صحت، بندشن جي پختگيءَ، استدلال جي منطقي ستاءَ، لفظن جي انتخاب ۽ ترڪيبن جي جامعيت جي لحاظ سان، انصاريءَ جي سنڌي زبان پنهنجي مٽ پاڻ آهي. "شاهه جي هڪ ڪيمياگر"، "سنڌي تهذيب" ۽ "سنڌي زبان جا ثقافتي مسئلا" نهايت لذيذ، جامع ۽ معلومات افزا مضمون آهن. انهن مضمونن جي جزالت ۽ رنگيني، شگفتگي ۽ جامعيت پڌائي ٿي ته تحريرن جي پس پرده هڪ صاحبِ مطالع، جمال پسند، ۽ صاحبِ ذوق جو هٿ آهي. انصاري، تحرير جي برجستگي ۽ رواني، رنگيني ۽ صحت، سلاست ۽ ميناج جي حيثيت سان، پنهنجي معاصر احباب ۾ خاص مقام رکي ٿو.

انگريزي ادب کان سواءِ، فارسي ۽ اردوءَ جي قادرالڪلام شاعرن جا بهترين اشعار هميشه سندس زبان تي جاري هئا. تقرير هجي يا تحرير، غالب، حافظ، مير، شاهه، ضرور استعمال ڪندو هو، پر پنهنجن ذاتي خطن ۾ به منتخب اشعار ائين جڙيندو هو، جئن منڊيءَ تي ٽڪ. هو اهل علم ماڻهن جو قدردان، قيافه شناس ۽ جوهرشناس هو،

'ڪچهريءَ جو مور' هو. جنهن به ڪچهريءَ ۾ انصاري صاحب هوندو هو، اها ڪچهري ٻنهي پيئي ٻهڪندي هئي. ڪڏهن ته گرجدار آواز ۾ پيو گجندو، ته ڪڏهن ڪنن تي هٿ رکي پيو سرگوشيون ڪندو، ۽ مشڪندو ۽ مرڪندو. سندس مرڪڻ ۽ مشڪڻ ۾ به حسن ۽ دلاويزيءَ جا عجيب رنگ پسبا هئا. سندس مرڪڻ ۾ بشاشت ۽ دلي پاڪيزگي هوندي هئي. منافقت ۽ ڪج اداييءَ کان پري هو، تنهنڪري هرڳالهه ٺهڪائي ڏيندو هو. دوستن سان، محبت ۽ بي تڪلفيءَ جي ڪري، عجيب غريب لقب چسپان ڪري ڇڏيا هئائين. اهي لقب بيڌڙڪ استعمال ڪري، ڪچهريءَ کي ڪلائيندو هو. دل ۾ ڪوت کي سانڍڻ سندس طبع ۽ رندانه مشرب جي خلاف هو.

ڳالهين جو ڳهير هو. ڳالهه سان ڳالهه ڪندو، ڪلائيندو، مزاح ۽ مذاق ڪندو، هلندو ويندو. سندس هڪ هڪ ڳالهه ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلندي هئي. پر ٻڌندڙن جو سرور جئن پوءِ تئن وڌندو ويندو. ٿڪ ۽ انقباض جو ته وٽس نالو ئي ڪين هو. ڳالهه ڳالهه ۾ ٽوٽڪا، لطيفا، اشعار، ويندو جڙيندو.

انصاري صاحب جو دماغ، قلم ۽ زبان، افسانوي رنگ جا هئا. هرڪا سادي ۽ سولي ڳالهه به افسانه طرازي ۽ رنگ آميزيءَ کان سواءِ جڻ ڪري ئي نه سگهندو هو. سندس گفتگو جا پيمانا به غيرمعمولي هئا.

مثلاً، هڪ ڀيري چيائين، "مان وڃان ٿو!"

"ڪاڏي؟"

سندس وفات تي سنڌ جي ڪاليجن، اسڪولن ۽ علمي ۽ ادبي ادارن موڪل ڪئي. ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي آفيس ۾ تعزيت جو ٺهراءُ پاس ڪري، اخبارن ۽ سندن پسماندن ڏانهن موڪيو ويو.

آخر ۾ اها گذارش آهي ته مرحوم انصاري صاحب جي ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن ۽ مقالن کي سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام سان شايع ڪيو وڃي، جيئن هڪ سنڌي عالم جي علمي ڪاوش ضايع نه ٿي وڃي.

نام نيڪو رفتگان ضايع مڪن.

اسين سندس فرزند فريد ۽ سندس پسماندن سان دلي همدرديءَ جو اظهار ڪنديءَ، دست بدعا آهيون ته رب ڪريم مرحوم مغفور کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ مرهي! (غ. م. گ)

## عزيزالله "مجروح"، مرحوم.

علمي حلقن ۽ شعر و سخن جي مجلسن ۾ هيءَ خبر نهايت ئي غم و اندوهه سان ٻڌي ويئي ته سنڌ جو نوجوان اديب ۽ سنڌي زبان جو باڪمال شاعر عزيزالله ’مجروح‘، تاريخ ٨- آگسٽ ١٩٦٢ع تي، پنهنجي آبائي ڳوٺ منڊو ڪلهوڙي، تعلقي ڳڙهي ياسين ۾، ڪنهن ڪم فهم ۽ شقي القلب قاتل هٿان جام شهادت نوش ڪري، عالم جاوداني ڏانهن راهي ٿيو — انا لله و انا اليه راجعون.

’مجروح‘ جي ناگهاني وفات ۽ سفاڪانه قتل تي سنڌ ۽ پاڪستان جي تمام اخبارن ۽ علمي ادارن طرفان دلي رنج ۽ انتهائي افسوس جو اظهار ڪيو ويو. سنڌي ادبي بورڊ پڻ، پنهنجيءَ ميٽنگ منعقده ١-٩-٦٢ع ۾، هن نوجوان شاعر جي وفات حسرت آيات تي هڪ متفق ٺهراءَ ذريعي غم و الم جو اظهار ڪيو، ۽ مرحوم جي پسماندن سان دلي همدردي ظاهر ڪئي.

’مجروح‘ سنڌي زبان جي جديد شعراء ۾ سلاستِ بيان ۽ ندرتِ خيال جي لحاظ کان ممتاز مقام رکي ٿو. سندس دل نشين اندازِ بيان ۽ سليس، ساده ۽ عام فهم الفاظ جي حسنِ انتخاب سندس شعر کي حسنِ قبول جي لائق بڻايو. ’مجروح‘ زياده تر تمام اصنافِ سخن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، ۽ سندس اشعار مختلف موضوع ۽ مضمون تي مشتمل آهن، جن ۾ جوشِ بيان ۽ سوز و گداز جا مثال بڪثرت موجود آهن. سندس شعرن جو پهريون مجموعو، "نالهاي دل" جي نالي سان، ’حبيب پبليڪيشن‘ سکر طرفان، سال ١٩٥٥ع ۾ شايع ٿيو هو. انهيءَ کان علاوه سندس ٻه ٻيا ديوان، هڪ مڪمل ۽ هڪ غير مڪمل حالت ۾، ’مجروح‘ جي عزيز ترين دوست رئيس نظر محمد خان مهيسر وٽ موجود آهن. اسان کي موثق طريقي معلوم ٿيو آهي ته ’مجروح‘ جا دوست ڪوشش ۾ آهن ته سندس ٻيئي ديوان، زيورِ اشاعت سان آراسته ٿي، ترت منظرِ عام تي اچن.

اڄ ’مجروح‘ اسان وٽ موجود نہ آهي، مگر سندس شعر و سخن جا جواهرپارا اسان وٽ بتمام و ڪمال موجود آهن، ۽ جيستائين سنڌي زبان زنده آهي، ”مجروح“ جو نالو، بحيثيت هڪ باڪمال سنڌي شاعر جي قبولِ دوام حاصل ڪندو رهندو.

”مجروح“ جي شهادت جو سانحو، صرف سندس عزيزن ۽ دوستن لاءِ جانڪاه ثابت نہ ٿيو آهي، مگر انهيءَ ۾ سنڌ جا تمام علمي حلقا ۽ ادبي ادارا برابر جا شريڪ آهن. اسان اداره ”مهراڻ“ طرفان، ”مجروح“ جي فرزند ظفراحمد ۽ سندس پائرن هدايت الله ۽ عنايت الله سان پنهنجي دلي غم و الم ۽ حزن و ملال جو اظهار ڪريون ٿا، ۽ باري تعالیٰ جي بارگاه ۾ دست بدعا آهيون تہ سندس پسماندن کي صبر جميل جي توفيق ارزاني عنايت فرمائي- آمين!

(ش. م. شاهہ)

# "مهراڻ" جي مقاله نگار حضرات ۽ شعراءِ ڪرام کي گذارش

ادارهٔ "مهراڻ" اوهان جهڙن علم دوست ۽ اهل قلم سرپرستن جي قلمي امداد ۽ دلي تعاون جو شڪرگذار آهي. اوهان جا فني ۽ ادبي شاهڪار 'مهراڻ' جي معيار کي قائم رکندا آيا آهن چند گذارشون عرض رکجن ٿيون، جن کي اڳيان رکي، 'مهراڻ' لاءِ پنهنجو مقالو يا شعر لکي موڪليندا.

شاعرن لاءِ. شاعرن کي گذارش آهي ته شعر و سخن جي ڪنهن به صنف تي (بيت، دوها، ڪافي، غزل، نظم، آزاد نظم، ترائيل، سانيٽ، رباعي ۽ قطع) وغيره جي لکڻ وقت، 'مهراڻ' رسالي ۾ شايع ٿيل 'حصہ نظم' کي ضرور اڳيان رکڻ گهرجي.

حصہ نظم ۾ ڏسڻ گهرجي ته مواد ڪهڙيءَ طرح شايع ڪيل آهي، ۽ نشانيون (دم، اڌ دم، عجب جو نشان وغيره) ڪيئن استعمال ٿيل آهن.

مثال طور، اوهين 'نظم' لکڻ گهرو ٿا، يا 'غزل' لکو ٿا، ته پوءِ نظم يا غزل لکندي، 'مهراڻ' جي حصہ نظم تي هڪ نظر ضرور وجهي ڏسندا ته اهو ڪيئن ڇپيل آهي، ۽ نشانين ڏيڻ وقت موضوع ۽ زبان جي صحت ۽ نحوي ۽ صرفي حيثيت کي ڪيتريقدر صحيح طرح سان نباهڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. اوهين ٿوري ئي تجربي کان پوءِ حصہ نظم ۽ ان جي فني علامتن تي عبور حاصل ڪري سگهندا، ۽ اوهان جي تحرير، لکڻ جي فن ۾ به وڏي ڪمال تي پهچي ويندي.

٢- حصہ نظم سان ڪنهن به صنف تي ڪا شاهڪار چيز 'مهراڻ' لاءِ موڪلڻ گهرو ٿا ته پوءِ:

ڪاغذ جي فلسڪيپ سائيز تي لکڻ گهرجي.

حاشيو وڏو ڇڏڻ گهرجي (ساڄي پاسي کان).

ڪاغذ جي مٿان به حاشيو ڇڏجي، ۽ ڪاغذ جي هيٺين حصي ۾ به حاشيو هجڻ گهرجي.

مواد ترتيبوار، ڪليل لفظن ۾، سٽن جي وچ ۾ مفاصلو ڇڏي لکڻ گهرجي، ۽ رسم الخط صاف، ونڊ ڙ ۽ فني هئڻ گهرجي.

ڪاغذ جي ساڄيءَ ڪنڊ تي پنهنجو نالو ۽ تخلص صاف طرح ڄاڻائڻ گهرجي.

ڪاغذ جي کاٻيءَ ڪنڊ تي "مهراڻ لاءِ" به لکڻ ضروري آهي.

'مهراڻ' لاءِ موڪليل چيزون ٻين اخبارن ۽ رسالن ڏانهن ساڳئي وقت تي نه موڪلڻ گهرجن. ڪاغذ جي ٻئي پاسي ڪجهه به نه لکڻ گهرجي.

سنن ۾ ڪجهه وٽي هڻڻ گهرجي، ڇا لاءِ ته لفظي تبديل ۽ صحت، اضافي ۽ ترميم لاءِ ڪجهه جڳهه ڇڏيل هوندي ته پوءِ ڪم ۾ سولائي ٿئي ٿي.

قابل اشاعت مواد جو اطلاع عرض رکيو ويندو، ۽ ناقابل اشاعت مواد گهرُ ڪرڻ تي واپس عرض رکيو ويندو.

نوٽ- 'مهراڻ' جي ڪرمفرما بزرگن جو موڪليل مواد دلي ۽ دماغي ڪاوش ۽ فني تخليق جو شاهڪار ٿئي ٿو، ان جو اعتراف هر ذي علم ماڻهو ڪري رهيو آهي، تنهنڪري مناسب اهو نظر آيو آهي ته حفاظت جي لاءِ مواد 'رجسٽرڊ' ڪري موڪليو وڃي — پيءِ حالت ۾ عام طور به مواد موڪلي سگهجي ٿو. — والسلام.

**پتو: غلام محمد گرامي، ايڊيٽر ٽماهي "مهراڻ"، ٣- سول لائينز، حيدرآباد، سنڌ.**

# تبصرا

**ڪافي.** مصنف مخدوم محمد زمان صاحب ’طالب المولا‘؛ صفحا ٢١٧، ڊبل ڪرائون؛ گيٽ اپ دلڪش ۽ نفيس، تصويرن سان؛ مجلد، رنگين ڪور سان، ڪاغذ اعليٰ قسم جو؛ قيمت ست روپيا. ملڻ جو هنڌ: بزم ’طالب المولا‘، امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

حضرت طالب المولا جي نام نامي اسم گرامي ڪان هر اهل علم آشنا آهي. پاڻ علم و فن، جمال و ڪمال، سيرت ۽ صورت، فڪر و نظر جي خيال ڪان اعليٰ درجي جا انسان آهن. سندن علمي ۽ ادبي خدمات جو سلسلو وسيع آهي. سندن ڪلام، جمالياتي نقطہ نظر سان نهايت نفيس ۽ معياري، دلنشين ۽ ڪيف آور آهي.

هن دور ۾ پاڻ ڪافي گو شعراء جا سرموڙ آهن. سندن ڪافيون فن ۽ مواد، هيئت ۽ اسلوب جي نقطہ نظر سان پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سندن ”ڪافي“ ڪتاب محققانہ ۽ عالمانہ تصنيف آهي.

مفصل طور بحث ڪرڻ ڪان اڳ، هت رڳو ايترو عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ اصل ۾ بيت، ڪافي، وائي ۽ ان قسم جون ٻيون صنفون، سنڌي شاعريءَ جون پنهنجون ۽ پراڻيون صنفون آهن. اسان جي بزرگن کي اهو شرف حاصل آهي جو انهن پنهنجي جذبات ۽ واردات جي پيش ڪرڻ لاءِ ’رس ۽ رهاڻ‘ کي قائم رکندڙ سوليون، سهڻيون، شيرين ۽ دلنشين صنفون بنايون. سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافيءَ ۽ بيت کي بنيادي مقام ۽ معيار حاصل آهي.

ڪافيءَ جي تاريخي ۽ فني حيثيت اڄ تائين هڪ اختلافي مسئلو رهندو آيو آهي. ان موضوع تي هن ڪان اڳ جناب پير حسام الدين راشدي، منظور نقوي ۽ عبدالغفار راشديءَ جا مضمون ماهوار ”نئين زندگيءَ“ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ان طرح سيد عطا حسين موسويءَ ”ڪچ ڪوڏيون“ ڪتاب ۾ بہ هڪ مختصر مضمون لکيو آهي. ان ڪان سواءِ ڪلياڻ آڏوائيءَ جو ”فرنٽيئر گزيٽ“، جيڪب آباد، ۾ ٻہ قسطوار مضمون اچي چڪو آهي، ۽ ”مهراڻ“ رسالي جي پراڻي دور ۾ بہ هڪ اڌ مقالو آيل آهي. انهن سڀني اديبن ڪافيءَ جي فني ۽ تاريخي ارتقا ۽ سنا تي سهڻو بحث ڪيو آهي. جڏهن تہ اهي سڀ مقالا تمام مختصر آهن ۽ پنهنجي جامعيت جي لحاظ سان تشنہ آهن، تڏهن هڪ اهڙيءَ جامع ۽ مفصل تصنيف جي ضرورت هئي، جنهن ۾ ’ڪافيءَ‘ جي فني ۽ تاريخي ارتقا سان گڏ، ان موضوع سان وابستہ سڀ مختلف النوع مباحث ۽ مسائل بہ اچي وڃن، ۽ ڪابہ تشنگي باقي نہ رهجي وڃي. شڪر جو مقام آهي جو هن دور جي عظيم صاحبِ فن، شاعر ۽ سخن شناس بزرگ، حضرت مخدوم طالب المولا، هيءَ مفصل، جامع ۽ مستند پيشڪش تصنيف فرمائي آهي. هي ڪتاب، پنهنجي صوري ۽ معنوي

حيثيت سان، ڪافيءَ تي مڪمل ريسرچ ۽ تحقيق آهي. هن ڪتاب جي افاديت ۽ معياري حيثيت هن مان ظاهر آهي تہ برصغير پاڪ جي ڪنهن بہ عالم ۽ محقق ان تي وسعت ۽ جامعيت سان بحث نہ ڪيو آهي.

’ڪافي‘، سنڌ کان ٻاهر، ملتان ۽ پنجاب ۾ پڻ ڳائي وڃي ٿي. خواجہ غلام فريد، بلا شاهہ، سلطان باهو ۽ شاهہ حسين جون ڪافيون ملتاني ۽ پنجابي زبان ۾ ڳايون وڃن ٿيون. خواجہ غلام فريد جي ديوان مرتب ڪندڙ، علامہ حفيظالرحمان بهاولپوريءَ بہ ديباچي ۾ ڪافيءَ جي صنف تي ڪوبہ بحث نہ ڪيو آهي. ان کان سواءِ پنجاب ايڪڊمي، لاهور، مان ”ڪافيان شاهہ حسين“ نالي ڪتاب شايع ٿيل آهي، پر ان ۾ بہ ڪافيءَ متعلق بحث موجود نہ آهي. ان طرح هن دور جي وڏي اديب ۽ محقق، سيد عابد علي عابد، رسالي ”استقلال“ لاهور، ۾ بہ چار قسطون ڪافيءَ متعلق لکيون آهن، پر انهن جو حال ساڳيو آهي؛ فقط جمالياتي حيثيت سان بہ چار پيرائون لکي سگهيو آهي.

انهن سڀني جي مقابلي ۾، حضرت طالب المولا ٻن سون صفحن تي مشتمل بحث ڪري، ڪافيءَ متعلق هرهڪ مسئلي ۽ فني معاملي تي روشني وجهي، هڪ اعليٰ علمي مثال قائم ڪيو آهي.

ڪافيءَ متعلق فقط ايترو عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سندس فني ۽ تاريخي ارتقا ۽ سٽا متعلق عالمن جا ڪيترا بہ اختلاف هجن، پر سندس معنوي ۽ باطني رس رهاڻ، جذب ۽ ميناج، نڪتہ آفريني ۽ جذبات نگاري، سادگي ۽ پختگيءَ ۾ تہ ڪوبہ اختلاف ٿي نٿو سگهي. ڪافيءَ جي اها صورت ۽ معنوي حيثيت سوز و ساز، راز و نياز جي رنگين ۽ محبت آفرين واردات ۽ مشاهدات، جذبات ۽ ڪيفيات سان وابستہ آهي.

ڪافيءَ جي فن متعلق مصنف اهو ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿو، جو صاحب سوز، اهل درد ۽ اهل دل هجي؛ جنهن جي دل جي دنيا محبت آفرين واردات ۽ ڪيفيات جو آماجگاهہ هجي؛ جنهن جا باشعور جذبات حسن و عشق جي آويزش کان زخميل ۽ قتيل هجن؛ ۽ جنهن جي طبيعت ۾ ذوقي ۽ وجداني ڪيفيتون جلوہ ريز هجن. ان کان سواءِ، ڪافيءَ جو تعلق سنڌي زبان جي هڪ خاص سلاست آميز، مواد ۽ لهجي سان بہ آهي. ڪافيءَ جي زبان ۾ جزالت ۽ لطافت، لفظن جي لوچ ۽ نرمي، انداز بيان جو ميناج ۽ رس ٿئي ٿو. ڪافيءَ جي زبان قافيہ دار لفظن جي فراوانيءَ، محاورن جي ندرت ۽ اصطلاحن جي اشاريت سان ڀنجي ٿي. شيرين ۽ دلنشين بندشن ۽ ترڪيبن ۾ حسن و عشق، هجر و وصال جا دقيق ۽ تصوف جا عميق عارفانہ ۽ عاشقانہ معاملا بيان ڪري سگهجن ٿا. ان لاءِ ضروري آهي تہ ڪافيءَ سان تعلق رکندڙ عالم ۽ شاعر، ڪافيءَ جي زبان ۽ لهجي جو بہ عالم ۽ ماهر هجي. افسوس هي آهي تہ موجودہ دور ۾ ڪافي گو شاعر، مقدار جي لحاظ سان تہ هزارين ملي سگهن ٿا، پر فن ۽ لسان جي حيثيت سان سندن ڪافيون ’ڪافيون‘ نہ آهن. ان حيثيت سان بہ حضرت طالب المولا جن پنهنجي معاصرين

جي پردي ۾ ذاتي ضد پاڙڻ لاءِ صرف ترديد ڪندا آهيون، ۽ روسال ۾ ويڙهيل حملا، ڀر فائدي ڏيڻ ۽ وٺڻ مان بلڪل ڪونه چاڻون. نه رڳو ايترو، پر فقط صحيح نتيجي تي به پهچي ڪونه سگهون. ان هوندي به ڪي آگرين تي ڳڻڻ جيترا اديب، شاعر ۽ زبان جا ڄاڻو اڃا به موجود آهن. پر پنهنجي ماري ڪير پڏي!"

ان سلسلي ۾ لکن ٿا:

"پيرسن ۽ گوشه نشين اديبن، شاعرن، عالمن جي علم ۽ تجربي مان هن وقت اڪثر ڪو به شخص فائدو ڪونه ٿو وٺي انهيءَ محروميءَ جو فقط هڪ هيءُ ئي سبب آهي جو اسان جي قوم 'زنده پرست' هئڻ بدران رڳو مرده پرست آهي. هوءَ رڳو جنازي نماز پڙهي، فاتحائون ڪري، ختما ڪائي، ۽ ورسيون ملهائي: انهن رسمن ۾ مس پوري آهي، ۽ پنهنجو وقت 'قصيدي گوئيءَ' ۾ ئي وڃايو ڇڏي."

وائيءَ ۽ ڪافيءَ متعلق لکن ٿا:

"اسان جا ڪيترا ئي اهڙا شاعر به آهن، جيڪي وائيءَ ۽ ڪافيءَ جي نالن ۾ اهڙيون شيون لکن ٿا، جن جي مضمونن، محاورن، استعارن، جملن ۽ لفظن جو وائيءَ ۽ ڪافيءَ سان ڪو به واسطو نه آهي."

اميد ته اسان جا ڪافي‌گو شاعر پنهنجن فني شاهڪارن کي فني طور ڪافي ۽ وائيءَ جي اصولن موجب لکڻ جي ڪوشش ڪندا.

ان ڪان پوءِ 'سنڌي تهذيب' جي عنوان هيٺ، سنڌ جي قديم نقشي ڏيندي، سنڌي تهذيب جي قدامت ۽ عظمت تي مختصر مگر سهڻو بحث ڪيل آهي.

ان ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ متعلق بحث آهي. سنڌي زبان جو سنسڪرت سان تعلق ڪهڙو آهي اهو اڄ سوڌو اختلافي مسئلو شمار ٿيندو اچي ٿو. حضرت مخدوم صاحب جن جي تحقيقي راءِ آهي ته "سنسڪرت پاهرين ٻولين مان ٺهيل آهي، ۽ سنڌي زبان اصل ئي جدا هئي، نه سنسڪرت جي بگڙيل صورت."

ان ڪان پوءِ سمن جي دور جي شاعريءَ ۽ زبان تي بحث ڪيو ويو آهي. درويش پرئي (۹۰۳ھ)، قاضي قاذن (۹۵۸ھ)، لاکي لطف‌الله ۽ حضرت مخدوم نوح رحه (۹۹۸ھ)، شاه ڪريم (۱۰۳۲ھ)، شاه عنايت رضوي (۱۱۶۰ھ)، شاه ڀٽائي (۱۱۶۵ھ)، پير بقا (۱۱۹۸ھ) جو ڪلام ۽ انهن جي سليس شاعري پيش ڪري، سمن جي دور ڪان وٺي ڪلهوڙن تائين سلسلهءِ ارتقا پيش ڪيل آهي.

دراصل انهن دورن جي شاعري ۽ انهن جي لساني حيثيت هڪ اهم ۽ بحث طلب موضوع هو، جنهن کي حضرت مخدوم صاحب جن مختصر طور بيان ڪرڻ فرمايو آهي، ورنه انهن دورن جي لساني ڇنڊڇاڻ ۽ شعري تشڪيل ۽ ارتقا تي مڪمل ۽ جامع بحث جي ضرورت آهي. اسان جي شاعريءَ جي ارتقائي تاريخ، انهن دورن جي تنقيد ۽ تحقيق ڪان سواءِ

ان کان پوءِ 'بيت' ني فصل آهي. بيت ۽ دوهي جي فني تعريف، مثالن سان، نافذانه طور ڏني ويئي آهي. ان ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي 'تسامحات' جي اصلاح ڪئي ويئي آهي. گربخشاڻيءَ لکيو آهي:

"دوهي جي معنيٰ آهي ٻيٽو، يعني 'مثنوي'. هڪ دوهي ۾ ٻه ٻه مصرعون گهرجن، جن جي پچاڙيءَ ۾ 'ساڳيو قافيو' هئڻ گهرجي".

ان کان پوءِ گربخشاڻيءَ مٿينءَ تعريف جي مناسبت سان ڪوبه هندي ۽ سنڌي دوهڙو نه آندو آهي. البته شاهه ڪريم جو بيت ڏنو اٿس، جنهن جا قافيا آهن لوڪ ۽ ٿوڪ. حضرت مخدوم صاحب جن تنقيد ڪندي، هن طرح اصلاح ڪئي آهي:

"ڊاڪٽر صاحب اهو غلط لکيو آهي ته مثنويءَ ۾ 'ساڳيو قافيو' هئڻ گهرجي، بلڪ هيئن لکڻ ڪپندو هوس ته 'ساڳئي نموني جو قافيو' هئڻ گهرجي — مثلاً آس، پاس، راس، وغيره."

ان طرح، شاهه جي دوهڙن تي لکندي جي گربخشاڻيءَ غلطيون ڪيون آهن، تن جي اصلاح مثالن سان ڪئي ويئي آهي، ۽ حضرت نوح رحه ۽ ماموئيءَ جا بيت پيش ڪري، ٻڌايو ويو آهي ته شاهه کان گهڻو اڳ بيت جي فني هيئت ۾ فرق پيدا ٿيو هو.

ان کان پوءِ 'وائيءَ' متعلق بحث ڪري، سنڌ جي اديبن جي غلطفهمين جي اصلاح ڪئي ويئي آهي. 'وائيءَ' جي تعريف فني طور ڪري، فيصلو ڪيو ويو آهي ته وائي ۽ ڪافي اصل ۾ هڪ چيز آهن، ۽ ڪافي ۽ وائي، بيت مان پيدا ٿيل آهن. اهو به ثابت ڪيو ويو آهي ته وائيءَ جو موجد شاهه لطيف نه آهي. ان بحث ۾ حڪيم عبدالغفار راشديءَ ۽ مرزا همايون بيگ جي نظريي جي پڻ اصلاح ڪئي ويئي آهي، جي ڪافي ۽ وائيءَ کي 'سنڌي غزل' سڏي چڪا آهن، ۽ ڪافيءَ ۽ غزل جي فني فرق تي ڪا نظر نه ڪئي اٿن.

مخدوم صاحب جن 'وايا' ۽ 'وارتا' جي معنيٰ رهڻ، ترسڻ، هئڻ، ڪم، پيشو، واپار، ٻوڪ، روزگار، اطلاع، رپورٽ، گفتگو، حالت ۽ ماجرا ڪري، مفهوم واضح ڪيو آهي. ان طرح 'وايو' ۽ 'وائي' جي معنيٰ 'هوا' ۽ 'پران' ڪري، ٻڌايو اٿن ته 'وائي' ۽ 'اهوئي' ۽ 'وهي' هڪ چيز چئي سگهجن ٿا. پر انهن جو وائيءَ سان ڪو تعلق نه آهي. ڪن عربي 'واءِ' مان 'وائي' اخذ ڪئي آهي. پر آخري طور مخدوم صاحب جن جي راءِ آهي ته

"خدا نتو ڀلائي ته لفظ 'وائي' مان 'وائي' نهيو آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ 'ٻائي' به چوندا آهن. لفظ 'وائي' جي معنيٰ آهي، ٻولي ۽ سخن."

"وائيءَ جو گهاڙيتو به ٻائين وارو ئي آهي. فرق رڳو هيترو آهي ته وائيءَ جو ٿل به اڌ ٿئي ٿو — ڀرئين اڌ ۾ قافيو ۽ ٻيو اڌ بنا قافيي جي هوندو آهي؛ ۽ وائيءَ ۾ ٻن مصرعن بدران ٽي، چار يا وڌيڪ مصرعون به ٿين ٿيون".

ان ڪان پوءِ، اها ڪافي شاهہ جي واين وانگر پيش ڪئي ويئي آهي.

حضرت مخدوم صاحب جن جناب عطا حسين شاهہ موسويءَ جي پيش ڪيل ڪافيءَ ۽ وائيءَ جي فرق سان اتفاق نہ ڪندي، ڪافي ۽ وائيءَ جا ڪيئي مثال پيش ڪيا آهن، ۽ ثابت ڪيو آهي تہ ٻنهي ۾ فقط گهاڙيٽن جو فرق آهي، باقي مضمون ٻنهي جو ساڳيو آهي. لڪن ٿا:

”نہ لفظ ٿا ٻئي قسم جا اچن، نہ محاورا، ۽ نہ خيال ئي ڪي جدا جدا آهن. وائيءَ جي مصرع هروڀرو هڪ سٽي ڪانہ ٿي ٿئي. مثلاً شاهہ جي رسالي ۾ هڪ وائي آهي، ان جي هر مصرع ۾ ٻہ ٻہ سٽون آهن. ڪافي ۽ وائي جيڪڏهن ٻہ جدا صنفون هجن ها تہ انهن ۾ مداح ۽ مولود وانگر مضمونن جو فرق بہ هجي ها، جيئن غزل ۽ هزل ۾ ٻہ شيون آهن، اگرچ ٻنهي جا گهاڙيٽا ساڳيا ئي آهن.“

”ڪافيءَ جي پيچ-گهڙ“ جي فصل ۾، ڪافيءَ جي فني تعريف متعلق، مسٽر غلام حسين سومري (هـ. م. نورمحمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد)، مسٽر سدا رنگاڻي، سيد عطاحسين شاهہ موسوي، آخوند ربڏني (مجاور، درگاهہ حضرت مخدوم نوح رحہ)، سرشار عقيليءَ مولانا فضل احمد غزنويءَ جا رايا درج ڪري، پاڻ لکيو اٿن:

”مٿيان بحث ڪيتريقدر صحيح يا غلط آهن، ان جو فيصلو عالم ۽ اديب ڪندا.“

مسٽر سومري جو خيال دعاي ’ڪاف‘ ڏانهن ويو آهي، جنهن ۽ ’ڪاف‘ جا گهڻا لفظ آيل آهن. دعائي ڪاف، ۽ ڪاف جي لفظن مان ’ڪافي‘ ڪيئن نهي؟ دعا نثر ۾، پر ڪافي نظم ۾— ٻنهي جو باهمي فني ربط ڪيئن قائم ٿيو؟ اها دعوا بلا دليل آهي، سومري صاحب کي دليل ڏيڻ گهرجن ها.

پروفيسر سدارنگاڻيءَ ’ڪافيءَ‘ کي ’قناعت‘ جي معنيٰ ۾ آندو آهي، حالانڪ اهو تہ لغوي قرينو آهي: هڪ خاص شاعرانہ ۽ موسيقيءَ جي صنف تي اهو نالو ڪيئن آيو، ان لاءِ رڳو ڪافي معنيٰ قناعت چوڻ صحيح نہ چئبو. جناب موسوي صاحب جن ’ڪفہ‘ يعني ’دف جي ڪاٺي‘، جنهن ۾ گهنگهرو پيل هجن، ڏانهن توجهہ ڇڪايو آهي. ’اِستڪفوا‘ معنيٰ خيرات وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهيرڻ ۽ فقير جو هٿ جي ترِيءَ تي پيسا وٺڻ: ان سان خود مخدوم صاحب جن اختلاف ڪيو آهي، ۽ واڌارا ۽ تشريح ڪئي اهي. ان تعريف مان ’ڪافيگو‘ مسڪين فقراء جي پنڻ ڏانهن تہ اشارو ٿي سگهي ٿو، پر فني ۽ لغوي قرينو موجود نہ آهي. پنڻ لاءِ رڳو ’ڪافي‘، ڪافي نہ آهي. ڳائڻ وڄائڻ جا ٻيا بہ ڪيئي طريقا آهن، جي پنڻ وارا استعمال ڪن ٿا. ان طرح ’ڪفہ‘ ۽ ’دف جي ڪاٺيءَ‘ مان بہ تعريف واضح نہ آهي:

آخوند ربڏني ’ڪفي‘ سان ڪافي بيان ڪئي آهي.

”ساهميءَ جي ٻنهي پڙن جو برابر هئڻ، امڪان آهي تہ شعر جي ٻنهي مصرعن جي هموزن ۽ توري تڪي تڪن ناهڻ کي ’ڪفي‘ مان ’ڪافي‘ ٿي ويو هجي. ’ڪافي‘

# سنڌي زبان جا مسئلا

[جيڪڏهن سمجهداريءَ ۽ نيڪ نيتيءَ کان ڪم ورتو وڃي، ته پاڪستان ۾ دراصل زبان جو ڪو مسئلو آهي ئي ڪو نه! پر جن ملڪن کي پنهنجي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ ڪو بنيادي نقطهٔ نظر (vision) هٿ نه ايندو آهي، يا ڪن غيرمعمولي سببن جي ڪري هو ان کي وساري يا ٽاري ڇڏيندا آهن، يا بدقسمتيءَ سان سندن ملڪي قيادت گمراهيءَ ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي، ته پوءِ اهڙين حالتن ۾، ڪڏهن ڪڏهن، رڳو 'ٽڪ اڇلائڻ' به هڪ مسئلو بنجي ويندو آهي. نه صرف عالمي طرح طي ٿيل تعليمي، لساني ۽ انساني قدرن کي سامهون رکندي، بلڪ خود پاڪستان جي بنيادي اصول مطابق عمل ڪندي، هتي جي هر علائقائي قوميت کي پنهنجي تعليمي ۽ ثقافتي ترقيءَ جو هرڪو حق آهي. هن ملڪ جي سمورين تهذيبي وحدتن — سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان ۽ بنگال — جا سمورا قومي مسئلا، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ئي طي ڪيا ويا هئا، ۽ علائقائي تحفظ جي يقين تي، سنڌ آهو پهريون صوبو هو، جنهن پاڪستان جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، ظاهر سببن جي ڪري، هن نئين ملڪ لاءِ ڪو به تعميري نقطهٔ نظر مقرر نه ٿي سگهيو، جنهن جي نتيجي ۾ عوامي زندگيءَ جي هر تقاضا ڪنهن نه ڪنهن مسئلي جو روپ ڌارڻ لڳي، ۽ غلطڪار سياستدان ان کي ملڪي سالميت ۽ ملڪي وحدت وغيره جي دل-پريائيندڙ نالن سان آپاريندا، واقعي هڪ زبردست مسئلو بنائي چڪا. زبان جو مسئلو، ان طرح، سياسي مصلحتن جو پيدا ڪيل هڪ 'شاهڪار ڪارنامو' آهي.

سنڌي زبان جو سوال پاڪستان قائم ٿيڻ شرط ئي پيدا ٿيو، جڏهن ملڪ لاءِ "قومي زبان" جو 'مسئلو' ڪڙو ڪيو ويو. دراصل پاڪستان ۾ 'قومي زبان' بابت نه، بلڪ 'سرڪاري زبان' بابت سوچڻ کپندو هو؛ ڇو ته هتي جون سموريون علائقائي زبانون — بنگالي، سنڌي، پنجابي، پشتو، بروهي ۽ بلوچي — پاڪستان جون 'قومي زبانون' آهن، جنهن کي جديد عمرانيات جا اصول تسليم ڪن ٿا. 'قومي زبان' ڪنهن قوميت جي زبان کي چئبو آهي؛ ۽ 'قوم' چئبو آهي انهيءَ مخصوص تهذيبي گروهه کي، جنهن کي پنهنجو مخصوص جاگرافيائي، تاريخي، روايتي ۽ ثقافتي پس منظر هجي، ۽ آهو هڪ خاص زبان ڳالهائيندڙ هجي. 'قومي زبان' لاءِ، هڪ خاص علائقي جي مادري زبان هجڻ لازمي آهي. دنيا جون سموريون آهي مادري زبانون جيڪي مٿين علمي اصول سان مطابقت ٿيون رکن، آهي هر هنڌ 'قومي زبان' طور تسليم ٿيل آهن. پر هتي انهيءَ سوال تي ألٽيءَ طرح سوچيو ويو، جنهن جو لازمي نتيجو اهو ئي نڪرڻو هو، جيڪو اڄ سڄي ملڪ ۾ زبردست بي اطمينانيءَ جو باعث بنجي رهيو آهي. اڙدو زبان، جيڪا پاڪستان

جي ڪنهن به علائقي جي مادري زبان نه آهي، ان کي ملڪ جي سرڪاري زبان طور رائج ڪرڻ، ۽ ٻين سمورين زبانن کي 'قومي زبان' قرار ڏيڻ، انهن کي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ سرڪاري زبان طور رائج رکڻ — اهو ئي فقط واحد فيصلو ٿي سگهيو ٿي، جيڪو اصولي، علمي ۽ ملڪي لحاظ کان بهتر ۽ درست هو. پر هتي بنگالي ۽ اڙدو کي ته قومي زبانون قرار ڏنو ويو، ۽ قومي زبانن کي وري سرڪاري سرپرستيءَ ۾ آڻڻ کان به انڪار ڪيو ويو.

سنڌيءَ کي 'اولهه پاڪستان جي هڪ سرڪاري زبان' بنائڻ جي سلسلي ۾، سنڌ ۾ شروع کان ئي هڪ وڏي جدوجهد هلي چڪي آهي، جنهن کي ١٩٥٧ع کان گهڻو زور حاصل ٿيو، جڏهن "سنڌي ادبي سنگت" پاران، سڀني علمي، ادبي ۽ عوامي حلقن جي تعاون سان، هڪ وسيع مهم جو آغاز ٿيو. سنڌيءَ جي انهيءَ مطالبي تي پنجاهه هزار شخصيتن جا دستخط حاصل ڪيا ويا، جن ۾ نه صرف سنڌ جي هرطبقي جي هستين، بلڪ بنگال، سرحد، بلوچستان، خود پنجاب ۽ اڙدو جي مايه ناز هستين جي تائيد موجود ڪئي ويئي. اجا اهي ئي ڪارروايون هيون، ته ان وچ ۾ اسان جي تعليمي ماهرن هڪ حيرت انگيز 'مسئلو' ايجاد ڪري ورتو. سنڌيءَ جي سٽن درجن کي گهٽائي پنج درجا ڪيا ويا، ۽ اڳتي لاءِ ملڪ جي تعليمي نظام ۾ سنڌيءَ جو چلتو صاف طرح بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ 'عقلمنديءَ' ۽ 'انصاف' جي پذيرائيءَ لاءِ، ١٩٦٠ع، ۾ "سنڌي زبان سوسائٽي" وجود ۾ آئي، جنهن جي معرفت هر انهيءَ حيلي سان، جيڪو ان وقت ممڪن هو، اختياريءَ وارن کي ٻڌايو ويو ته حڪومت جي قومي تعليمي ڪميشن جي سنڌيءَ بابت سفارش غلط، نقصانڪار، ناقابل عمل ۽ ناقابل برداشت آهي. 'سوسائٽيءَ' پاران هڪ مدلل 'ميمورنڊم' پڻ اختياريءَ وارن کي پهچايو ويو. سڄي ملڪ جي ادبي ۽ علمي جماعتن، اخبارن ۽ عوامي تنظيمن، زبردست احتجاج ڪيو. پر جتي نيڪ نيتيءَ جو وجود ثابت نه هوندو آهي، اتي اڳلي جي حجت کي ٻڌڻ جو ڪو به مطلب مقرر ڪونه هوندو آهي، جيستائين ان کي پوريءَ قوت سان نه پيش ڪيو وڃي. چنانچه، متواتر نظراندازيءَ بعد، هن وقت ملڪ جي هرطبقي کان زوردار آواز آٿاريو ويو آهي، ۽ جيڪڏهن ان کي جاري رکيو ويو ته ان جو نتيجو ضرور نڪرڻو آهي. پاڪستان جو سنڌي ڳالهائيندڙ عوام پنهنجيءَ زبان ۽ ادب جي مستقبل لاءِ فڪرمند ضرور آهي، پر مايوس هرگز نه آهي.

تعليمي ڪميشن جون سفارشون نه صرف زبانن جي معاملي ۾، بلڪ ٻين به اڪيچار تعليمي معاملن ۾، ڪُلي طرح ناقص آهي — جيئن شاگردن جي همه گير شڪايتن دواران ظاهر ٿي چڪو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته آها ڪنهن به قسم جي بنيادي، قومي يا تعليمي نقطه نظر تي ٻڌل نه آهي، جيڪو پاڪستان جي آئنده تعمير لاءِ ڪي روشن دماغ نسل پيدا ڪري. تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ، ان کي محدود ۽ مشڪل بنائڻ قطعاً غيرضروري آهي، بلڪ ان کي عام ۽ سستي بنائڻ، ۽ واضع بنيادن تي هلائڻ جي ضرورت آهي. چنانچه ملڪ جي تقاضا هيءَ آهي ته، انهيءَ 'رپورٽ' کي يڪسر رد ڪري، هڪ نئين تعليمي ڪميشن بنائي وڃي، جنهن ۾ سڀني زبانن جي نمائنده تعليمي ماهرن کي شامل ڪيو وڃي.

جيتريقدر سنڌي زبان جو مسئلو آهي، هيءَ ڳالهه هروقت ضروري رهندي ته اسين ان کي "اولهه پاڪستان جي هڪ سرڪاري زبان" تسليم ڪرايون، ورنه هن قسم جون نت نيون حالتون وري وري پيدا ٿينديون رهنديون، ۽ آخرڪار ڪنهن موقعي تي ان کي بچائڻ محال به ٿي پوندو. بنگالي ۽ اڙدو زبانن کي، بهرحال، اسين ملڪ جي قومي زبانن طور تسليم ڪري چڪا آهيون، ۽ ٻين سڀني علائقائي زبانن کي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ سرڪاري زبانون بنجڻ گهرجي.

سنڌي زبان جي حيثيت ۽ حقن بابت ايترو ته گهڻو لکيو ويو آهي، جو ڪيترن ئي هزارن جا ڪئين ضخيم ڪتاب تيار ٿي ويندا. بلڪل تازو، چند تاريخن اندر، "تعليمي ڪميشن جي رپورٽ" بابت جيڪو ردعمل سنڌي زبان سان متعلق آهي، اسين ان کي اخبارن جي حوالي سان پيش ڪري رهيا آهيون، جن ۾ اڙدو ۽ انگريزي اخبارون پڻ شامل آهن. — ش. ح.]

## روزانه "مهراڻ"، ڪراچي.

"سنڌي زبان متعلق تقاضا درحقيقت انهيءَ وقت کان ڪئي پئي وڃي، جڏهن تعليمي ڪميشن جون سفارشون پڌريون ٿيون ۽ حڪومت اهو فيصلو ڪيو ته سنڌي زبان بدران اڙدوءَ کي ذريعه تعليم بنايو وڃي. ڪميشن جي انهيءَ سفارش ۽ حڪومت جي انهيءَ فيصلي سنڌ علائقي اندر سخت تشويش پيدا ڪئي، جنهن جو اظهار سنڌ جي هر طبقه خيال جا ماڻهو ڪندا رهيا. اخبارون انهيءَ فيصلي کي غلط ۽ نامناسب سڏينديون رهيون؛ سنڌ جون علمي ۽ ادبي جماعتون انهيءَ فيصلي خلاف احتجاج بلند ڪنديون رهيون؛ شاگرد، استاد، شاگردن جا والدين ۽ بنيادي جمهوريتون انهيءَ فيصلي خلاف آواز اٿارينديون رهيون؛ سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن طرفان حڪومت جي انهيءَ فيصلي سان اختلاف جو اظهار ڪيو ويو؛ ۽ هيئنر سنڌ خواهه بيرونِ سنڌ جا سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ تعليمي ماهر حڪومت جي انهيءَ فيصلي جي مذمت ڪري رهيا آهن. انهيءَ همه گير اختلاف ۽ احتجاج کان درحقيقت حڪومت کي متاثر ٿيڻ گهرجي ها، ليڪن ڏنو ويندو ته حڪومت اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي ڪابه دلجوئي ڪانه ڪئي آهي — جڻ ته حڪومت جي ڪنن تائين ڪو آواز ئي ڪونه پهتو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو پهتو آهي ته اهو انسانن جو آواز نه آهي!

"سنڌي زبان جي باري ۾ جيڪي تقاضائون ڪيون ٿيون وڃن، سي ڪي اڄاتريون گهرون ڪين آهن، پر اهي معقوليت تي مبني آهي. سنڌي زبان سنسڪرت کان اڳ جي دور جي جهوني زبان آهي؛ ان کي پنهنجو رسم الخط ۽ پنهنجو گرامر آهي؛ اها صدين کان وٺي تعليمي زبان جي حيثيت ۾ رائج آهي، ۽ ويهن سالن کان وٺي ڊگريءَ جي ڪورس تائين ذريعه تعليم رهي آهي؛ ان ۾ آٺاهه لٽريچر موجود آهي؛ اها دليا جي ٻيءَ ڪنهن به ترقي يافته

زبان کان، ڪنهن به صورت يا حيثيت ۾ گهٽ ڪانه آهي؛ ۽ ان ۾ اهي سموريون خوبيون ۽ صلاحيتون موجود آهن، جيڪي هڪ زنده ۽ اعليٰ تعليمي زبان ۾ موجود هئڻ گهرجن: اهڙيءَ حالت ۾، جيڪڏهن هن زبان کي تعليمي دائري مان خارج ڪيو وڃي ته اها سراسر زيادتي آهي.

"هن زبان کي تعليمي ڪميشن جي سفارشن ۽ حڪومت جي فيصلي سبب جيڪو مقام بخشيو ويو آهي، تنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي باشندن جي تباهي يقيني محسوس ڪئي وڃي ٿي. اڙدو زبان کي ٽئين درجي کان رائج ڪرڻ جي حالت ۾ سنڌي ٻارن جي ذهنن تي پيٺو بار پئجي ويندو، جنهن جو نتيجو سنڌن ذهني پستيءَ جي صورت ۾ لڪرندو. اڙدوءَ کي ذريعہ تعليم بنائڻ سبب سنڌي ٻار نہ ڪجهہ سمجهي سگهندا، نہ سمجهائي سگهندا؛ جنهنڪري هو چئاڀيئيءَ ۾ اڙدو مادري زبان وارن ٻارن سان مقابلو ڪري ڪونہ سگهندا. جڏهن تہ تعليم جي ترقيءَ جو بنياد چئاڀيئيءَ تي رکيو ويو آهي، تڏهن سنڌي ٻار اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويندا. اعليٰ تعليم کان محروم ٿي وڃڻ جي حالت ۾، هو اعليٰ سرڪاري ملازمتن جا اهل رهي ڪونہ سگهندا: اِها سنڌن اقتصادي تباهيءَ جي نشاني آهي. اقتصادي تباهيءَ سان گڏ، سنڌ جي باشندن جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي تباهي پڻ سنڌي زبان جي حيثيت ڪي ڪيرائڻ جو لازمي نتيجو رهندي. اڙدو زبان سان سيني رعايتن جي وابستگيءَ سبب، سنڌي ٻارن کي مجبور ٿي سنڌي زبان جي تعليم ترڪ ڪرڻي پوندي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو ايندڙ ويهن سالن کان پوءِ سنڌي زبان ۾ لکڻ پڙهڻ وارو ڪو مشڪل سان ملندو. ان ڪري، سنڌي زبان جو اڳيون سمورو لٽريچر وڃي ميوزم جي حوالي ٿيندو، ۽ وڌيڪ لٽريچر پيدا ٿي ڪونہ سگهندو: سنڌي زبان جي اديبن، مصنفن ۽ ناشرن جو ذريعہ معاش ختم ٿي ويندو، سنڌ جون اخبارون بند ٿي وينديون، ۽ سنڌي زبان صرف غسلخاني ۽ بستري جي زبان وڃي رهندي — جيئن اڄڪلهہ پنجابي زبان آهي.

"اِها تباهي صرف علائقائي اعتبار کان نہ، بلڪ ملڪي ۽ قومي لحاظ کان پڻ ناقابل برداشت آهي. سنڌ جو علم ۽ ادب، سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌ جو تمدن، پاڪستان جي هڪ وڏي دولت آهن: اها دولت سنڌي زبان جي خاتمي سان فنا ٿي ويندي. ليڪن افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي تہ صرف ڪن سياسي مصلحتن جي ڪري، انهيءَ دولت کي تباهہ ڪرڻ کان بہ گريز نٿو ڪيو وڃي!

"سنڌ جا باشندا پاڪستان جا وفادار شهري آهن، ۽ کين پاڪستان ۾ زنده رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو اهڙوئي حق آهي، جهڙو ٻين شهرين کي. جيڪڏهن سنڌن زبان کي هھڙيءَ ريت فنا ڪيو ويو تہ پوءِ آخر سنڌ جا باشندا ڪهڙيءَ ريت زنده رهي ۽ ترقي ڪري سگهندا؟ سنڌ جي علائقائي حدن کي اڳ ۾ ئي ختم ڪيو ويو آهي، سنڌ جي سياسي قوت کي اڳ ۾ ئي پامال ڪيو ويو آهي، ۽ سنڌ جي اقتصادي تباهيءَ جا سامان اڳ ۾ ئي مهيا ڪيا ويا

سنڌ وارا پنهنجي اها شڪايت اعليٰ اختياريءَ وارن تائين به پهچائي چڪا آهن. مگر ڏسجي پيو ته ان تي اجا پورو توجهه نه ڏنو ويو آهي.

”جڏهن ته ڪميشن جي سفارشن چوطرف ناراضگي پيدا ڪئي آهي، ۽ حڪومت به ڏگري ڪورس متعلق مطالبو منظور ڪري چڪي آهي، تڏهن بهتر ٿيندو ته باقي مطالبن تي به فوري طور تي غور ڪيو وڃي، ۽ اهڙا فيصلا ڪيا وڃن، جي شاگردن کي مطمئن ڪري سگهن، ۽ ملڪ ۾ تعليم به ترقي ڪري سگهي، جنهن جي بعض حيرت انگيز سفارشن الٽو تعليم کي سخت نقصان پهچايو آهي.“ [اربع، ٣-آڪٽوبر، ١٩٦٢ع]

## روزانه ”خادم وطن“، حيدرآباد.

”سنڌي زبان جي اڳوڻي حيثيت کي سرڪاري طور برقرار رکڻ لاءِ سنڌ جي سياسي رهنمائن، تعليمي ماهرن، اديبن ۽ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي ميمبرن جو تازو مطالبو، سنڌ جي عوام جي جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪرڻ سان گڏ، سنڌي عوام جي هن ڪان اڳي ڪيل مطالبن کي به دهرائي ٿو. اِهي مطالبا سنڌي عوام انهيءَ وقت کان وٺي پيش ڪيا آهن، جڏهن مارشل لائي حڪومت تعليمي سڌارن جي مقصد سان تعليمي ڪميشن قائم ڪئي، ۽ ان ڪميشن ۾ سنڌي زبان جي تعليمي حيثيت جي نقطه نظر پيش ڪرڻ ۽ سنڌي عوام جي نمائندگيءَ جي حق ادا ڪرڻ وارو ڪوبه سنڌي ميمبر ڪونه هو. نتيجو اهو نڪتو جو تعليمي ڪميشن، سنڌ جي جداگانه حالات تان نظرون هٽائي، سنڌي زبان جي اڳوڻي تعليمي حيثيت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ سنڌي زبان جي ترقيءَ جا سيئي دروازا بند ڪري ڇڏيا، حالانڪ سنڌي زبان جي اعليٰ تعليمي حيثيت جي مدنظر، ان سان همدردانه ۽ منصفانه رويو اختيار ڪيو وڃي ها.

”جيڪڏهن تعليمي ڪميشن، تعليمي زبان جي متعلق، تعليمي جذبات سان ۽ تعليمي اصولن کي سامهون رکي، انصاف جي تارازيءَ ۾ توري ڪي سفارشون ڪري ها ته سنڌي زبان جو حق تلف نه ٿي سگهي ها. تعليمي ڪميشن سنڌي زبان جي تعليمي حيثيت لاءِ حڪومت جي سياسي پاليسيءَ کي ترجيح ڏني، پر تعليمي نفسيات ۽ لسانيات جي مشهور بين الاقوامي اصولن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. تعليمي ڪميشن بين الاقوامي تعليمي ماهرن جي انهن راين کي به نظرانداز ڪري ڇڏيو، جن ۾ چيل آهي ته تعليم جو آسان ذريعو مادري زبان آهي. تعليمي ڪميشن هي به نه سوچيو ته اولهه پاڪستان جي هن ترقي يافته زبان جي هڪ صديءَ کان هلندڙ تعليمي ۽ سرڪاري حيثيت جي خاتمي سان، هڪ ڪروڙ کان زياده ماڻهو متاثر ٿيندا ۽ اها زبان بلڪل ختم ٿي ويندي. انهيءَ مان ظاهر آهي ته تعليمي ڪميشن سنڌي زبان کي دانسته ختم ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي، جا ڳالهه ناقابل برداشت آهي.“

[خميس، ٤-آڪٽوبر، ١٩٦٢ع]

